


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انسانيت جو
# ازلي ورثو

ابوالڪلام آزاد

سهيڙيندڙ ۽ سنڌيڪار:
نور احمد ميمڻ

Sindhica
سنڌيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب نمبر

63

حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: انسانيت جو ازلي ورثو
مصنف: ابوالڪلام آزاد
سهيڙيندڙ ۽ سنڌيڪار: نور احمد ميمڻ
پهريون ڇاپو: 1997ع
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي

ملهه: 30 رپيا

**"Insaaniat jo Azali Warso"**
(Selected Paragraphs from Tarjuman ul Quraan)
By: Abul Kalaam Azad
Compiled & Translated by: Noor Ahmed Memon
Published by: Sindhica Academy, Karachi-74400
Ph: 7737290

**Price: Rs. 30.00**

لکيڙهه ۽ وي پيءَ ذريعي گهرائڻ لاءِ

**سنڌيڪا اڪيڊمي**

B-24 نيشنل آٽو پلازه، مارسٽن روڊ
پوسٽ باڪس نمبر: 7363، ڪراچي 74400

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


سهيڙيندڙ پاران ........ 5

معبود بابت تصور ........ 9

ربوبيت (پالڻهاريءَ) جي صفت ........ 22

صفت رحمت ........ 49

صفت رحمت ۽ انسان ........ 69

خدا جي صفت عدل ........ 84

وحدت دين ........ 90

وحدت انساني ........ 106

اسلام جو پيغام ........ 126

شڪ ۽ يقين ........ 165



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

# سهيڙيندڙ پاران

مولانا ابوالڪلام آزاد پنهنجي عهد جي سڀ کان وڏي مدبر ۽ مفڪر شخصيت هو، جنهن جي موت تي برٽرنڊ رسل چيو هو ته اهو فيثاغورث ۽ هيگل کان پوءِ دنيا جي وڏي انسان جو موت آهي.

سورهن سالن جي عمر ۾ ”لسان صدق“ رسالو جاري ڪيائين جنهن هندستان جي مسلمانن ۾ سجاڳيءَ جي لهر پيدا ڪئي. 13 جولاءِ 1912ع تي الهلال جو پهريون شمارو شايع ٿيو ته انوقت مولانا آزاد جي عمر چوويهه سال هئي. ان رسالي، قومي، سياسي ۽ سڌارڪ مقصدن جي لاءِ جيڪا ڪاميابي حاصل ڪئي، ننڍي کنڊ ۾ اڄ ڏينهن سوڌو ان جي ڪا پيٽا ئي ڪونهي. سياسي ميدان ۾ هي پهريون آواز هو جيڪو عليڳڙهه اسڪول جي ڪانگريس دشمني ۽ انگريز دوستيءَ جي خلاف بلند ٿيو. ان کان اڳ ۾ سياسي طور تي سرسيد جي 1857ع کان پوءِ اختيار ڪيل انگريز نواز پاليسيءَ تي ڪليل تنقيد جي ڪوبه جرئت ڪري نه سگهيو هو. الهلال پوري قوت ۽ جرئت سان انهيءَ طريقي ڪار جي مدي خارج ۽ بي مقصد رکن کي وائکو ڪرڻ شروع ڪيو. انهيءَ جو نتيجو هي نڪتو جو هندستان جي مسلمانن ۾ انگريزن جي غلاميءَ تي خار کائڻ جو عمل شروع ٿيو ۽ جلدي پوءِ ان غلاميءَ جي خلاف نفرت جي تيز لهر شروع ٿي. جيئن ته مولانا آزاد اهو تحرڪ ديني لباس ۾ پيدا ڪيو، انڪري اهو ايترو ته موثر نڪتو جو انگريزن کي بار بار الهلال کان ضمانتون وٺڻيون پيون، يا ان کي بند ڪيو پئي ويو، يا وري ان جي ايڊيٽر مولانا آزاد کي جيل جو هوائون پئي کارايون ويون. بعد ۾ اهو سلسلو هندستان جي آزاديءَ تائين جاري رهيو. هندستان جي آزاديءَ لاءِ سياسي طريقن سان ويڙهه وڙهندڙن ۾ مولانا سڀ کان وڏيڪ عرصو يعني زندگيءَ جا پورا پندرهن سال جيل ۾ رهيو. سندس علميت ۽ سياسي تدبر جي مڃيا ۾ کيس ٽي ڀيرا مسلسل انڊين نيشنل ڪانگريس جو سربراهه چونڊيو ويو. جڏهن پهريون ڀيرو کيس صدر چونڊيو ويو ته ان وقت سندس عمر پنجٽيهه سال هئي.

هندستان کي ان وقت انگريز سامراج هر صورت ۾ تقسيم ڪرڻ جو عهد ڪري رکيو هو جو کين گڏيل هندستان جي آزاديءَ سان، هڪ مضبوط قوت جي طور تي ايشيا ۽ آفريڪا جي غلام قومن جي لاءِ سهارو بنجڻ ۽ ٽين دنيا جو هڪ آزاد بلاڪ وجود ۾ اچڻ جو خطرو سامهون هو. ليڪن مولانا ابولڪلام آزاد ان وقت به مايوس نه ٿيو ۽ هو نئين صورتحال سان منهن ڏيڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي لاءِ مستعد هو. هن آزاد ڀارت هندستان ۾ وزير تعليم جو منصب جو سنڀاليو ۽ اتان جي تعليم کي نئين دنيا جي تعليم سان ڪلهو ملائڻ ۽ خودمختيار هندستان جي تعمير واري جذبي سان سرشار ڪيو. تعليم جي سڌاري جو اهو تسلسل هيئنر به دنيا جي قومن ۾ هندستان جي لاءِ فخر جو باعث آهي.

علمي ۽ ديني خدمتن جي حوالي سان مولانا آزاد پنهنجي سموري زندگي هڪ پرچارڪ واري حيثيت ۾ گذاري. سندس فڪر ۽ پرچار جو بنياد قرآن مجيد هيو، جنهن جي سمجهه قدرت جي طرفان سندس خمير ۾ شامل هئي. پاڻ مڪي مڪرم ۾ ڄائو، سندس ماءُ عربياتي هئي ۽ سندس والد سيد خيرالدين شاهه هندستان جو هڪ وڏو عالم ۽ بزرگ هو. ماءُ کيس عربيءَ ۾ لوليون ڏنيون، ان ڪري هندستان جي هن ذهين ترين ٻارڙي جي مٿان عربي شناسيءَ ذريعي قرآن فهميءَ جا ابتدا عمر ۾ ئي نقش گهرا ٿيندا ويا. اهوئي سبب آهي جو هن ديني علمن جو مروج درس نظاميءَ جو ڪورس پندرهن سالن جي عمر ۾ پورو ڪري ورتو. علم جي ان پختگيءَ جو نتجو هو، جو ابتدا عمر ۾ لکيل لسان صدق ۽ الهلال جي مضمونن جي عالمائي انداز سڄي هندستان جي سڄاڻ ماڻهن کي پنهنجي طرف متوجهه ڪيو. مولانا آزاد صحافتي ۽ سياسي سرگرمين جي باوجود هن ڪيترائي ڪتاب لکيا جن ۾ "ترجمان القرآن"، تذڪره، "غبار خاطر" خاص طور تي ذڪر لائق آهن. انهيءَ کان علاوه اڻ ڳڻيا، مستقل ۽ پوئلڳن جا سهيڙيل ڪتاب آهن، جيڪي سڀ جو سڀ جي سندس عالمائي ڪمال تي دلالت ڪن ٿا. ترجمان القرآن مولانا ابوالڪلام آزاد جي علمي ڪمال جو اهڙو شاهڪار آهي جيڪو جديد دور ۾ قرآن فهميءَ جي سڀني عالمائي ڪاوشن جو ماخذ بڻيو آهي. مولانا آزاد قرآن جي ترجمي ۽ تفسير جي سلسلي ۾، شروع ۽ وچين دور جي عالمن واري طريقي ڪار کان هٽي قرآن جي ڏاهپ کي انساني فڪر جي سموري سڌريل تسلسل سان ڳنڍي ان جي هدايت وارين وٿن تان حجاب هٽايا. اهڙي طريقي سان هن شاهه ولي الله جي نقش قدم تي هلي قرآن کي مفسرن جي، چوڏهن سؤ سال اڳ جي شان نزول بيان ڪرڻ واري دائري مان اُجو ڪري ان کي انسانيت لاءِ ابدي ۽ ازلي ورثي واري حيثيت ۾ پيش ڪيو. مولانا آزاد جي عالمائي استدلال، بعد جي ٻين عالمن ۾ به اها جرئت ۽ ساڀيان پيدا ڪئي، جنهن سان پرچار ۽ سڌاري جون نيون علمي واٽون سامهون اينديون ويون.

گڏيل هندستان جي تقسيم کان پوءِ هندستان جي ترقي پسند عالمن جو جمعيت علماءِ هند سان لاڳاپيل وڏو حصو هندستان ۾ رهجي ويو ۽ جيڪي ٿورا ماڻهو هتي بچيا تن مان ڪجهه ان سلسلي کان ٽٽڻ تي صدمي مان دليون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاري ويٺا ۽ ڪجھ ان ني عرصي ۾ راھ رباني وٺندا ويا. نتيجي ۾ جمعيت علماءِ هند جو تحريڪي ۽ پرچارڪ سلسلو هتي ٽٽو پنجي ويو . ان جي جاءِ تي هندستان مان آيل قدامت پسند مولوين جي اڳواٽيءَ ۾ دين جي نالي تي نيون دڪانداريون شروع ٿيون. سنڌ جي سوسائٽيءَ جو صوفياڻو روح انهن دين ۾ ملاوٽ وارين دڪاندارين کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو. ان صورتحال ۾ ٿيڻ ايئن گهربو هو تہ انهن ترقي پسند عالمن جو پوئلڳ گروھ نئين قدامت پسند مذهبي يلغار سان مزاحمت ۾ دين جي حقيقي خداپرست ـ انسان دوست فڪر جي آبياريءَ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري ها. ليڪن مولانا تاج محمود امروٽي، مولانا محمد صادق کڏي وارو، مولانا عبيدالله سنڌي، مولانا فتح محمد سيوهاڻي ۽ اهڙي ڪجھ ٻين عالمن جي وفات کان پوءِ عوام جي ديني رهبري جي اها روشن خيال تحريڪ سگهاري نہ رهي سگهي. انفرادي طرح ان لڏي جي ڪجھ ماڻهن پاڻ کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي، پر انهن مان ڪن جي بي عمليءَ کين اڳتي وڌڻ نہ ڏنو ۽ ڪجھ پاڻ بہ اهڙن هٿن جي ور چڙهي ويا جيڪي بزرگيءَ جي لباس ۾ شاھ ولي الله جي سلسلي سان نسبت جا ڪوڙا دعويدار هئا. نتيجي ۾ قدامت پسندن جي تيز سرگرمين جي ڪري دين جي اصل روح ۽ تعليمات تي پردا پوندا ويا ۽ اسلام جي اصل خدا پرست- انسان دوست فڪر جي جاءِ تي رجائيت پسند فڪر کي اوسر ملندي رهي.

هي اهڙو عرصو هو جنهن ۾ سائنسي ترقي ۽ نظرين جي عملي مظاهرن انساني ڄاڻ جي وسعتن کي بي ڪنار ڪري ڇڏيو هو. هڪ زبردست ذهني انقلاب شرڪ ۽ وهم پرستين جي سيني غلاظتن کي پاڻ ئي ڌوئي ڇڏيو هو ۽ اهڙيون فڪري تبديليون پيدا ڪيون، جيڪي توحيد جي عين موافق هيون.

اهڙيءَ طرح سائنسي انقلاب جي نتيجي ۾ ڪائنات کي تجربي ۽ مشاهدي جي روشنيءَ ۾ پرکڻ جي ڪري، ڪائنات جون اهڙيون لڪل فطري حقيقتون انسان جي علم ۽ ڄاڻ ۾ آيون، جيڪي اسلام جي تعليمات جي تصديق ڪن پيون. ضرورت صرف هن ڳالھ جي هئي تہ انهن تبديلين جي اثرن کي توحيد جي حوالي سان پرچارڪ ۽ سڌارڪ طريقن ذريعي جديد علمن واري طبقي ۾ استعمال ڪيو وڃي ها، جيڪو طبقو مختلف طريقن سان سماج تي اثرانداز ٿيندڙ هو. انهيءَ عرصي ۾ سموري دنيا جي اسلامي ملڪن اندر ان انداز سان ڪم ٿي رهيو هو، ليڪن هتي اسانجي سنڌ ۾ معاملو ابتڙ هو. جيڪي ٻاهريان مولوي آيا انهن جي سنڌ جي شعور سان ڪا دلچسپي ڪونہ هئي، انهن کي تہ ٻين ٻاهران آيلن وانگر صرف پنهنجو حصو تڪڙو هو. باقي جيڪي هتان جا هئا تن جي اڳواٽي جو نہ رهي تہ پوءِ مدرسا ۽ مسيتون وسائڻ ۾ پنهنجي عافيت سمجهيائون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻين سڀني آسماني ڪتابن وانگر قرآن جو مقصد بہ الله جي ٻانهن جو ان سان لاڳاپو قائم ڪري انهن کي توحيد تي قائم رکڻ آهي. انساني سوسائٽي ۾ الله جي صفتن جي ايثار ۽ زندگيءَ جي سڀني دائرن ۾ انجي پالڻهاري، رحمت ۽ عدل واري نظام جو قيام، قرآن جو بنيادي فڪر آهي. انهي منصب کي سگهارو ۽ دائمي بڻائيندڙ شيءِ آخرت جو عقيدو آهي. هنن ٻنهي بنيادي عقيدن جي پرچار ۽ سڌاري جو ڪم انسانيت جي منصب جي تڪميل آهي، جنهن ڪاڻ اسان جون سڀ مذهبي ڌريون وانجهيون رهيون. انهن وٽ مذهب يا دين جي نالي تي ڪرڻ لاءِ سڀ ڪجهه هو، پر انهيءَ مقصد کي پنهنجي ماڻهن تائين پهچائڻ لاءِ ڪا تياري ڪونہ هئي. حالانڪ جيئن اڳ ۾ عرض ڪيو ويو تہ هي سائنسي دؤر فطرت جي صداقن جو شاهد دؤر آهي، جنهن ۾ جمهوري حقن ۽ ميڊيا جي نت نون ذريعن جي موجودگيءَ ۾ انهيءَ منصب کي وڏي آسانيءَ سان توڙ تي پهچائي سگهجي پيو. پر اسان انهيءَ لاءِ فطرت جي پيدا ڪيل اسباب کي استعمال ڪرڻ لاءِ تيار ڪٿي هئاسون ۽ ساڳيو ئي چاڪيءَ جي گهاتي ۾ ڏاند ٻڌجي گهلبا رهيا سين.

ديندار طبقن جي ان پورڙائپ ۽ سائنسي يا نظرياتي ترقيءَ جي ان صورتحال مان، هتي ڳڻ ڳڻين دين مخالف ماڻهن کي فائدو وٺڻ جو موقعو ملي ويو. انهن پنهنجي لکڻين ذريعي قدامت پرستيءَ جي خلاف احتجاج جي آڙ ۾ مرڳو ئي دين اسلام کي پنهنجو نشانو بڻايو. ڇاڪاڻ تہ هُنن کي سياسي ۽ سماجي زندگيءَ ۾ ڪجهه محرومين ۽ ناڪامين جو منهن ڏسڻو پيو هو، انهيءَ ڪري سندن ردعمل شديد جارحاڻو هو. ان وقت جيئن تہ پاڪستان جي قيادت پنهنجي ڏڪاريل مقصدن ۾ اسلام جو نالو استعمال ڪري رهي هئي. ان ڪري انهن ماڻهن پاڪستان ۽ دين اسلام کي هڪ ئي نشاني تي رکيو. پوءِ تہ سندن تحريرن جو هر ٻيو پيراگراف دين اسلام جي خلاف نفرت، اسلام جي شعائر، نشانين ۽ عبادتن جي مذاق ۽ چٿرن سان سينگاريل هو. حالانڪ اهي سڀ ڳالهيون سيڪيولر ازم جي اصولن ۽ مذهبي رواداريءَ جي بہ خلاف هيون. جيڪڏهن دين اسلام تي اهڙيون چٿرون رواجي طرح ڪوبہ ڪري تہ سنڌ جا مذهبن جو احترام ڪندڙ صوفي منش ماڻهو ڪين چيهون چيهون ڪري وجهن، پر جيئن تہ اهو سڀ ڪجهه نيشنلزم جي اوٽ ۾ ٿي رهيو هو ان ڪري سنڌ جو فطري طرح قوم پرست نوجوان ۽ پڙهيل طبقو، جيڪو ڪنهن بہ مؤثر ديني پرچار ۽ رهنمائيءَ ڪان وانجهو هو، پنهنجي تعليمي دور ۾ انهن ڳالهين جو اثر وٺندو رهيو. نتيجي ۾ دين، جيڪو هڪ سماجي ضابطي جي موثر حيثيت اختيار ڪيل هو، ان ضابطي جي ڊرائي هڪ ڇتي ڇڙواڳيءَ جي صورت ۾ سامهون اچڻ لڳي. ٻئي طرف سڀ ڪان وڏو نقصان اهو ٿيو جو سنڌ جي قومي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تحريڪ کي انهن تيزن جي ڪري عوامي پذيرائي حاصل نہ ٿي سگهي.

1960ع جي ڏهاڪي کان وٺي هيستائين گهڻ ۾ گهڻ سنڌ جي نئين نسلن کي انهيءَ ذهني چرواڳيءَ جي پرچار پنهنجي گرفت ۾ رکيو آهي. ۽ ان وقت کان وٺي اسان جي پٺتڪڙ تورڙي غلاميءَ جو عمل جيئن پوءِ تيئن تيز ٿيندو پيو وڃي.

انهيءَ صورتحال ۾ ضروري آهي تہ اسان پنهنجي ايندڙ نسلن کي انهيءَ ويڳاڻائپ ۽ بي نشان منزل جي سفر واري ڏہڻ مان ڪڍڻ لاءِ اسان پنهنجي ماڻهن جي اڳيان دين اسلام جي ان اصل خداپرست - انسان دوست فڪر جي آبياري ڪيون، جنهن جا ڏاڳا اسان جي سنڌ جي صوفي فڪر ۽ گڏيل هندستان جي ترقي پسند عالمن جي تحريڪ سان ڳنڍيل آهن. اهائي هڪ وٿ آهي جيڪا اسان کي ذهني ۽ فڪري چڙواڳيءَ جي موجوده ڏہڻ مان ڪڍي سگهي ٿي. اسان جي سنڌ، دين اسلام جي روح مان سرجيل صوفي فڪر جي اصولن ۽ روايتن سان ايتري مالامال آهي جو انساني زندگيءَ جي سڀني شعبن ۾ پنهنجي نوجوانن جي رهنمائي ڪري سگهجي ٿي. ضرورت صرف هن ڳالھ جي آهي تہ اسان دين جي غلبي لاءِ هڪ "خير امت" جي حيثيت ۾ پرچار ۽ سڌاري واري اعليٰ منصب کي سنڀالي وٺون.

مولانا ابوالڪلام آزاد اسلام جي ترقي پسند فڪر جو ننڍي کنڊ ۾ هڪ وڏو پرچارڪ رهيو آهي، ان ڪري اسان ان جي شاهڪار علمي ڪاوش "ترجمان القرآن" جي ٽنهي جلدن مان اهم موضوعن جي چونڊ ۽ نچوڙ هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي. انهن سڀني موضوعن کي هن ڪتاب ۾ باقائدي تسلسل سان هڪ ڪتابي شڪل ۾ آندو ويو آهي. گڏوگڏ ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ ابوالڪلام جي تحرير جي نهايت علمي ۽ ادبي اسلوب کي سولو سنڌي قالب ڏنو وڃي.

هن سلسلي ۾ علامہ علي خان ابڙي جو ڪيل قرآن مجيد جو ترجمو ۽ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي چونڊ لکڻين جو ڪتاب مذهب جو فلسفو اڳ ۾ ڇپرائي ڪري چڪا آهيون، جنهن بيحد مقبوليت ماڻي. اميد آهي تہ هي ڪتاب بہ اسان جي ماڻهن لاءِ ديني فڪر جي معلومات ۽ رهنمائيءَ جو وڏو پنڌار ثابت ٿيندو.

**نور احمد ميمڻ**

چيئرمين

سنڌيڪا اڪيڊمي

3- فبروري 1997ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## معبود بابت تصور

ڪنهن به مذهب جي مطالعي ۾ سڀ کان پهرين ڏيان ڇڪائيندڙ ڳالهه هي هوندي آهي ته انهيءَ مذهب جي معبود بابت تصور جي نوعيت ڪهڙي آهي. اهو انهيءَ ڪري جو آخرڪار مذهب جو اهو پهلو ئي زندگيءَ کي سندس قدر ۽ قيمت جو معيار عطا ڪندو آهي.

معبود بابت تصور جي تاريخ به هڪ عجيب و غريب تاريخ رهي آهي. مادي جو مثال وٺندي ڪنهن شخص کي معبود بابت تصور جي تشڪيل ۾ به تدريجي ارتقا (Evolution) جو ڏوڪو ڏئي سگهي ٿو. حالانڪ معاملو انهيءَ جي بلڪل ابتڙ آهي. خدا جي هستيءَ جو اعتقاد ڪهڙي به دور ۾ انساني ذهن جو پنهنجو ڪارنامو ناهي رهيو جو هينان کان مٿاهين طرف ان جي نشونما کي ڳولهي ڪڍجي، بلڪ اهو اعتقاد انساني فطرت جي ماهيت يا خلقت ۾ ئي شامل آهي ته هو ڪنهن برتر هستيءَ کي مڃي. قرآن شريف ۾ ٻڌايل آهي ته انسان سڀ کان پهريائين خدا جي جيڪا خيالي تصوير ٺاهي اها ان جي يڪتائي ۽ توحيد جي تصوير هئي. هڪ اهڙي اڻ ڏٺل ۽ برتر هستي جنهن انهن سيني شين کي پيدا ڪيو جن کي انسان پنهنجي چئني طرفن ۾ ڏسي ۽ محسوس ڪري سگهيو پئي. پوءِ آهستي آهستي اها تصوير بدلبي وئي ۽ ان ۾ هڪ طرح جو زوال پيدا ٿيندو ويو، ايستائين جو خدا جي توحيد جي بجاءِ معبودن جي اشتراڪ ۽ تعداد جو تصور ايرڻ لڳو. ٻين لفظن ۾ انسان جي مذهبي تاريخ ۾ ارتقا جي بجاءِ رجعت (پوئتي موٽڻ) جو عمل ڪارفرما نظر اچي ٿو. باقي جيستائين صفات الاهي يا معبود برحق جي صفتن جو تعلق آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ان ۾ ارتقا جي نظريي سان تحقيق ۽ جستجو جي ميدان ۾ ڀرپور مدد ملي سگهي ٿي.

يورپ جي عالمن جي هيءَ سوچ ته توحيد جي عقيدي کي تدريجي ارتقا جو نتيجو قرار ڏنو وڃي. ارڙهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ سامهون آئي. ليڪن هن سوچ تي ٻڌل اڪثر نظريا اڻويهين صدي جي پوئين اڌ ۾ مرتب ٿيا. انوقت فطرت جي عام مظهرن. ٻي جان شين جي پوڄا، روايتن، هٿ نوڪين قصن، سج چنڊ تارن جي پوڄا ۽ جادو ٽوڻن جي عقيدن ۾ خدا پرستيءَ جي ابتدا جو تعين ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. انهن مختلف نظرين جنهن خيال کي اڀاريو سو هيو ته "زندگيءَ جي ٻين مظهرن وانگر توحيد الاهيءَ جو تصور به هڪ تدريجي ارتقا جو نتيجو آهي".

ليڪن ويهين صديءَ جي هڪ انقلاب جهڙي انڪشاف ان خيال کي لوڏن ۾ آڻي ڇڏيو. ڏکڻ اوڀر آسٽريليا ۽ پوئنچ سمنڊ جي جزيرن ۾ رهندڙ قبيلا ۽ ان کان پوءِ اتر آمريڪا جي انهن قديم قبيلن جي باري ۾، جيڪي تاريخ کان به اڳ واري دور کان وٺي اڄ تائين زندگيءَ جي اهڙن تمام پراڻن طريقن تي ڪاربند آهن، جن جي تهذيبي دامن ۾ ارتقائي ترقيءَ جو نالو نشان به نظر نه ٿو اچي، جڏهن انهن تي تحقيقي ڪم ٿيو ۽ وري مصر، عراق ۽ موهن جي دڙي جي کوٽاين جا آثار سامهون آيا ته اها حقيقت بلڪل چٽي ٿي وئي ته انسان جو توحيدي اعتقاد ڪنهن ارتقائي سلسلي جي ڪڙي ڪونهي. اهڙي ريت جديد سامي اثريات جي مطالعي مان به انهيءَ نقطهٔ نظر جي تصديق ٿئي ٿي ۽ خبر پوي ٿي ته سڀ سامي قبيلا پنهنجي ابتدائي دور ۾ هڪ ئي اڻ ڏٺل خدا تي اعتقاد رکندا هئا. پهرين مهاڀاري لڙائي کان پوءِ حجاز جي وادي "عقبه" ۽ اتر شام جي "راس شمير" مان جيڪي آثار مليا، انهن مان هن تاريخي حقيقت کي اڃا به وڌيڪ پختگي ملي. مختصر اهو ته ويهين صديءَ جي علمي تحقيق ۽ ڳولا انهيءَ ڳالهه کي ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته سڀ کان پهريائين انسان جي دل ۾ جيڪو عقيدو پيدا ٿيو اهو توحيد الاهي (هڪ معبود کي مڃڻ) جو عقيدو هو.

ائين ٿو معلوم ٿئي ته جڏهن انسان پهريون ڀيرو هن دنيا ۾ پنهنجي اک کولي ته هو پنهنجي فطرت ۽ ان ماحول تحت، جنهن ۾ هن پاڻ کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهيريل ڏنو، هڪ هستيءَ جي اعتقاد تي مجبور ٿيو. اها هستي جيڪا انهن سڀني شين کي پيدا ڪندڙ هئي جن کي هو پنهنجي چوڌاري ڏسي رهيو هو. پوءِ اڳتي هلي آهستي آهستي انسان انهن سڀني صفتن ۽ خاصيتن کي به ان اڪيلي هستيءَ جي ذات سان وابسته ڪرڻ شروع ڪيو. جيڪي هن جي پنهنجي صفتن ۽ خاصيتن سان هڪجهڙائي رکندڙ هيون. ۽ اهڙي طرح سان هن جي توحيد واري ابتدائي عقيدي ۾ هڪ متاستا واري شڪل پيدا ٿي ٿي لڳي. ٻين لفظن ۾ انسان اڪيون روشنيءَ ۾ کوليون هيون ۽ پوءِ آهستي آهستي اونداهي ڦهلجڻ لڳي. ڇاڪاڻ جو مصر، يونان، هندستان، چين ۽ ايران انهن سڀني ملڪن جي روايتن مان اها پروڙ پوي ٿي ته منڍ ۾ انسانيت فطري هدايت جي زندگي گذاريندي هئي. انجيل قطعي انداز ۾ آدم جي وجود کي هڪ بهشتي وجود قرار ڏنو آهي، پوءِ جڏهن ان جي پيرن کي لوڏو آيو تڏهن اهو ان بهشتي زندگيءَ کان محروم ڪيو ويو. روشنيءَ جي لاٽ پهريون نروار ٿي آهي ۽ اونداهي بعد ۾ آئي آهي، قرآن جو اعلان به ساڳيو آهي:

ڪان الناس الا .....

"ابتدا ۾ سڀ انسان هڪ ئي گروهه هئا يعني الڳ الڳ رستن تي ورهايل نه هئا، پوءِ اختلافن ۾ پئجي ويا." (يونس-١٩)

وما ڪان الناس امة .....

"ابتدا ۾ سڀ انسان هڪ ئي گروهه هئا، يعني فطري هدايت جي هڪ ئي واٽ تي هئا. پوءِ الله نيڪ عمليءَ جي نتيجن جي بشارت ڏيندڙ ۽ بدعمليءَ جي نتيجن کان ڊيڄاريندڙن نبين کي حق جو ڪتاب ڏئي موڪليو ته جيئن انهن کي اختلافن جي ڏٻڻ مان ڪڍي اچن." (بقره-٢١٣)

جيستائين مذهبن جي اختلافي رستن جو مسئلو آهي، انهن جو تعلق وجود الاهي سان ناهي بلڪ اهي اختلاف گهڻو ڪري صفات الاهي جي باري ۾ ملن ٿا. انساني عقل محسوسات جي دائري ۾ محدود آهي، يعني جيڪا شيءِ هو محسوس ڪري ٿو ان کي مڃي ٿو. عام طور تي ان جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تصور ان دائري کان ٻاهر قدم نہ ٽو ڪڍي. ان ڪري انساني عقل ذات مطلق جي تصور جو آسانيءَ سان احاطو نہ ٿو ڪري سگهي. جڏهن هو ڪنهن اڻ ڏٺل شيءِ جي تصور جي ڪوشش ڪري ٿو تہ پوءِ اهو اڻٽر آهي تہ ان جي تصور ۾ ساڳيون صفتون اچي وڃن جن جو ادراڪ هن کي خود پنهنجي ذات ۾ هوندو آهي. انهيءَ ڪري شروع دور کان معبود جي صفتن جي جيڪا تصوير انسان جي ذهن ۾ پيدا ٿيندي هئي، لازمي طور تي ان ۾ ان جي ذهني ٻاروتڻ جو رنگ موجود هوندو هو. پوءِ وقت گذرڻ سان گڏوگڏ جيئن جيئن ان جو ذهن ترقي ڪندو ويو، ان جي مطابق ان جو معبود بابت تصور بہ بدلبو ويو. ايستائين جو جيتريون اعليٰ صفتون انسان جي پنهنجي ذات ۾ پيدا ٿينديون ويون، هو پنهنجي معبود جي صفتن کي بہ انهن جي مطابق بلند ڪندو ويو. انهيءَ نقطئہ نظر جي لحاظ کان خدائي صفتن جي باري ۾ انساني تصورات جي ارتقائي رفتار جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. انهيءَ ارتقائي سلسلي جون ٽي پڌريون ڪڙيون آهن جيڪي هڪ ٻئي سان جڙيل آهن. هڪ، تجسم[1] ۽ تشبہ[2] کان تنزيہ[3] جي طرف- ٻيو تعداد ۽ شراڪت کان توحيد جي طرف- ٽيون قهر ۽ جلال جي صفتن کان رحمت ۽ جمال جي صفتن طرف.

هتي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ خدا جي متعلق انسان جو ابتدائي تصور قهر ۽ جلال جي صفتن کان ڪيئن شروع ٿيو. ان جو ڪارڻ واضح آهي. ڪائنات جي فطرت جو تعميري حسن تخريب جي پردي پنيان لڪل آهي. انساني فڪر پنهنجي ٻاروتڻ ۾ تعمير جو لڪل حسن ڏسي نہ سگهيو سو هو تخريب جي ڇرڪائيندڙ مظهرن کان ڏڪي ويو. تعمير جو حسن ۽ جمال ڏسڻ لاءِ سمجهہ ۽ سوچ جي گهرائي گهربل هئي، جيڪا وقت جي رفتار سان تدريجي طور تي انسان کي حاصل ٿي. اهو ئي سبب آهي جو سڀ کان پهريون جڏهن انساني عقل معبود وارين صفتن يا صفات الاهي جي صورت ڏسڻ گهري تہ ڪائنات جي فطرت وارن ڏڪائيندڙ مظهرن جي دهشت جو مٿس جلد اثر ويهجي ويو ۽ تعمير ۽ حقيقت جي اثرن ونڻ ۾ هن کي گهڻي دير لڳي. ڪڪرن جي گجگوڙ، ڪنوڻ جي

---

(١) ڪابہ جسماني شڪل (٢) جهڙيس ڪابہ شيءِ (٣) بيمثال



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڙڪن، آتش فشان پهاڙن جي اُلن، زمين جي زلزلن، آسمان مان ڳڙن جي وسڻ، درياهن جي سيلابن ۽ سموندن جي ڇولين، انهن سڀني ڏڪائيندڙ مظهرن انسان ۾ دهشت ۽ هيبت پيدا ڪئي ۽ هو پنهنجي خدا ڪي، هڪ غضبناڪ خدا جي ڊيڄاريندڙ صورت ۾ ڏسڻ لڳو. ڪڪرن ۽ ڪنوڻ جي خوفناڪ ڪڙڪي ۽ آتش فشان پهاڙن جي وهندڙ لاون ۾ هو حسن ۽ محبوبي جي خدا جو تصور به نه پئي ڪري سگهيو.

خود انسان جي ابتدائي رهڻي ڪهڻي جي نوعيت به اهڙي نه هئي جيڪا هن جي خوف ۽ دهشت جي جذبن کي دٻائي سگهي. هو پاڻ کي ڪمزور ۽ غير محفوظ محسوس ڪندو هو، ۽ پاڻ کان سواءِ هر شيءِ هن کي هلاڪت ۽ دشمنيءَ تي سندرو ٻڌل نظر ايندي هئي. مڇرن جي جهنڊ چئني طرف کان لامارا ڏيندڙ هئي، زهريلا جانور هر طرف سرندڙ هئا ۽ درندن جي حملن سان هر وقت مقابل رهڻو پوندو هو. مٿان سج جو تيز تاءُ ۽ سال جون بدلجندڙ موسمون هن کي پنهنجي عافيت جا دشمن نظر ايندا هئا. کيس ائين معلوم ٿيندو هو ته هر شيءِ ان جي تباهي ۽ بربادي جي پويان پيل آهي. انهيءَ ماحول جو قدرتي نتيجو هو جو انسان پنهنجي خدا جو جيڪو تصور قائم ڪيو اهو هڪ خوف ۽ دهشت جي خدا جو تصور هو. ليڪن جيئن جيئن وقت گذرندو ويو تدريجي طور تي انسان جي ذات ۽ ان جي ماحول ۾ به تبديلي ايندي وئي ۽ ان جي تصور ۾ مايوسي ۽ دهشت جي پهلوئن سان گڏ رحمت جو عنصر شامل ٿيندو ويو. تان ته معبوديت جي تصور ۾ رحمت ۽ جمال جي صفتن به اهڙي ئي جڳهه حاصل ڪري ورتي جهڙي قهر ۽ جلال جي صفتن لاءِ هئي. هن نئين بيداريءَ قهر ۽ هلاڪت جي قوتن سان گڏ لطف ۽ رحمت جي انهن قوتن جو تصور به پيدا ڪيو جيڪي رزق، دولت، حسن ۽ علم جون مظهر هيون. يونان جو علم الاصنام پنهنجي تخيل جي لطافتن جي حوالي سان انساني تاريخ ۾ بيشڪ هڪ خاص جڳهه وارو آهي ليڪن انهن جي پوڄا جا قديم معبود به قهر ۽ غضب جون خوفناڪ طاقتون هئا. هندستان ۾ اڄ ڏينهن تائين رحمت ۽ بخشش جي ديوتائن کان گهڻو وڌيڪ هلاڪت ۽ تباهي جي ديوتائن جي پوڄا ٿيندي آهي.

قرآن جي نازل ٿيڻ کان اڳ تصور الاهي جي تجسم (جسمي) ۽ تشبه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(جهڙائي) کان تنزيه (بيمثال) جي طرف هئڻ جو وڏي کان وڏو مرتبو هي هو ته ڪنهن تشبيهي سهاري کان بغير خدا جو تصور ڪيو وڃي، ليڪن جيستائين صفات الاهي جو تعلق آهي ان ۾ جذبات جي مشابهت ۽ جسم و هيئيت جي تمثيل کان ڪوبه تصور خالي نه هو. ايستائين جو بت پرستيءَ جي ڪنهن به شڪل کي جائز نه رکندڙ يهودي تصور به، هن قسم جي تشبيهه ۽ تمثيل کان بي نياز نه رهي سگهيو هو. اهو هن ڪري جو قرآن کان پهريائين انساني فڪر انهي درجي تي متاهون نه ٿيو هو جو اهو تمثيل ۽ تشبيهه جو پردو هٽائي صفات الاهي جو جلوو ڏسي وٺي. جڏهن مسيح ع گهريو ته رحمت الاهي جو عالمگير تصور پيدا ڪري ته هن به پيءُ ۽ پٽ جي تشبيهه کان ڪم ورتو. انهيءَ تشبيهه جي ڪري ئي ظاهر پرستن ڌيان ڏنو ۽ مسيح ع جي ڏنل مثال ۾ مقصد کي نه سمجهڻ ڪري، ان جي پيروڪارن خود مسيح ع کي خدا جو پٽيلو بڻائي ڇڏيو. بلڪ ڪيس خدا جو درجو عطا ڪري ڇڏيو. قرآن جي خاصيت هي آهي ته هو خدا جي تصور جي رستي مان تمثيل ۽ تشبيهه جا سڀ پردا کڻي ٿو ڇڏي ۽ خدا ۽ ان جي صفتن جو جلوو اهڙي طرح سامهون اچي ٿو وڃي جو ان ۾ ڪنهن جسماني شڪل هئڻ جو وهم به نٿو وڃي. *ليس ڪمثله شيءُ (شوريٰ-١١١)* "انهيءَ جي مثل ڪائي شيءِ ڪونهي. ڪنهن به شيءِ سان ان کي مشابهت ڏئي نه ٿا سگهو." *لاتدرکه الابصار وهو يدرک الابصار وهو اللطيف الخبير (انعام-١٣٠)* "انسان جون نگاهون ان کي ڏسي نه ٿيون سگهن ليڪن هو انسان جي نگاهن کي ڏسي ٿو. اهو لطف وارو (باريڪ بين) آهي ۽ ڪائنات کان به خبر لڪل ڪونهي." *قل هوالله احد- الله الصمد- لم يلد ولم يولد- ولم يکن له ڪفواً احد- (اخلاص)* "الله جي ذات اڪيلي آهي، بي نياز آهي، ان کي ڪنهن جي به محتاجي ۽ پرواهه ڪونهي. نه ان مان ڪو پيدا ٿيو آ ۽ نه وري ڪا هستي ان جي درجي ۽ برابريءَ ۾ آهي."

قرآن جي نازل ٿيڻ کان اڳ ۾ حقيقت جي جلوي پسڻ جي لاءِ ٻه رستا اختيار ڪيا ويندا هئا. هڪ ذات مطلق سان صفتن کي وابسته ڪرڻ جو رستو هو ۽ ٻيو رستو هي هيو ته خدا کي سيني صفتن کان پاڪ ۽ متاهون رکيو وڃي. پهريون رستو تشبيهه جي طرف وٺي ويو جنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري حقيقت جي عرفان ۾ رڪاوٽ پيدا ٿي. ٻيو طريقو اهو هو جنهن جي اپنشدن پوئواري ڪئي. اهو تصور نفي صفتن جو هڪ اهڙو انتهائي جلوو ڏيکاري ٿو جيڪو نفي جي طرف ئي وٺي وڃي ٿو ۽ اسان کي پختي يقين جي لذتن کان محروم ڪري ٿو. اهڙو تصور وڌ کان وڌ هڪ فلسفياڻي خيال کي ته پيدا ڪري سگهي ٿو ليڪن هڪ پڪو ۽ پختو عقيدو بڻجي نه ٿو سگهي. اهو ئي سبب آهي جو نفي صفتن جي تصور کي ان جي منطقي انتها يعني سنسان ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ ذات مطلق "برهما" کي ذات "ايشور" ۾ لاهڻ کان سواءِ ڪم هلي نه سگهيو. قرآن گهٽ وڌاين جي انهن ٻنهي رستن کان پاسو ڪيو ۽ پنهنجو هڪ الڳ رستو ڪڍيو. قرآن جيڪو رستو اختيار ڪيو اهو هڪ طرف تنزيه (بيمثال هئڻ) کي ڪمال تائين پهچائي ٿو، ته ٻئي طرف سنسان ٿيڻ کان به تصور کي بچائي وٺي ٿو. اهو فردن فردن سيني صفتن جو اثبات ڪري ٿو. گڏوگڏ هر صفت کي به تشبيه جي اثر کان بچائي وٺي ٿو. اهو چئي ٿو: "خدا زنده آهي، قدرت وارو، پيدا ڪرڻ وارو، رحمت وارو، سڀ ڪجهه ڏسڻ، ٻڌڻ ۽ ڄاڻڻ وارو آهي وغيره وغيره. صرف ايترو ئي نه بلڪ قرآن بنا روڪ ٽوڪ هر جاءِ تي ڪيترين ئي تمثيلون استعمال ڪري ٿو. ليڪن اها ڳالهه واضح ڪري ٿو ته خدا سان مشابهت ۾ ڪابه شيءِ ڪونهي جيڪا تصور ۾ اچي سگهي. ان جو زنده رهڻ اسان جي زنده رهڻ وانگر ناهي. ان جو ڏسڻ، ٻڌڻ ۽ ڄاڻڻ اهڙو ناهي جهڙي طرح اسان ڏسون، ٻڌون ۽ ڄاڻون ٿا. ان جي قدرت ۽ بخشش جي تعبير لاءِ هٿ جي تشبيه ۽ ان جي جلال ۽ هر شيءِ تي ڇانيل هئڻ جي تمثيل واسطي عرش جو استعارو ضرور آهي، ليڪن ان جو مطلب اهو ناهي جيڪو انساني فعل جي حوالي سان انهن لفظن جو مطلب اسان جي ذهن ۾ ايري ٿو.

قرآن جي تصور الاهي جو هي پهلو حقيقت ۾ سيني مونجهارن جو هڪ ئي حل آهي. هڪ طرف حقيقت جي اها بلندي جو انساني ذهن ۽ فڪر ان بلنديءَ تي پهچڻ کان عاجز آهي ۽ ٻئي طرف انساني فطرت جي طلب واري بيچيني ۽ پسڻ وارو ذوق ايترو شديد، جو حقيقت جو جلوو پسڻ کان سواءِ قرار نه ٿو ملي. جيڪڏهن نفيءَ جي طرف زياده لاڙو ڪائون ٿا ته سنسانيءَ ۾ ڪرُون ٿا ۽ جيڪڏهن اثبات صفات جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورت ۾ ڪيفيت ڪان پري نڪري وڃون ٿا ته ”جهڙائي“ ۽ جسائي“ ۾ اٽڪي ٿا پئون. ان ڪري قرآن جيڪو رستو ٻڌايو آهي اهو اهڙو رستو آهي جو نه اثبات صفات جو دامن هٿ مان نڪري ٿو ۽ نه نفيءَ جي واڳ ڍلي ٿئي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو قرآن جو تصور الاهي، آريائي فلسفي جي تصور الاهي ڪان متاهون آهي. آريائي حڪمت حقيقت جي تلاش واري سرگرميءَ ۾ خود ذات الاهي کي به شخصي روپ ڏنو ۽ اهڙي طرح مورتي جي پوڄا جا دروازا کولي ڇڏيا. قرآن ان جي جاءِ تي صفات الاهي جو رنگ اڀاريو، خدا جي وجود کي شخصي روپ نه ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ ”جهڙائي“ ۽ ”جسائيءَ“ جو ڪو امڪان باقي نه رهيو.

خدا جي توحيد جو قرآني تصور هڪ پختو تصور آهي. ان ۾ ايجابي ۽ سلبي (اقرار ۽ انڪار) ٻئي پهلو آهن. ايجابي پهلو هي آهي ته خدا هڪ آهي ۽ ٻگو هڪ آهي ۽ سلبي پهلو هي آهي ته ان جهڙو ڪوبه ڪونهي. ۽ جڏهن ان جهڙو ڪوبه ڪونهي ته پوءِ ضروري آهي ته جيڪي صفتون ان لاءِ خاص آهن، انهن ۾ به ٻيو ڪوئي شريڪ نه ٿو ٿي سگهي. پهرين ڳالهه کي توحيد في الذات ۽ ٻي ڳالهه کي توحيد في الصفات سان تعبير ڪيو ويندو آهي. قرآن جي هن تصور کان اڳ توحيد جي ايجابي پهلوءَ تي زياده زور ڏنل هو ۽ ان جو سلبي پهلو چٽو نه ٿي سگهيو هو. اهو ئي سبب آهي جو قرآن کان اڳ ۾ سيني مذهبن ۾ توڙي جو توحيد واري عقيدي جي تعليم موجود هئي ليڪن ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ شخصيت پرستي ۽ صنم پرستي منهن ڪڍي وئندي هئي.

هندستان ۾ ته گهٽو ڪري پهرئين ڏينهن کان ئي هيءَ ڳالهه تسليم ڪئي وئي هئي ته ماڻهن کي ليائڻ لاءِ ديوتائن ۽ انساني عظمتن جي پوڄا بيحد ضروري آهي ۽ خدا واحد جي پوڄا صرف خاص ماڻهن جو حصو قرار ڏني وئي. يوناني فلسفين جو به اهوئي خيال هو. هو پڪ سان انهيءَ ڳالهه کان بيخبر نه هئا ته المپس جبل جي ديوتائن جي ڪابه اصليت ڪونهي. تنهن هوندي به سقراط کي ڇڏي ڪنهن به انهيءَ ڳالهه جي ضرورت محسوس نه ڪئي ته عوام جي بت پرستيءَ وارن عقيدن ۾ پنهنجو دخل ڏئي. ڪين انديشو هو ته جيڪڏهن ديوتائن جي پرستش وارو نظام قائم نه رهيو ته عوام جي سماجي ۽ مذهبي زندگي ڊانوانڊول ٿي ويندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن مسئلي ۾ ڪنهن بہ مذهب جي باني ڪي جيڪو مرتبو عطا ڪيو ويندو هو، اهو خاص طرح سان غور لائق آهي. اها ڳالهہ پنهنجي جاءِ تي اهميت واري آهي تہ ڪابہ تعليم تيستائين عظمت ۽ شان حاصل ڪري نہ ٿي سگهي جيستائين ان جي معلم جي شخصيت ۾ بہ عظمت ۽ شان پيدا نہ ٿي وڃي. ليڪن شخصيت جي عظمت جون حدون ڇا هجن، انهيءَ هنڌ تي پهچي ڪيترا ماڻهو ڏڪ کائي ويا، انهيءَ ڪري جو هو ٺيڪ حدبندي نہ ڪري سگهيا. نتيجو اهو نڪتو جو ڪنهن مذهب يا فلسفي جي معلم جي شخصيت کي ڪڏهن خدا جو اوتار بڻايو ويو ۽ ڪڏهن الله جو پٽيلو سمجهيو ويو. يا وري انهن لاءِ تعظيم ۽ بندگيءَ جهڙو شان پيدا ڪيو ويو. جيئن يهودين توڙي جو ڪڏهن بہ پٿرن جي بتن جي پوڄا ڪونہ ڪئي پر انهن پنهنجي نبين جي قبرن تي هيڪل تعمير ڪري انهن کي عبادتگاهن جهڙو شان ۽ تقديس ڏني. گوتم ٻڌ جي لاءِ مشهور آهي تہ ان جي تعليم ۾ بت پرستيءَ جي لاءِ ڪا جڳهہ ڪونہ هئي. هن جي آخري نصيحت هئي تہ "ائين نہ ڪجو جو منهنجي لاش جي رک کي پوڄڻ شروع ڪيو. جيڪڏهن توهان ائين ڪيو تہ پڪ ڄاڻو تہ ڇوٽڪاري جو رستو توهان جي مٿان بند ٿي ويندو". ليڪن ٻڌ جي پيروڪارن سندس وصيت تي جيڪو عمل ڪيو اهو اسان جي سامهون آهي. نہ صرف اهو تہ هنن ٻڌ جي خاڪ ۽ يادگارن تي پوڄا گهر تيار ڪيا بلڪ ٻڌ مت جي اشاعت جو ذريعو ئي اهو سمجهيو ويو تہ ٻڌ جي مجسمن کان زمين جو ڪو گوشو خالي نہ رهي. ان ڪري واقعي دنيا ۾ ڪنهن ذات يا معبود جا ايترا مجسما ڪونهن جيترا گوتم ٻڌ جا آهن. اهڙي طرح اسان کي معلوم آهي تہ مسيحيت جي اصل تعليم ڇوٽيءَ تائين توحيد جي تعليم هئي، ليڪن ان جي ظهور کي اڃا سؤ سال بہ نہ گذريا هئا تہ مسيح جي الوهيت جو عقيدو سرجي چڪو هو. انهن سيني جي رد ۾ قرآن توحيد في الصفات ۽ توحيد في الذات جو هڪ اهڙو ڪامل ۽ تز نقشو چٽيو جو شرڪ، ڪفر ۽ ان جهڙين ٻين گمراهين جا سڀ دروازا بند ٿي ويا. خدا جي تصور جي باري ۾ اهائي ان جي سڀ کان وڏي خوبي آهي.

قرآن انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏئي ٿو تہ هر طرح جي عبادت ۽ نوڙت جي مستحق صرف خدا جي ذات آهي. پوءِ جيڪڏهن توهان ٻانهپ واري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوڙت ۽ نياز سان ڪنهن ٻي هستيءَ آڏو متو جهڪايو ته توحيد الاهي جو اعتقاد باقي نه رهيو. قرآن چوي ٿو ته "اها ذات ئي آهي جيڪا انسانن جي سڏ کي ٻڌي ٿي ۽ انهن جي دعائن کي قبول ڪري ٿي." پوءِ جيڪڏهن توهان پنهنجي دعائن ۽ خواهشن جي طلب ۾ ڪنهن ٻي هستيءَ کي ان جو شريڪ بڻايو ته جڻ اوهان ان کي خدا جي خدائي ۾ شريڪ بڻايو ۽ توهان جو توحيد وارو عقيدو ڊانواندول ٿي ويو. اهو ئي سبب آهي جو سورت فاتحه ۾ *اياڪ نعبد واياڪ نستعين* جي تلقين ڪئي وئي ۽ سمورو زور اياڪ تي آهي ته خاص تنهنجي ئي پوڄا ڪريون ٿا ۽ اڪيلو توکان ئي مدد گهرون ٿا. پوري قرآن ۾ ايترو ته گهڻائيءَ سان توحيد في الصفات ۽ شرڪ جي رد ۾ زور ڏنو ويو آهي جو شايد ئي ڪا سورت يا ڪو صفحو ان کان خالي هجي. هتي اها ڳالهه به واضح ٿي وڃي ٿي ته قرآن ۾ پيغمبر اسلام کي جيڪو مرتبو ڏنو ويو آهي، ان لاءِ بار بار چيو ويو آهي ته پيغمبر اسلام هڪ بشر ۽ خدا جو ٻانهو آهي. اسلام پنهنجي تعليم جو بنيادي ڪلمو ئي هي قرار ڏنو ته: *اشهد ان لا اله الا الله واشهد ان محمد اعبده ورسوله*۔ "مان اقرار ٿو ڪريان ته خدا کان سواءِ ڪوبه معبود ڪونهي ۽ مان اقرار ٿو ڪريان ته محمدصہ خدا جو ٻانهو ۽ ان جو رسول آهي."

انهيءَ اقرار ۾ جهڙي طرح خدا جي توحيد جو اعتراف ڪيو ويو آهي ٺيڪ ساڳي طرح سان پيغمبر اسلام جي ٻانهپ ۽ رسالت جو به اعتراف آهي. غور ڪرڻ گهرجي ته ائين ڇو ڪيو ويو؟ صرف انهيءَ لاءِ ته اهڙي ڪنهن ڳالهه جو موقعو يا گنجائش نه رهي ته ٻانهپ جي جڳهه تي معبود ۽ رسالت جي جڳهه تي اوتار جو خيال پيدا ٿئي. ان ڪري اها ڳالهه تسليم ٿيل آهي ته ڪوبه شخص تيستائين اسلام جي دائري ۾ داخل ٿي نه ٿو سگهي جيستائين هو خدا جي توحيد وانگر پيغمبر اسلام جي ٻانهپ جو اقرار نه ڪري.

اهوئي سبب هو جو پيغمبر ﷺ جي وفات کان پوءِ توڙي جو مسلمانن ۾ ڪيترائي اختلاف پيدا ٿيا، ليڪن پيغمبر جي شخصيت جي باري ۾ ڪڏهن ڪو جهڳڙي جو سوال پيدا نه ٿيو. اڃا پاڻ سڳورن جي وفات کي ڪجهه ڪلاڪ ئي مس گذريا هئا ته پيغمبر جي سهري ۽ اسلام جي پهرئين خليفي حضرت ابوبڪر رضہ ممبر تي چڙهي اعلان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو تہ: ”جيڪو اوهان مان محمدصہ جي پوڄا ڪندو هو سو ان ڪي معلوم هئڻ کپي تہ محمدصہ وفات ڪري ويو ۽ جيڪو توهان مان الله جي پوڄا ڪندو آهي تہ ان کي معلوم هئڻ کپي تہ الله جي ذات هميشہ زنده آهي ۽ ان جي لاءِ موت ڪونهي.“

قرآن کان اڳ مذهبي تعليم جي عقيدي ۾ بہ خاص ۽ عام جو امتياز سامهون رکيو ويندو هو. اهو سبب آهي جو هندستان ۾ خدا شناسيءَ جا ٽي درجا مڃيا ويندا هئا. عوام لاءِ ديوتائن جي پوڄا، خواص لاءِ سڌوسنئون خدا جي پوڄا ۽ خواص مان بہ چونڊيل ماڻهن لاءِ وحدت الوجود جو مشاهدو. اهوئي حال يونان جي فلسفين جو هو. هو سمجهندا هئا تہ هڪ نظر نہ ايندڙ ۽ غير مجسم خدا جو تصور صرف علم ۽ حڪمت جا ڄاڻو ئي ڪري سگهن ٿا. عوام لاءِ چڱائي انهيءَ ۾ آهي تہ ديوتائن جي پرستاريءَ ۾ مشغول رهن. ليڪن قرآن انهيءَ امتياز کي هڪ ئي قلم سان رد ڪري ڇڏيو. هن سيني کي خدا پرستيءَ جي هڪ ئي واٽ ڏيکاري ۽ سيني لاءِ صفات الاهي جو هڪ ئي تصور پيش ڪيو. قرآن حڪيمن ۽ عارفن کان وٺي هڪ ڏنار ۽ هاريءَ تائين سيني کي حقيقت جو هڪ ئي جلوو ڏيکاري ٿو ۽ سيني تي اعتقاد ۽ ايمان جو هڪ ئي دروازو کولي ٿو.

قرآن جي تصور الاهي جي هڪ بنيادي خصوصيت هي آهي تہ هن کهڙي بہ لحاظ کان اعتقادي مفاهمت کي جائز نہ رکيو آهي. هو خدا جي توحيد ۽ بي مثل هئڻ واري تصور ۾ مٿان کان وٺي غيرلچڪدار رهيو. توڙي جو ان ڪنهن بہ مسئلي ۾ ٻين عقيدن جي باري ۾ رواداريءَ جي رويي کان نہ روڪيو آهي تنهن هوندي بہ اعتقادي مفاهمتن جا سڀ دروازا بند ڪري ڇڏيا آهن.

قرآن تصور الاهي جو بنياد انسان جي عالمگير وجداني احساس تي رکيو آهي. ائين ناهي ڪيو جو ان کي سوچ ۽ فڪر جي ڪاوشن جي هڪ اهڙي ڳجهارت بڻائي ڇڏيو هجي، جنهن کي هڪ خاص طبقي جو ذهن ئي حل ڪري سگهي. زندگيءَ جي باري ۾ انسان جو عالمگير وجداني احساس ڇا آهي؟ اهو آهي تہ ڪائنات جي هستي خودبخود پيدا نہ ٿي آهي بلڪ پيدا ڪئي وئي آهي. ان لاءِ ضروري آهي تہ هڪ ناهيندڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هستي موجود هجي. اها هستي ڪائنات ۾ سيني رتبن جي مالڪ هجي. ۽ هر موجودات ۾ ان جي قدرت نمايان هجي. قرآن ان باري ۾ جيڪو ٻڌائي ٿو اهو ايترو ئي آهي. انهيءَ ڪان وڌيڪ جيڪو ڪجھ آهي اهو مذهبي عقيدي جو معاملو ڪونهي بلڪ اهو جهد ۽ طلب جي صاحبن تي ڇڏيل آهي. *والذين جاهدوا فينا لنهدينهم سبلنا (عنڪبوت-٦٩)* "جيڪي ماڻهو اسان تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪندا ته اسان به ضرور انهن تي رستا کوليندا سين." *وفي الارض آيات للموقنين وفي انفسڪم افلا تبصرون. (ذاريات- ٢٠-٢١)* "انهن ماڻهن لاءِ جيڪي يقين رکن ٿا، تن لاءِ زمين ۾ ڪيترين ئي حقيقت (جي مشاهدي) جون نشانيون آهن ۽ خود توهان جي اندر به- پوءِ ڇا توهان مشاهدو ڪونه ٿا ڪريو."

هندو مفڪرن سماج جي مختلف طبقن ۾ الڳ الڳ تصور ۽ عقيدا تقسيم ڪيا. پر اسلام تصور ۽ عقيدي جي لحاظ کان ان قسم جو ڪوبه فرق روا نه رکيو. اهو هر انسان جي دل ۽ دماغ جي اڳيان حقيقت جو هڪ عقيدو پيش ڪري ٿو. ليڪن ظاهر آهي ته طلب ۽ جهد جي گهرائي سيني ۾ هڪ جهڙي نٿي ٿي سگهي، حقيقت جو هر طالب هڪ ئي قسم جي آرزو ۽ شوق جي گهرائي ڪٿي نه ٿو اچي. عام ماڻهو بحيثيت هڪ طبقي جي هڪ خاص مزاج ۽ خاص خواهشون رکن ٿا ۽ ڪي ماڻهو بحيثيت فرد جي پنهنجي طلب ۽ صلاحيت جو الڳ الڳ درجو رکن ٿا، ان ڪري اسلام هڪ مختلف شڪل ۾ مرتبن جو فرق رکيو آهي ۽ سيني ماڻهن جي لاءِ خدا شناسي جي عرفان ۽ يقين جون راهون کليل رکيون ويون آهن.

صحيح بخاريءَ جي هڪ متفق عليه حديث آهي جيڪا ٽئن لفظن ۾ مرتبن جي ان فرق کي ظاهر ڪري ٿي. هي حديث ٽن مرتبن اسلام، ايمان ۽ احسان جو ذڪر ڪري ٿي. اسلام هي آهي ته اسلامي عقيدي جو اقرار ڪجي ۽ عمل جي ڇئن ٿنڀن نماز، روزي، حج ۽ زڪوات کي پورو ڪجي. ايمان هي آهي ته اقرار جي مرتبن کان اڳتي وڌجي ۽ اسلام جي بنيادي عقيدن کي دل جي اک ۽ پوري يقين سان ميڄڻ جو مرتبو حاصل ڪجي. احسان هي آهي ته "تون الله جي عبادت اهڙي طرح ڪرين جو ڄڻ تون ان کي پنهنجي سامهون ڏسي رهيو آهين ۽ جيڪڏهن تون ان کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسي نہ رهيو آهين تہ اهو يقين رک تہ هو توکي ڏسي رهيو آهي.“
(صحيحين)

پهريون مرتبو اسلامي دائري جي عام اعتقاد ۽ عمل جو آهي. يعني جنهن اسلامي عقيدي جو اقرار ڪيو ۽ زندگيءَ ۾ ان جي عملن کي اختيار ڪيو اهو ان دائري ۾ اچي ويو. ليڪن رڳو دائري ۾ اچي وڃڻ سان اهو لازم نہ ٿو ٿئي تہ علم ۽ يقين جون منزلون بہ حاصل ٿي وڃن. بلڪ ان لاءِ ضروري آهي تہ اسلام جي بنيادي عقيدن کي دل جي يقين سان ميڄڻ جو مرتبو حاصل ڪجي. تان تہ ماڻهو پاڻ الله جي صفتن جو مظهر بڻجي وڃي ۽ اجتماعي زندگيءَ جي بنيادي اصول عدل جي قيام جو هڪ متحرڪ پرزو بڻجي وڃي. اها ايمان جي منزل آهي. احسان جي منزل رڳو تعليمي عقيدي ۽ فڪري قياسن ذريعي حاصل نٿي ٿي سگهي. ان لاءِ پاڻ ارپڻ جو اهو مقام حاصل ڪرڻ آهي جنهن ۾ ٻانهو الله جي محبوبيت جو حقدار بڻجي ٿو. اهو مقام ڪنهن جي ٻڌائڻ ۽ سيکارڻ کان سواءِ ذاتي تجربن ۽ ڪشف سان پسجي ٿو. جيڪو ايستائين پهچي ويو تہ اهو جيڪڏهن ڪجهہ ٻڌائيندو بہ تہ اهو ٻڌائيندو تہ مون وانگر ٿي وڃ، جيڪي ڪجهہ نظر اچي ٿو سو تون بہ پسي وٺ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ربوبيت (پالڻهاريءَ) جي صفت

ربوبيت جو اصطلاح رب مان نڪتل آهي جيڪو سامي ٻولين جي ڪيترن لفظن سان هڪجهڙائي رکي ٿو. عبراني، عربي ۽ سرياني، تنهي ٻولين ۾ رب جي معنيٰ "پالڻ وارو" آهي، يا اهڙي هستي جيڪا پرورش جا اسباب مهيا ڪري ٿي. جيئن ته پرورش جي ضرورت جو احساس زندگيءَ جي بنيادي احساسن مان هڪ آهي، ان ڪري رب جي لفظ کي جيڪا معنيٰ عطا ٿي آهي اها خدا جي تصور جو پهريون قدرتي ڏاڪو آهي. رب جي معنيٰ استاد، آقا يا خدا به آهي. قرآن جي ٻوليءَ ۾ ان لفظ کي انهيءَ جي پوري وسعت (Scope) ۽ پوري مراد (Concept) سان استعمال ڪيو ويو آهي. انهيءَ ڪري لغت جي ڪجھ عالمن ربوبيت جي تعريف هنن لفظن ۾ ڪئي آهي. انشاءَ الشي حالاً فحالاً اليٰ حد التمام- يعني ڪنهن شيءِ کي هڪ ٻئي پٺيان ان جي مختلف حالتن ۽ ضرورتن جي مطابق اهڙي طرح نشونما ڏيندو رهڻ جو اها پنهنجي ڪمال واري حد کي پهچي وڃي. ٻين لفظن ۾ ربوبيت جي لاءِ ضروري آهي ته پالنا ۽ سارسنڀال جو هڪ هلندڙ ۽ لڳاتار انتظام هجي ۽ هڪ وجود جي اوسر ۽ بالغ ٿيڻ لاءِ وقت بوقت جيڪي ڪجھ ضرورتون پيش ايندڙيون رهن انهن سڀني جو سرو سامان ٿيندو رهي.

اهڙي طرح ڏٺو وڃي ته قرآني تصور جي لحاظ کان ربوبيت ۾ شفقت جي پالوٽ ضرور آهي. اسان هڪ مثال سان ان جي پاونا سمجهي سگهئون ٿا. ٻار جڏهن پيدا ٿئي ٿو ته رڳو گوشت پوست جو هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متحرڪ ٽڪرو هوندو آهي. اهو زندگي ۽ اسرڻ جون جيڪي به توانائيون رکندو آهي سي سڀ جو سڀ پالنا ۽ تربيت جون محتاج هونديون آهن. اها پالنا محبت ۽ شفقت، حفاظت ۽ سارسنڀال، مهرباني ۽ سهاري جو هڪ ڊگهو سلسلو آهي ۽ انوقت تائين جاري رهي ٿو جيستائين ٻار پنهنجي جسم ۽ ذهن جي بلوغت واري حد کي نہ ٿو پهچي. ٻئي طرف وري پالنا جون ضرورتون هڪ يا ٻہ ناهن بلڪ بيشمار آهن، جن جي نوعيت هميشہ بدلبي رهي ٿي. اهو بہ ضروري آهي تہ عمر ۽ هر حالت جي مطابق محبت، نظرداري ۽ نگرانيءَ جو سر و سامان ملندو رهي. الله جي قدرت ۽ حڪمت، ماءُ جي محبت ۾ ربوبيت جا نقش پيدا ڪري ڇڏيا آهن. اها ماءُ جي ربونيت ئي آهي جيڪا پيدائش جي ڏينهن کان وٺي بالغ ٿيڻ تائين پالي، بچائي ۽ سنڀالي ٿي ۽ هر وقت ۽ هر حالت جي مطابق ان جي پرورش جي ضرورتن جو سرو سامان مهيا ڪندي رهي ٿي. جڏهن ٻار جو معدو کير کان سواءِ ڪنهن بہ غذا کي برداشت نٿو ڪري سگهي تہ ان کي کير ئي پياريو وڃي ٿو. جڏهن کير کان وڌيڪ سگهاري غذا جي ضرورت هوندي آهي تہ ان کي اهائي غذا ڏني ويندي آهي. جڏهن ٻار ۾ پنهنجي پيرن تي هلڻ جي سگهہ نہ هوندي آهي تہ ماءُ ان کي گود ۾ کڻي ڦرندي وتندي آهي. جڏهن اهو ٻيهڻ لائق ٿي ويندو آهي تہ ماءُ سندس آڱر پڪڙي ڪيس پير پير ڪري هلائيندي آهي. بس اها ڳالهہ جو هر حالت ۽ ضرورت جي مطابق ضرورتون مهيا ٿينديون رهن ۽ نگراني ۽ حفاظت جو هڪ لڳاتار بندوبست جاري رهي، اهڙي صورتحال ئي ربوبيت جي مفهوم کي واضح ڪري ٿي. قرآن حڪيم رب جي حيثيت سان خدا جو جيڪو تصور پيش ڪيو آهي ان کي ڇاٽايل مثال جي روشنيءَ ۾ ذهن نشين ڪري سگهجي ٿو. قرآن خدا سان گڏ رب العالمين جي صفت کي ڳنڍيو آهي يعني خدا ڪنهن خاص قوم يا گروهہ جو رب (پالڻهار) ڪونهي بلڪ سيني انسانن ۽ ڪائنات جي سڄي مخلوق جو رب (پالڻهار) آهي.

## ربوبيت (پالڻهاريءَ) جو نظام

الله جي ربوبيت جو عمل هڪ مقرر نظام جي تحت آهي. هر وجود کي هر حالت ۾ زندگيءَ جي بقا جي لاءِ جيڪو ڪجهہ گهربل هو، اهو سڀ ڪجهہ ملي رهيو آهي. ڪوِل زمين تي ريڙهيون پائي ٿي. جيوڙن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪچري ۾ پنهنجو رستو ملي ٿو وڃي. مڇيون درياهه ۾ ترن ٽيون، پکي هوا ۾ اڏرن ٿا، گل باغن ۾ ٽڙن ٿا، هاٿي جهنگ ۾ ڦرن ٿا ۽ ستارا آسمان ۾ گردش ڪن ٿا. جيڪي به جنتي آهي تن لاءِ فطرت وٽ هڪجهڙي پرورش جي جهولي ۽ نگرانيءَ جي نظر آهي ۽ ڪوبه اهڙو جيوت ڪونهي جيڪو ان ربوبيت جي فيض کان محروم هجي. مخلوق جا بيشمار قسم اهڙا به آهن جيڪي ايترا ته سنهڙا ۽ بي وزن آهن جو اسان جي اک به انهن کي ڏسي نه ٿي سگهي ليڪن الله جي ربوبيت جي نظام سان جهڙي طرح هاٿيءَ جهڙي مخلوق جي لاءِ پرورش ۽ سنڀال جو سامان مهيا ڪيو آهي ٺيڪ اهڙي طرح ساڳئي نظام سان انهن لاءِ به زندگي ۽ بقا جي هر شيءِ مهيا ڪري ڏني. جيڪڏهن انسان رڳو پنهنجي وجود کي ڏسي ته خود ان جي زندگي ۽ زندگيءَ جي هر گهڙي ۾ الله جي ربوبيت جي ڪرشمه سازين جي هڪ پوري ڪائنات وسيل آهي.

وفي الارض ايات .....

"انهن ماڻهن لاءِ جيڪي (سچائيءَ تي) يقين رکڻ وارا آهن زمين ۾ ۽ خود توهان جي وجود ۾ به نشانيون آهن. پوءِ ڇو توهان نهاريو ڪونه ٿا." (ذاريات ٢٠_٢١)

## خارجي پهلو

زندگيءَ لاءِ شين جي موجودگي ۽ ربوبيت جي عمل ۾ جيڪو فرق آهي، قرآن ان فرق کي واضح ڪيو آهي. دنيا ۾ اهڙيون شيون ۽ قوتون ۽ انهن جون مختلف شڪليون ۽ بناوتون موجود آهن، جيڪي زندگيءَ جي اوسر ۽ سارسنڀال جي لاءِ سودمند آهن ليڪن رڳو انهن جي موجودگي ربوبيت جي جڳهه نٿي والاري. ائين هجڻ به الله جي رحمت ۽ قدرت آهي مگر اها ڳالهه ناهي جنهن کي ربوبيت ٿا چئون. ربوبيت هي آهي ته انهن شين جي عطا ۽ تقسيم جو هڪ سسٽم موجود آهي. مثلاً زندگيءَ لاءِ پاڻي ۽ رطوبت جي ضرورت آهي ليڪن پاڻيءَ جي موجودگي پنهنجي طور زندگيءَ لاءِ ڪافي ڪونهي، جيستائين جو هڪ مقرر مقدار ۾ هڪ خاص



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت ۽ انتظام سان پاڻي موجود نہ هجي.

قرآن چوي ٿو تہ هي الله جي رحمت آهي جنهن پاڻيءَ جهڙو جوهر حيات پيدا ڪيو ليڪن هي ان جي ربوبيت آهي جو پاڻي کي هڪ هڪ ڦڙو ڪري وسايو، ان کي زمين جي ٽڪري ٽڪري تي پهچايو، هڪ خاص مقدار ۽ حالت ۾ تقسيم ڪيو، هڪ خاص موسم ۽ موقعي ۾ وسايو ۽ پوءِ زمين جي هڪ هڪ اجايل ذري کي ڳولهي ڳولهي سيراب ڪيو.

وانزلنا من السماءِ ماءَ.....

”۽ ڏسو اسان آسمان مان هڪ خاص انداز سان پاڻي وسايو سي پوءِ ان کي زمين تي قرار ڏنو سين. اسان جي اهو بہ وس ۾ آهي تہ جهڙي طرح ان کي وسايو سين اهڙي طرح ان کي واپس ڪري وٺون. پوءِ ڏسو اسان ڪجين ۽ انگورن جا باغ پيدا ڪري ڇڏيا جن ۾ اڻ ڳڻ ميوا ڦرجن ٿا ۽ انهن مان اوهان پنهنجي غذا بہ حاصل ڪريو ٿا.“ (مومنون ١٨ـ١٩)

قرآن ڪيترين جاين تي انهن شين جي قدر ۽ مقدار جو ذڪر ڪيو آهي يعني انهيءَ حقيقت جي طرف اشارو ڪيو آهي تہ ڪائنات جي فطرت جيڪو ڪجهہ بخشي ٿي هڪ خاص اندازي سان بخشي ٿي ۽ اهو اندازو هڪ خاص نظام (System) جي تحت هوندو آهي.

وان من شيءِ الا عندنا.....

”۽ ڪا شيءِ ناهي جنهن جا اسان وٽ ذخيرا نہ هجن (ليڪن اسان جو طريقو هي آهي تہ) جيڪو ڪجهہ نازل ڪريون ٿا هڪ مقرر مقدار ۾ نازل ڪريون ٿا.“ (حجر ـ ٢١)

١ـ ڪل شيءِ عنده بمقدار

٢ـ انا ڪل شيءِ خلقناه بقدر

”الله وٽ هر شيءِ جو اندازو مقرر آهي.“ (رعد ـ ٨)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جيتريون شيون بہ پيدا ڪيون آهن هڪ اندازي سان پيدا ڪيون آهن.“ (قمر-۴۹)

غور ڪيو تہ دنيا ۾ صرف اهو ڪونهي تہ پاڻي موجود آهي، بلڪ هڪ خاص سسٽم ۽ ترتيب سان موجود آهي. ائين ٿو آهي جو پهريائين سج جا شعاع سمنڊ مان ڏول ڀري فضا ۾ پاڻيءَ جي چادر وڇائن، پوءِ هوائن جا جهوٽا انهن کي حرڪت ۾ آڻين ۽ پاڻي کي بوندن جي شڪل ۾ هڪ خاص وقت ۽ موقعي تي وسائن. هي ٿو آهي جو جڏهن پاڻي وسي تہ هڪ خاص ترتيب ۽ مقدار ۾ ٿي وسي ۽ اهڙي طرح وسي جو زمين جي مٿين سطح تي هڪ مقدار رهي ۽ هڪ خاص مقدار زمين جي اندروني حصن ۾ جذب ٿي وڃي.

ائين ٿو ٿو ٿئي جو پهريائين پهاڙن جي چوٽين تي برف جون ڇپون ڄمن ٿيون ۽ پوءِ موسم ۾ تبديلي اچڻ سان پگهرجڻ لڳن ٿيون. وري انهن جي پگهرجڻ سان پاڻي جون لارون وهڻ لڳن ٿيون ۽ انهن لارن مان درياهن جا ريلا وهڻ لڳن ٿا. پوءِ اهي ريلا ور وڪڙ کائيندا ڀري پري تائين پهچي سوين هزارين ميلن تائين زمين کي سيراب ڪن ٿا. ڇا اهو سڀ ڪجهہ پاڻ ئي پاڻ ٿيو ۽ ڪنهن نظام جو ان ۾ ڪو عمل دخل ئي ڪونهي؟

قرآن انهيءَ جو جواب ڏئي ٿو. ڇاڪاڻ تہ ڪائنات جي هستيءَ ۾ الله جي ربوبيت ڪارفرما آهي ۽ ان ربوبيت جي تقاضا اها هئي تہ پاڻي انهيءَ ترتيب سان بڻجي ۽ انهيءَ ترتيب ۽ مقدار سان تقسيم ٿئي. اها رحمت ۽ حڪمت هئي جنهن پاڻي پيدا ڪيو ليڪن اها ربوبيت آهي جيڪا ان کي انهيءَ طرح ڪم آڻي ٿي جو هر مخلوق جي پالنا ۽ سارسنڀال جون ضرورتون پوريون ٿين ٿيون.

الله الذي يرسل الرياح.....

”الله جي ڪارفرمائي آهي جو پهريائين هوائون هلن ٿيون ۽ پوءِ هوائون ڪڪرن کي سوري حرڪت ۾ آڻن ٿيون. پوءِ اهو جهڙي طرح چاهي ٿو انهن کي فضا ۾ ڦهلائي ٿو ۽ انهن کي حصا حصا ڪري ٿو. پوءِ توهان ڏسو ٿا تہ ڪڪرن مان مينهن وسي ٿو. پوءِ جن ماڻهن کي هيءَ برڪت ملڻي هئي تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملي وڃڻ تي اوچتو ئي خوشيءَ وچان ٻهڪي پون ٿا.“
(الروم-۴۸)

زندگيءَ لاءِ جن شين جي سڀ کان وڌيڪ ضرورت هئي انهن جي عطا سيني کان زياده ۽ عام آهي ۽ اهڙي طرح جن شين جي ضرورت خاص خاص حالتن ۽ خاص خاص موقعن جي لاءِ هئي ته انهن کي اهڙين ئي رکيو ويو. هوا سڀ کان زياده ضروري هئي ۽ ڇاڪاڻ ته پاڻي ۽ غذا کان سواءِ ڪجهه عرصي تائين زندگي ممڪن آهي ليڪن هوا کان سواءِ ممڪن ڪونهي، ان ڪري هوا جو بندوبست ايترو گهڻو ۽ عام آهي جو زندگيءَ جو ڪو حصو ڪونهي جيڪو ڪنهن به وقت ان کان خالي هجي. هوا کان پوءِ ٻئي درجي تي پاڻي آهي. ان جي عطا ۽ موجودگي ۽ عام هجڻ جو درجو هوا کان بعد آهي. دنيا جي هر حصي ۾ زمين جي مٿان درياهه وهندڙ آهن ۽ زمين جي هيٺان به پاڻي جا نار وهندڙ آهن. وري انهن ٻنهي ذخيرن کان علاوه آسمان جي فضائن جو هڪ ڪارخانو آهي جيڪو ڏينهن رات سرگرم رهي ٿو. اهو ڪارخانو سمنڊ جو کارو پاڻي ڇڪي ٿو ۽ ان کي صاف ۽ مٺو بڻائي ڇڪيندو رهي ٿو ۽ پوءِ ضرورت موافق زمين جي حوالي ڪري ٿو ڇڏي. هوا ۽ پاڻيءَ کان پوءِ غذا جي ضرورت آهي، ان ڪري هوا ۽ پاڻيءَ کان گهٽ ۽ ٻين سيني شين کان وڌيڪ ان جي مهربانيءَ جو دسترخوان پوري زمين جي گولي تي وڇايل آهي. ڪا به اهڙي مخلوق ڪونهي جنهن جي اڳيان ان جي غذا جو ذخيرو موجود نه هجي.

ان کان پوءِ پالنا جي لاءِ سامان سڀ هن عالمگير نظام تي غور ڪيو ته اٿين معلوم ٿئي ٿو ته هي سمورو ڪارخانو صرف انهيءَ لاءِ ٺهيو آهي ته زندگي بخشي ۽ زندگيءَ جي سيني فطري صلاحيتن جي پال پوس ڪري. سج انهيءَ جي لاءِ آهي ته روشنيءَ جي لاءِ بتي ۽ گرميءَ لاءِ سيڪ جو ڪم ڏئي ۽ پنهنجن ڪرڻن ذريعي سمنڊ مان ڏول ڀريندو رهي. هوائون انهيءَ لاءِ آهن ته پنهنجي سردي ۽ گرميءَ سان گهربل اثر پيدا ڪنديون رهن. ڪڏهن پاڻيءَ جي ذرن کي ڄمائي ڪڪرن جي چادر ٺاهن ۽ ڪڏهن انهن ڪڪرن کي پاڻي بڻائي وسائي وٺن. زمين انهيءَ جي لاءِ آهي ته اوسر جي خزانن سان هميشه ڀريل رهي ۽ هر داڻي جي لاءِ پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گود ۾ زندگي ۽ هر ٻوٽي لاءِ پنهنجي سيني ۾ پرورش رکي. مختصر هي ته هستيءَ جي ڪارخاني جو هر حصو صرف انهيءَ ڪم ۾ لڳل آهي، هر قوت پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪري رهي آهي ۽ هر سبب پنهنجي اثر ڏيکارڻ ۾ لڳل آهي. جيئن ئي ڪنهن وجود ۾ وڌڻ ۽ اوسر جي سگهه پيدا ٿئي ٿي ته گڏوگڏ هستيءَ جو سمورو ڪارخانو ان جي طرف متوجه ٿي ويجي ٿو. سج جا سڀ ڏيڻ ۽ وٺڻ جا ڪم، فضا جون سڀ تبديليون، زمين جون سڀ قوتون ۽ عنصرن جون سڀ سرگرميون صرف انهيءَ انتظار ۾ رهن ٿا ته ڪڏهن ٿو هڪ ڪول جي آني مان هڪ ٻچو پيدا ٿئي ۽ ڪڏهن ٿو هڪ هاريءَ جي جهول مان هڪ داڻو زمين تي ڪري ٿو.

سخر لکم ما في السماوات والارض.....

"زمين ۽ آسمان ۾ جيڪو ڪجهه آهي سيني کي الله تعاليٰ توهان جي تابع ڪيو آهي. بيشڪ انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي غور و فڪر ڪرڻ وارا آهن، هن ڳالهه ۾ (حقيقت جي سڃاڻ) جون وڏيون نشانيون آهن." (الجاثيه-١٣)

سڀ کان وڏيڪ عجيب ۽ سڀ کان وڏيڪ چٽي حقيقت نظام ربوبيت جي يڪسانيت ۽ موافقت آهي. يعني هر وجود جي پالنا جو بندوبست جهڙي طرح ۽ جنهن طريقي تي ڪيو ويو آهي، اهو هر حصي ۾ هڪ ئي آهي ۽ هڪ ئي اصول ۽ قاعدي تي هلي ٿو. پٿر جو هڪ ٽڪرو گلاب جي هڪ سرسبز ۽ سڳنڌ گل کان ڪيترو ئي مختلف ڏسڻ ۾ اچي ليڪن ٻنهي کي هڪ ئي طريقي سان پالنا جون ضروري شيون ۽ اسباب مليا آهن ۽ ٻئي هڪ ئي طريقي سان پليا ۽ نپيا آهن. هڪ انسان جو ٻار ۽ وڻ جو هڪ ٻوٽو، بظاهر ٻه الڳ الڳ حيثيتن جا مظهر ڏسڻ ۾ اچن ٿا، ليڪن انهن جي اوسر جي طريقن کي ڳولهي لهڻ سان خبر پوندي ته پالنا جي طريقن جي يڪسانيت ٻنهي کي هڪ ئي رشتي ۾ جوڙي ڇڏيو آهي. پٿر جي ڇپ هجي يا گل جي مکڙي، انسان جو ٻچڙو هجي يا ڪول جو آنو، سيني جي لاءِ پيدائش جو وقت مقرر آهي ۽ پيدائش جي ظاهر ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي پالنا جا اسباب مهيا ٿي وڃن ٿا. ان کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ ٻالپڻو، بلوغت، جواني، اوج ۽ آخرڪار پوڙهپ ۾ گهٽتائي جون منزلون اچن ٿيون. زندگيءَ جي ظاهر ٿيڻ، اوسر ۽ زوال توڙي گهٽتائي جا مرحلا سيني جي لاءِ آهن.

الله الذي خلقكم .....

"اهو الله ئي ته آهي جنهن اوهان کي اهڙي طرح پيدا ڪيو آهي جو پهريون ناتوانيءَ جي حالت هئي پوءِ طاقت آئي ۽ وري طاقت کان پوءِ وري ٻيهر ناتواني ۽ پوڙهپ اچي ٿي. اهو جيڪو ڪجهه گهري ٿو پيدا ڪري ٿو. ڪيس (توهان جي ضرورتن جي) ڄاڻ به آهي ته قدرت به آهي. (الروم-۵۴)

الم تر ان الله .....

"ڇا توهان نه ٿا ڏسو ته الله آسمان مان پاڻي وسايو. زمين ۾ ان جا ريلا وهي پيا. وري ان پاڻيءَ مان رنگ برنگي کيت اپري پيا. پوءِ انهن جي اوسر ۾ ترقي ٿي ۽ پوري طرح پچي تيار ٿيا. پوءِ (ترقيءَ کان بعد زوال ڇانئجي ويو) ۽ توهان ڏسو ٿا ته انهن تي پيلاڻ ڇانئجي وئي. آخرڪار خشڪ ٿي پورا پورا ٿي ويا. بيشڪ ساجهه وندن جي لاءِ انهيءَ صورتحال ۾ وڏي عبرت آهي." (الزمر-۲۱)

جيستائين غذا جو تعلق آهي، حيوانن ۾ هڪ قسم انهن جانورن جو آهي جن جا ٻچا کير سان پلجن ٿا ۽ هڪ انهن جو آهي جيڪي عام غذائن سان پلجن ٿا. غور ڪيو ته نظام ربوبيت ٻنهي جي پالنا لاءِ ڇا عجيب اسباب مهيا ڪيا آهن. انسان کي ڏسو جيئن ئي هو پيدا ٿئي ٿو ته ان جي غذا پنهنجي سيني خاصيتن ۽ مناسبتن سان خودبخود مهيا ٿي وڃي ٿي ۽ اهڙي جڳهه تي مهيا ٿئي ٿي جا ان جي لاءِ سڀ کان وڌيڪ ويجهي ۽ موزون آهي. ماءُ پنهنجي نئين ڄاول ٻار کي جوش ۽ محبت ۾ سيني سان لڳائي ٿي ۽ اتان ئي ان ٻار جي غذا جو سرچشمو موجود هجي ٿو. وري ڏسو ته ان غذا جي مزاج واري نوعيت ۾ ٻار جي حالت جو درجي به درجي ڪيترو لحاظ رکيو ويو آهي. ابتدا ۾ ٻار جو معدو ايترو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمزور هوندو آهي جو ان کي تمام هلڪي خمير جو کير ملڻ گهرجي. اهوئي سبب آهي جو نہ صرف انسانن ۾ بلڪ سيني حيوانن ۾ ماءُ جو کير تمام هلڪي خمير ۾ هوندو آهي. ليڪن جيئن جيئن ٻار جي عمر ۽ معدو سگهارو ٿيندو ويندو آهي کير جو خمير بہ بدلبو ويندو آهي جو ٻار جي کير ڇڏڻ جو وقت پورو ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ ان جو معدو عام غذائن کي هضم ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ڪري وٺي ٿو ۽ ان منزل تي ماءُ جو کير خشڪ ٿيڻ شروع ٿي وڃي ٿو. هي ڄڻ تہ ربوبيت الاهي جو اشارو هوندو آهي تہ هاڻي ان جي لاءِ کير جي ضرورت ڪونهي بلڪ هو هر طرح جي غذا استعمال ڪري سگهي ٿو.

حملته امه ڪرها .....

"ان جي ماءُ کيس تڪليف سان پنهنجي پيٽ ۾ رکيو ۽ تڪليف سان ڄڻيو. حمل ۽ کير ڇڏائڻ جي مدت ٽيهن مهينن تائين آهي." (احقاف-١٥)

وري ڏسو تہ فطرت جي ناهيندڙ جي ڪيڏي نہ عجيب ۽ حيرت جهڙي ڳالھ آهي جو جيئن جيئن ٻار جي عمر وڌندي وڃي ٿي، مادري محبت جو اهو شعلو هلڪو پئجي وڃي ٿو. هڪڙو وقت اهڙو بہ ايندو آهي جڏهن هي جذبو حيوانن ۾ تہ بلڪل ئي باقي نہ رهندو آهي ليڪن انسان ۾ بہ ان جي گرمجوشي اها نہ ٿي رهي. ان ڪري جو ربوبيت چاهيندي آهي تہ جيستائين ٻار کي پرورش جي ضرورت باقي رهي ان جي پرورش ٿيندي رهي ۽ ان جي لاءِ ماءُ جي محبت ۾ ٻار جي پرورش جو جوش اوترو ئي وڌيڪ هوندو آهي. جڏهن ٻار جي عمر انهيءَ حد تائين پهچي وئي جو ماءُ جي پرورش جي محتاجي باقي نہ رهي، تہ ان ذريعي يعني ماءُ جو اهو جوش جهڪو پئجي ويندو آهي، ڇاڪاڻ تہ ان جو باقي رهڻ ماءُ جي لاءِ بوجھ ۽ ٻار جي اوسر لاءِ رڪاوٽ بڻجي ويندو آهي. بيشڪ ماءُ جي محبت پنهنجي ٻار لاءِ هميشہ زنده رهي ٿي، توڙي جو ٻار ڪيڏو بہ وڏو ٿي وڃي ليڪن اهو رڳو هڪ سماجي قدر هوندو آهي. ٻاروتڻ جي عمر ۾ مادري محبت جو جيڪو فطري جوش هوندو آهي ان جي ڳالھ ئي ٻي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### ربوبيت معنوي

ربوبيت جي نظام جو انهيءَ کان بہ وڌيڪ عجيب ان جو معنوي پهلو آهي. ٻار ۾ زندگي ۽ پالنا جو ڪيترو بہ بندوبست ڪيو وڃي، تيستائين مفيد نہ ٿو ٿي سگهي جيستائين هر وجود جي اندر ان کان ڪم وٺڻ جي پوري پوري صلاحيت سمايل نہ هجي. ان ڪري اهو ربوبيت جو ئي تہ فيض آهي جو هر مخلوق جي ظاهري ۽ باطني بناوت اهڙي طرح هجي ٿي جو ان جي هر قوت پرورش واري اسباب جي نوعيت مطابق هجي ٿي ۽ ان جي هر شيءِ ان کي زنده رهڻ ۽ اوسر ۾ مدد ڏئي ٿي. ڪابہ مخلوق پنهنجي جسم ۽ سگهہ ۾ اهڙي شڪل يا نوعيت نہ ٿي رکي جو ان جون حالتون پرورش جي تقاضائن جي خلاف هجن.

ان سلسلي ۾ زندگيءَ جي ٻن حقيقتن طرف قرآن وري وري متوجہ ڪيو آهي. هڪ اها آهي جنهن کي تقدير چون ٿا ۽ ٻي آهي هدايت.

### تقدير

تقدير جي معنيٰ "ڪنهن شيءِ لاءِ هڪ خاص طرح جي حالت بيهارڻ" جي آهي. اهو بيهارڻ مقدار ۾ هجي يا ڪيفيت ۾. انهيءَ ڪري اسان ڏسون ٿا تہ فطرت هر وجود جي جسماني جوڙجڪ ۽ معنوي قوتن جي لاءِ هڪ خاص طرح جو انداز بيهاريو آهي جنهن کان اهو ٻاهر وڃي نہ ٿو سگهي. اهو اندازو اهڙو آهي جو ان وجود جي زندگي ۽ اوسر جي سيني اوسن پاسن سان نيڪ مناسبت رکي ٿو.

وخلق کل شيءٍ فقدره تقديرا.

"هن سڀ شيون پيدا ڪيون ۽ هر شيءِ لاءِ ان جي حالت ۽ ضرورت جي مطابق هڪ خاص انداز بيهاريو. (فرقان-٢)

سوال ٿو پيدا ٿئي تہ اها ڪهڙي ڳالهہ آهي جو سيني شين جي چوڌاري انهن جي پيداوار ۾ هميشہ مطابقت ملي ٿي. ائين ڇو آهي جو هر مخلوق پنهنجي ظاهري ۽ باطني بناوت ۾ ائين ئي آهي جيئن ان جي چوڌاري آهي ۽ هر چوڌاري ائين ئي هوندو آهي جيئن ان جي مخلوق هوندي آهي. اهو انهيءَ لاءِ هوندو آهي تہ هي ان حڪمت واري ۽ قدرت واري جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيهاريل تقدير آهي. ان هر شيءِ جي خلقت ۽ زندگيءَ جي لاءِ اهڙو ئي اندازو مقرر ڪيو آهي. ان جي تقدير وارو قانون صرف حيوانن ۽ نباتات لاءِ ئي ڪونهي بلڪ ڪائنات جي هر شيءِ لاءِ آهي. ايستائين جو سيارن جو نظام به انهيءَ سان وابسته آهي.

والشمس تجري لمستقر .....

"۽ ڏسو! سج جي لاءِ جيڪو ٺاٺو بيهاريو ويو آهي اهو ان تي ئي هلي ٿو. ۽ اها ان سگهاري ۽ باخبر خدا جي ان جي لاءِ تقدير آهي." (يسين-٣٨)

"مخلوقات" ۽ ان جي چوڌاري "مطابقت" جو اهوئي قانون آهي جنهن بنهي ۾ هڪ ٻئي سان مناسبت پيدا ڪري ڇڏي آهي. هر مخلوق پنهنجي چئني طرفن ۾ اهو ئي پاسي تي جنهن ۾ ان جي لاءِ پالنا ۽ اوسر جو سامان هوندو آهي. اڏرڻ وارا پکي، ترڻ واريون مڇيون، هلڻ وارا چوپايا، ريڙهيون پائيندڙ جيوَ، انهن مان هرهڪ کي اهڙو ئي جسم مليو آهي جيڪو ان جي چوڌاري حالتن موافق آهي. درياهه ۾ پکي پيدا نٿو ٿئي، ان ڪري جو اتان جون حالتون ان جي پالنا جي تقاضائن مطابق ناهن. خشڪيءَ تي مڇي پيدا نه ٿي ٿئي، ان ڪري جو خشڪي ان جي حياتيءَ لاءِ موزون ڪونهي. جيڪڏهن فطرت جي ان تقدير جي خلاف هڪ خاص ماحول جي مخلوق ٻئي قسم جي ماحول ۾ هلي وڃي ٿي ته، اها يا ته اتي زنده نه رهندي يا جيڪڏهن زنده رهندي ته پوءِ آهستي آهستي ان جي جسماني بيهڪ ۽ طبعيت به ائين ئي ٿي وڃي ٿي جهڙي ان جي چوڌاري حالتن ۾ ٿيڻ گهرجي. وري ڏسو ته انهن سڀني قسمن جي لاءِ مقامي اثرن جي حوالي سان مختلف حالتون آهن. سرد آبهوا جي پيداوار سرد آبهوا جي لاءِ آهي ۽ گرم آبهوا جي مخلوق گرم آبهوا جي حوالي آهي. اتر قطب جي آسپاس جو رڇ خط استوا جي ويجهڙائيءَ ۾ نظر نه ايندو ۽ خط استوا جو جانور اتر قطب جي آسپاس ۾ نظر نه ايندو، جتي سڄو سال برف پوي ٿي. اهوئي فطرت جو قانون يا تقدير جو قانون آهي. هيئنر اچو ته ربوبيت جي ٻئي عنصر هدايت تي نظر وجهئون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## هدايت

هدايت جي معنيٰ رستو ڏيکارڻ، رستي سان لڳائڻ ۽ رهنمائي ڪرڻ آهي. ان جا مختلف مرتبا ۽ قسم آهن جن جو تفصيل اڳتي ايندو. هتي صرف ان ابتدائي هدايت جي مرتبي جو ذڪر ڪرڻو آهي جيڪو سڀني مخلوق لاءِ ان جي پرورش جون ضروري راهون کولي ٿو، ان کي زندگيءَ جي واٽ تي لڳائي ٿو ۽ زندگيءَ جي ضرورتن جي طلب ۽ حاصل ڪرڻ ۾ رهنمائي ڪري ٿو. فطرت جي اها هدايت ربوبيت جي هدايت آهي ۽ جيڪڏهن هدايت ربوبيت جي مددگاري ڪان ٻاهر هجي ها ته ممڪن ئي نه هو ته ڪا به مخلوق دنيا جي حياتي ۽ پالنا واري سامان مان فائدو وٺي سگهي، ۽ نه وري زندگيءَ جون لطيف سرگرميون ظهور ۾ اچي سگهن ها. ٻين لفظن ۾، ان ڪان سواءِ هستيءَ جو سڄو ساز خاموش ٿي وڃي ها. قرآن چوي ٿو ته اهو هدايت ۽ وجدان جو فطري الهام ۽ حواس ۽ ادراڪ جي قدرتي صلاحيت آهي جيڪا فطرت جي رهنمائي سان اسان جي اندر پهريائين وجدان جو الهام بڻجي نروار ٿئي ٿي، پوءِ حواس ۽ ادراڪ جي ڏيئي کي روشن ڪري ٿي چڏي. اهائي باطني سگهه آهي جيڪا هر مخلوق کي زندگي ۽ پالنا جون واٽون ونرائي ٿي. انسان جو ٻار هجي يا حيوان جو ٻچو، جيئن ئي ماءُ جي پيٽ مان ٻاهر اچي ٿو ته جبلي طور تي معلوم ڪري وٺي ٿو ته ان جي غذا ماءُ جي سيني ۾ آهي. پوءِ جڏهن ٻبو وات ۾ وٺي ٿو ته خودبخود ان کي چوسڻ شروع ٿو ڪري. ٻليءَ جي ٻچن کي اسان ڏسون ٿا ته اهي هينئر ئي پيدا ٿيا آهن ۽ انهن جون اکيون به ناهن کليون. ليڪن ماءُ انهن کي محبت جي جوش ۾ چٽي ٿي ۽ ٻچا ان جي سيني تي وات سان سونجهي رهيا آهن. هڪ ٻچو جنهن عالم هستيءَ ۾ هينئر ئي قدم رکيو آهي، جنهن کي ٻاهر جي اثرن اجا ڇهيو به ناهي، جبلي طور تي معلوم ڪري ٿو وٺي ته ان کي ٻبو وات ۾ وٺڻ گهرجي جو ان جي غذا جو سرچشمو هتي ئي آهي. اهائي اُها وجداني هدايت آهي جيڪا ٻچي جي ادراڪ جي روشني نروار ٿيڻ ڪان به اڳ ۾ کيس پرورش ۽ زندگيءَ جي واٽن تي وٺي ٿي وڃي.

جيڪڏهن توهان جي گهر ۾ ٻلي آهي ته توهان ڏٺو هوندو ته هوءَ جڏهن پيٽ سان ٿيندي آهي ته ڇا ڪندي آهي؟ سمجهو ته هوءَ پهريون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دفعو پيٽ سان تي آهي. انهيءَ حالت جو هن کي ڪوبہ تجربو ڪونهي. ليڪن جيئن ئي حمل جو وقت ويجهو ايندو آهي، هوءَ ڪنهن محفوظ ڪنڊ جي جستجو شروع ڪري ڇڏيندي آهي. ڪنهن مناسب جڳھ جي لاءِ گهر جي هڪ هڪ ڪنڊ جاچيندي گهمندي آهي. آخر هڪ محفوظ ۽ الڳ ڪنڊ ڳولهي وٺندي آهي جتي ٻچا ڄڻيندي آهي. پوءِ ڏسندي ئي ان جي اندر ۾ پنهنجي ٻچن جي حفاظت جي حوالي سان هڪ مڃاڻ خطرو پيدا ٿي پوندو آهي ۽ هوءَ هڪ ٻئي پنيان پنهنجي جڳھ بدلائيندي رهندي آهي. اها ڪهڙي قوت آهي جيڪا ٻليءَ جي اندر ۾ اهو خيال پيدا ڪري ٿي تہ اها پنهنجي پيدا ٿيڻ وارن ٻچن جي لاءِ ڪا محفوظ جڳھ تلاش ڪري، ڇاڪاڻ تہ سنت ئي ڪيس اهڙي جڳھ جي ضرورت پوندي. اهو ڪهڙو الهام آهي جيڪو ان کي خبردار ڪري ٿو تہ ٻلو ٻلونگڙن جو دشمن هوندو آهي ۽ انهن جي بوءِ سونگهيندو وتندو آهي، ان ڪري جڳھ بدلائبي رهجي. بيشڪ اُها ربوبيت الاهي جي وجداني ڪيفيت ۽ هدايت آهي، جنهن جو الهام هر مخلوق اندر پنهنجو اظهار رکندو آهي ۽ اهوئي الهام هر مخلوق تي زندگي ۽ پرورش جون سڀ راهون کوليندو آهي.

هدايت جو ٻيو مرتبو حواس ۽ ادراڪ جي ذهني هدايت آهي. توڙي جو حيوان دماغ جي ان جوهر کان محروم آهن جنهن کي عقل ۽ فڪر جو نالو ڏنو ويجي ٿو، تنهن هوندي بہ فطرت انهن کي بہ سندن ضرورت جي مطابق احساس ۽ ادراڪ جي ايتري قوت عطا ڪري ڇڏي آهي جيڪا انهن کي پنهنجي زندگي ۽ معيشيت جي لاءِ گهربل هئي. ان ذريعي هو پنهنجي رهڻ سهڻ، کائڻ پيئڻ، ڄمر ۽ نسل جي حفاظت ۽ نگراني جا سڀ عمل خوبيءَ سان سرانجام ڏيندا رهن ٿا. وري ڏسجي تہ حواس ۽ ادراڪ جي اها هدايت هر حيوان جي لاءِ هڪ جهڙي ناهي، بلڪ هر هڪ کي پنهنجي گهرج ۽ ضرورت جي مطابق عطا ڪئي وئي آهي. ڪول ۾ ڏورڻ جي سگھ گهٽي هوندي آهي، جو ان کي انهيءَ سگھ جي ذريعي پنهنجي غذا حاصل ڪرڻي هوندي آهي. عقاب جي نظر ڏاڍي تيز هوندي آهي جو ان جي نظر جيڪڏهن تيز نہ هجي تہ بلنديءَ تان اڏامندي پنهنجو شڪار ڏسي نہ سگهندو. هتي هي سوال بلڪل غيرضروري آهي تہ حيوانن جي حواس ۽ ادراڪ جي هيءَ حالت پهرين ڏينهن کان ئي هئي يا حالت ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ظرف جي ضرورتن ۽ قانون جي مطابقت واري اثر سان بتدريج ظهور ۾ آئي آهي. انهيءَ لاءِ خواه کهڙي به صورت هجي، هي فطرت جو بخشيل استعداد آهي.

هاڻي هي ڳالهه واضح ٿي وئي ته قرآن جي مطابق هر مخلوق جي لاءِ ان جي پرورش ۽ معيشت جو هڪ مڪمل نظام ڪارفرما آهي جيڪو ربوبيت الاهي جو مظهر آهي. اها ربوبيت الاهي ئي آهي جنهن هر وجود کي ان جي جوڙجڪ ۽ بناوت جي لحاظ کان مناسب ۽ موزون پالنا جو سامان عطا ڪيو ۽ هر مخلوق جي لاءِ ان جي خاصيتن جي مطابق هڪ خاص طرح جو اندازو بيهاريو. ۽ پوءِ هر مخلوق کي هڪ اهڙو خارجي ۽ معنوي ادراڪ (هدايت) بخشيائين ته جيئن اهو دنيا جي حياتي واري سامان سان پرورش ۽ معيشت جو پوري طرح فائدو وٺي سگهي. قرآن شريف ربوبيت جي انهن مرتبن جو خاص ذڪر ڪيو آهي:

الذي خلق فسوىٰ .....

"اهو جهانن جو پالڻهار جنهن پيدا ڪيو پوءِ ان کي توري تکي صحيح رکيو ۽ جنهن هر وجود جي لاءِ هڪ اندازو بيهاريو ۽ پوءِ ان کي هدايت کان آگاهه ڪيو." (اعلىٰ- ٢،٣)

قرآن شريف تخليق جي انهن مظهرن طرف اشارو ڪندي، جيڪي ڪائنات جي حياتيءَ ۾ حصو وٺي رهيا آهن، ربوبيت الاهي جا مرتبا انهيءَ ڪري بيان ڪيا آهن ته ان سان نه صرف توحيد الاهي جو ثبوت فراهم ڪيو وڃي بلڪ انساني ذهن تي اها ڳالهه به آشڪار ٿي وڃي ته ڪائنات جي خلقت ۽ ان جي هر مخلوق جي بناوت اهڙي طرح ٿي آهي جو هر شيءِ هڪ خاص مقصد هيٺ هڪ خاص نظام ۽ قانون ۾ هڪ ٻئي سان منسلڪ آهي ۽ ڪا به شيءِ حڪمت ۽ مصلحت کان خالي ڪونهي.

خلق السماوات والارض .....

"الله آسمانن کي ۽ زمين کي حڪمت ۽ مصلحت سان پيدا ڪيو آهي ۽ بيشڪ انهيءَ ڳالهه ۾ ايمان وارن لاءِ (حق کي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاڻڻ جي هڪ وڏي نشاني آهي.“ (عنڪبوت-۴۴)

ربنا ما خلقت هـٰذا باطلا.

”اي اسان جا پالڻهار! هي سڀ ڪجهه تون انهيءَ لاءِ پيدا نہ ڪيو آهي جو رڳو اجايو ۽ بيڪار هجي.“ (آل عمران- ۱۹۱)

تخليق جي انهيءَ مقصدي پهلوءَ کي ”تخليق باالحق“ سڏي سگهجي ٿو. ”بالحق“ جو لفظ قرآن شريف ۾ ڪيترين جڳهن تي آيو آهي. جنهن جو مقصد انهيءَ ڳالهہ طرف توجہ ڇڪڻ آهي تہ ڪائنات جي موجودات ۾ ڪا بہ اهڙي شيءِ ڪونهي جنهن ۾ زندگيءَ لاءِ فائدو ۽ فيض نہ هجي. فطرت پاڻ اهو چاهيندي آهي تہ اها جيڪو ڪجهه بڻائي، اهو اهڙي طرح بڻائي جو ان ۾ وجود ۽ زندگيءَ لاءِ نفعو ۽ راحت هجي.

خلق السماوات والارض يکور الليل.....

”انهيءَ ذات آسمانن ۽ زمين کي حڪمت ۽ مصلحت سان پيدا ڪيو آهي. هن رات ۽ ڏينهن جي فرق ۽ ڦيري جو اهڙو انتظام ڪيو جو ڏينهن ٿيڻ تي رات پاسيري ٿي وڃي ٿي ۽ رات ٿيڻ تي ڏينهن پاسيرو ٿي وڃي ٿو. سج ۽ چنڊ ٻنهي کي ان جي قدرت منڊي رکيو آهي. سڀ پنهنجي پنهنجي جڳهہ تي مقرر وقت لاءِ گردش ڪري رهيا آهن.“ (زمر-۵)

هو الذي جعل الشمس .....

”اها ذات جنهن سج کي روشن بنايو ۽ چنڊ جي گردش جي لاءِ منزلون بيهاريون تان تہ توهان سالن جي ڳڻپ ۽ وقت جو حساب معلوم ڪريو. بيشڪ الله تعاليٰ هي سڀ ڪجهه ائين پيدا نہ ڪيو آهي مگر حڪمت ۽ دانائي سان. ۽ هو انهن سيني ماڻهن لاءِ جيڪي ڄاڻ رکندڙ آهن تن کي علم ۽ معرفت جون نشانيون الڳ الڳ ڪري واضح ڪري ٿو.“ (يونس-۵)

فطرت جي جمال ۽ سينگار لاءِ بہ اهوئي باالحق جو لفظ استعمال ٿيل آهي. يعني ڪائنات ۾ بہ حسن ۽ خوبصورتي جو قانون ڪم ڪري رهيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جنهن جي تقاضا آهي ته جيڪو به نهي ته ان ۾ حسن جمال، ۽ خوبي ۽ ڪمال هجي.

خلق السماوات والارض بالحق .....

"هن آسمانن کي ۽ زمين کي حڪمت ۽ مصلحت سان پيدا ڪيو آهي ۽ اوهان جون شڪليون ٺاهيائين ته اهي به نهايت سهڻائي ۽ سنائيءَ سان ٺاهيائين." (تغابن-٣)

انهيءَ ڪري ئي جزا ۽ سزا جي قانون تي به ساڳي تخليق بالحق سان ثابتي ڏنل آهي. دنيا جي هر شيءِ ۾ ڪانه ڪا اهڙي خاصيت هوندي آهي جيڪا پنهنجي عمل سان هڪ خاص نتيجو پيدا ڪندي آهي. اهي سڀ خاصيتون ۽ انهن جا نتيجا اٽل آهن پوءِ ڇا اهو ممڪن ڪونهي ته انساني عملن ۾ سٺي ۽ بري جون خاصيتون نه هجن ۽ انهن جا اهي ئي نتيجا سامهون نه اچن؟ فطرت جو قانون دنيا جي هر شيءِ ۾ سٺي ۽ بري جو امتياز رکي ٿو ته پوءِ انسان جي عملن ۾ ان امتياز کان غافل ڪيئن ٿيندو.

امر حسب الذين اجترحوا .....

"جيڪي ماڻهو بڇڙايون ڪن ٿا، ڇا اهي سمجهن ٿا ته اسان کين انهن ماڻهن جهڙو ڪري ڇڏينداسين جن ايمان آندو ۽ جن جا عمل سٺا آهن؟ يعني ٻنهي برابر ٿي وڃن زندگيءَ ۾ به ۽ آخرت ۾ به. جيڪڏهن انهن ماڻهن جي فهم ۽ دانش جو فيصلو اهوئي آهي ته پوءِ ڪيڏو نه برو فيصلو آهي انهن جو ۽ حقيقت هي آهي ته الله آسمانن کي ۽ زمين کي حڪمت ۽ مصلحت سان پيدا ڪيو آهي انهيءَ لاءِ پيدا ڪيو آهي ته هر نفس پنهنجي ڪمائي مطابق بدلو ماڻي ۽ ائين نه ٿيندو ته انهن سان ڪا زيادتي ٿئي." (جاثيه- ٢١-٢٢)

آخرت يا مرڻ کان پوءِ جي زندگي تي به انهيءَ تخليق باالحق سان ثابتي ڏنل آهي. ڪائنات جي هر شيءِ ڪونه ڪو مقصد ۽ پڄاڻي رکندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. ان ڪري ضروري آهي ته انساني وجود جي لاءِ به ڪو نه ڪو مقصد ۽ پڇاڙي هجي ۽ اها پڇاڙي آخرت جي زندگي آهي. ڇاڪاڻ ته اهو ڪڏهن به نه ٿو ٿي سگهي ته ڪائنات ارضي جي هي بهترين مخلوق صرف انهيءَ لاءِ پيدا ٿي هجي ته چند ڏينهن جيئڻ کان پوءِ فنا ٿي وڃي.

اولم يتفكروا في انفسهم .....

"ڇا هن ماڻهن ڪڏهن پنهنجي دل ۾ انهيءَ ڳالهه تي غور نه ڪيو آهي ته الله تعاليٰ آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪو ڪجھ انهن جي وچ ۾ آهي بيڪار ۽ اجايو نه بڻايو آهي. بلڪ حڪمت ۽ مصلحت سان بڻايو آهي ۽ ان لاءِ هڪ مقرر وقت ٺهرايو آهي. اصل ڳالهه هي آهي ته ماڻهن ۾ اهڙا گهڻا آهن جيڪي پنهنجي پالڻهار جي ملاقات جا منڪر آهن."
(الروم-٨)

## ربوبيت سان توحيد تي استدلال

هي ڳالهه خاص طرح سان قابل ذڪر آهي ته قرآن ڪائنات جي مظهرن ۽ عجائبن کي ڏسي انهن جي مقصدن ۽ مصلحتن مان استدلال وٺڻ جو ڏسيو آهي. ان ۾ سڀ کان زياده عام استدلال، ربوبيت جو استدلال آهي. مثلاً توحيد باري تعاليٰ جي حوالي سان ان جو استدلال هي آهي ته ڪائنات جي سيني عملن ۽ مظهرن جو اهڙي طرح واقع هجڻ جو هر شيءِ پرورش ڪرڻ واري ۽ هر تاثير زندگي بخشڻ واري آهي. ان کان پوءِ هڪ اهڙي نظام ربوبيت جو موجود هجڻ جيڪو هر حالت جي رعايت ۽ هر طرح جي مناسبت سامهون رکي ٿو. اهڙي طرح هر انسان کي وجداني طرح يقين ڏياري ٿو ته هڪ هستي موجود آهي جيڪا ساري ڪائنات کي زندگي بخشي ٿي ۽ سڀني مخلوق جي پرورش ڪري ٿي ۽ انهيءَ ڪري اها هستي اهڙي سيني صفتن سان ڀرپور آهي جنهن جي جلوي ۽ ڪارفرمائيءَ کان بغير ڪائنات جو اهڙو ڪامل ۽ بي عيب ڪارخانو هرگز وجود ۾ نه اچي سگهي ها.

قرآن سوال ڪري ٿو ته ڇا انساني وجدان اهو مڃي سگهي ٿو ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حياتيءَ جي نظام جو هي سمورو ڪارخانو خودبخود وجود ۾ اچي ويو آهي ۽ ڪو ارادو يا حڪمت انهيءَ منجهه ڪارفرما ڪونهي؟ ڇا هي ممڪن آهي ته انهيءَ ڪارخاني جو ڪو ڪارساز نه هجي؟ ڇا هي پورو حياتيءَ جو نظام رڳو هڪ انڌي ۽ ٻوڙي قوت، بي جان مادي ۽ بي حس الڪٽرانن جي ڏِک آهي ۽ عقل ۽ ارادو رکڻ واري ڪا هستي موجود ڪونهي.

جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ ان جو مطلب اهو ٿيو ته پالڻهاري ۽ ڪارسازيءَ جو عمل ته هر جڳهه تي موجود آهي مگر ڪو پالڻهار ۽ ڪارساز موجود ڪونهي. انتظام ته موجود آهي پر منتظم ۽ پرگهور لهندڙ موجود ڪونهي. رحمت ته موجود آهي پر رحيم موجود ڪونهي، يعني سڀ ڪجهه موجود آهي پر ڪوئي موجود ڪونهي. انساني فطرت مشڪل سان ئي اهو ميچي سگهي ته عمل بغير ڪنهن عامل جي، نظم بغير ڪنهن ناظم جي، قيام بغير ڪنهن قيوم جي، عمارت بغير ڪنهن معمار جي، نقش بغير ڪنهن نقاش جي، يعني سڀ ڪجهه بغير ڪنهن موجود جي ظاهر يا پڌرو ٿي سگهي ٿو. وجدان رڙ ڪري چئي ٿو ته ائين ٿيڻ ممڪن ڪونهي.

قرآن چوي ٿو ته اها ڳالهه انسان جي وجداني سمجهه يا اندروني فڪر جي خلاف آهي ته هو ڪائنات جي نظام جو مطالعو ڪري ته انوقت جهانن جي پالڻهار هستيءَ جو يقين ان جي اندر جاڳي نه پوي. غفلت جي اٿاهه گهرائي ۽ سرڪشيءَ جي مخوليءَ ۾ انسان هر شيءِ جو منڪر ٿي سگهي ٿو ليڪن پنهنجي فطرت کان انڪار نٿو ڪري سگهي. هو هر شيءِ جي خلاف جنگ ڪري سگهي ٿو ليڪن پنهنجي فطرت جي خلاف هٿيار نه ٿو ڪٽي سگهي. جڏهن ماڻهو پنهنجي چوڌاري زندگي ۽ پالڻهاريءَ جي هڪ عالمگير جوڙ ڦهليل ڏسي ٿو ته هن کي پنهنجي فطرت ۽ هن جو اندر صدا ٿو ڏئي ته هو جيڪو ڪجهه ڏسي رهيو آهي ضرور ڪونه ڪو ان جو بنائڻ وارو ۽ پيدا ڪرڻ وارو به آهي.

ياد رکڻ گهرجي ته قرآن جو بيان ڪرڻ جو پنهنجو طريقو اهو ڪونهي ته هو نظري مقدما ۽ ذهني تسليم جون شڪليون ترتيب ڏئي ۽ پوءِ ان تي دليل ۽ چٽائي جون عمارتون بيهاري. بلڪ قرآن انسان جي فطري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجدان ۽ ذوق سان مخاطب ٿيندو آهي. هو چئي ٿو ته خدا پرستيءَ جو جذبو انساني فطرت جو خمير آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ان ڪان انڪار ڪرڻ لڳي ٿو ته اها ان جي غفلت آهي ۽ ضروري آهي ته ان کي غفلت مان جاڳائڻ لاءِ دليل پيش ڪيا وڃن. ليڪن اهي دليل اهڙا نه هئڻ گهرجن جيڪي رڳو ذهني ڪاوشن جو مظهر هجن، بلڪ اهڙا هجن جيڪي هن جي اکين ڪان اوجهل دل جي دروازي تي آواز ڏين ۽ ان جي فطري وجدان کي بيدار ڪن. جيڪڏهن ان جو وجدان بيدار ٿي ويو ته پوءِ ايمان جي ثابتيءَ لاءِ بحث ۽ دليل جي ڪا ضرورت باقي نه ٿي رهي بلڪ خودبخود ان جي اندر ايمان جو روح جاڳي پوي ٿو. اهوئي ڪارڻ آهي جو قرآن پاڻ انسان جي فطرت سان ئي انسان تي حجت بيهاري ٿو:

قل من يرزقكم من السماءِ والارض .....

"اهو ڪير آهي جيڪو آسمانن ۽ زمين جي ڦهليل وسعتن مان پيدا ٿيڻ واري رزق جي سامان سان توهان کي روزي بخشي رهيو آهي. اهو ڪير آهي جنهن جي قبضي ۾ توهان جو ٻڌڻ ۽ ڏسڻ اهي. اهو ڪير آهي جيڪو بيجان ڪان جاندار کي ۽ جاندار ڪان بي جان کي ڪڍي ٿو. پوءِ اها ڪهڙي هستي آهي جيڪا هي سمورو ڪارخانو انهي انتظام ۽ نگرانيءَ سان هلائي رهي آهي. (اي پيغمبر) يقيناً اهي بي اختيار چئي ڏيندا ته اهو الله آهي. (ان ڪان سواءِ ڪير ٿي سگهي ٿو؟) پوءِ توهان انهن کي چؤ ته جڏهن توهان کي انهيءَ ڳالھ ڪان انڪار ڪونهي ته پوءِ ڇو ائين آهي جو غفلت ۽ سرڪشيءَ ڪان نه ٿا بچو. بيشڪ اهو الله ئي آهي جيڪو توهان جو پالڻهار حقيقي آهي ۽ جڏهن حق آهي ته پوءِ حق ظاهر ٿيڻ ڪان بعد ان کي نه مڃڻ گمراهي ناهي ته ٻيو ڇا آهي. (افسوس توهان جي سمجھ تي) توهان حقيقت ڪان منهن موڙي ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو."

(يونس ٣١، ٣٢)

هڪ ٻئي هنڌ تي قرآن پڇي ٿو:

امن خلق السماوات والارض وانزل لكم .....



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اهو ڪير آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو جنهن توهان جي لاءِ پاڻي وسايو. وري ان پاڻي سان سهڻا باغ پيدا ڪيائين، حالانڪ توهان جي وس جي ڳالهه ئي نہ هئي جو انهن باغن جا وڻ پيدا ڪري سگهو ها. ڇا انهن ڪمن ڪرڻ ۾ الله سان گڏ ٻيو بہ ڪو معبود آهي. افسوس آهي انهن ماڻهن جي سمجهه تي، توڙي جو انهن جي مٿان حقيقت ڪيتري بہ ظاهر ٿئي مگر هي اهي ماڻهو آهن جن جو شيوو ئي ڏنگائپ آهي. ڀلا ٻڌايو تہ اهو ڪير آهي جنهن زمين کي زندگي ۽ معيشت جو ڀنڊار بنايو، ان ۾ نهرون جاري ڪيون ۽ ان کي سڌو بيهارڻ لاءِ پهاڙ بلند ڪيا ۽ درياهن ۽ سمنڊ ۾ اهڙي پٽ بيهاري ڇڏيائين جو ٻئي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي حد ۾ رهن ٿا. ڇا الله سان گڏ ٻيو بہ آهي. افسوس! ڪيتري نہ واضح ڳالهه آهي مگر انهن ماڻهن ۾ اڪثر اهڙا آهن جيڪي اڻ ڄاڻ آهن. ٻڌايو اهو ڪير آهي جيڪو بي قرار دلين جي پڪار ٻڌي ٿو، جڏهن اهي هر طرف کان مايوس ٿي ان کي پڪارڻ لڳن ٿا، ۽ ڪير انهن جو درد ۽ ڏک ٽاري ڇڏي ٿو. ۽ اهو، جنهن توهان کي زمين جو جانشين بڻايو. ڇا الله سان گڏ ڪو ٻيو بہ آهي (افسوس توهان جي غفلت تي) ڏاڍو گهٽ ٿيندو آهي جو توهان نصيحت وٺندڙ هجو. ڀلا ٻڌايو ڪير آهي جو بيابانن ۽ سمونڊن جي اونداهين ۾ توهان جي رهنمائي ڪندو آهي. اهو ڪير آهي جيڪو رحمت جا ڪڪر وسائڻ کان اڳ خوشخبري ڏيڻ واريون هوائون هلائيندو آهي. ڇا الله سان گڏ ٻيو بہ معبود آهي. (هرگز نہ) الله جي ذات اهڙي شرڪت يا ساٿيءَ کان پاڪ ۽ اُچي آهي جيڪا ماڻهو ان جي معبوديت ۾ شريڪ ڪن ٿا. ڀلا ٻڌايو تہ اهو ڪير آهي جيڪو مخلوق جي پيدائش شروع ڪري ٿو ۽ وري ان کي ورجائيندو رهي ٿو. ۽ اهو ڪير آهي جيڪو آسمانن ۽ زمين جي رزق واري خزاني مان توهان کي روزي ڏئي رهيو آهي. ڇا الله سان گڏ ڪو ٻيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معبود بہ آهي. اي پيغمبر انهن کي چؤ تہ جيڪڏهن اوهان (پنهنجي رويي ۾) سچا آهيو ۽ انساني عقل ۽ بصيرت جي ان عالمگير شهادت جي خلاف توهان وٽ ڪو دليل آهي تہ پنهنجو دليل پيش ڪريو.“ (نمل- ٦٠-٦۴)

هنن سوالن مان هر هڪ سوال پنهنجي جاءِ تي هڪ دليل آهي. انهن مان هر سوال جو صرف هڪ ئي جواب آهي تہ ”اهو فطرت انساني جو هڪ عالمگير ۽ تسليم ٿيل دليل آهي.“ قرآن جا اهڙا ڪيترائي هنڌ آهن جن ۾ ڪائنات جي پالنا واري سامان ۽ ربوبيت جي ڪارسازين جو ذڪر ڪيو ويو آهي. اهي اصل ۾ قرآني استدلال جو بنياد آهن ۽ انهن سان توحيد الاهي جي تائيد ٿيئي ٿي:

فلينظر الانسان الیٰ طعامہ .....

”انسان پنهنجي غذا تي نظر وجهي، جيڪا ڏينهن رات ان جي استعمال ۾ اچي ٿي. اسان پهريائين زمين تي پاڻي وسايون ٿا، پوءِ ان جي سطح چيريون ٿا. پوءِ ان جي سيني مان طرح طرح جون شيون پيدا ڪيون ٿا. اناج جا داڻا، انگور ۽ ڪڃين جا گوشا، زيتون جو تيل، وڻن جي جهڳٽن مان قسم قسم جا ميوا، قسمين قسمين گاهہ- اهو سڀ ڪجهہ توهان جي ۽ توهان جي جانورن جي فائدي لاءِ آهي.“ (عبس-٢۴-٣٢)

هنن آيتن ۾ ”انسان پنهنجي غذاتي نظر وجهي“ جي لفظن تي غور ڪريو. انسان ڪيترو ئي غافل ٿي وڃي ۽ زندگيءَ جي حقيقتن کان لوائي ليڪن حقيقت جي دليلن جي وسعت ۽ گهرائي اها آهي جو اهي ڪنهن حال ۾ بہ نظرن کان اوجهل نہ ٿا ٿين. هڪ ماڻهو دنيا جي سيني مظهرن کان اکيون ڦيري ڇڏي، ليڪن پنهنجي ان غذا جي ذريعن کان پنهنجي اک بند نہ ٿو ڪري سگهي جيڪا ان جي سامهون رکيل آهي. ان تي نظر وجهي تہ هي ڇا آهي؟ ڪڻڪ جو هڪ داڻو! هاڻي ڪڻڪ جو هڪ داڻو پنهنجي ترڃءَ تي رکي ان جي پيدائش کان وٺي ان جي پختگي ۽ تڪميل تائين سيني مرحلن تي غور ڪري. ڇا اهو ننڍڙو داڻو بہ ائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجود ۾ اچي سگهي ها جيستائين جو هستي جو ڪارخانو هڪ خاص انتظام ۽ ترتيب سان ان جي بناوت ۾ سرگرم نہ رهي ها؟ جيڪڏهن دنيا ۾ اهڙو سربلو ۽ سيبتو نظام موجود آهي تہ پوءِ ڇا ائين ٿي سگهي ٿو تہ ان جو ناظم ۽ ڪارفرما نہ هجي؟

سورت نحل ۾ اهو ئي استدلال هڪ ٻئي پيرائي ۾ بيان ٿيل آهي:

وان لکم في الانعام لعبرة .....

"۽ ڏسو هي چوپايا (جن کي توهان پاليو ٿا) انهن ۾ توهان جي غور ڪرڻ ۽ نتيجو ڪڍڻ لاءِ ڪيتري وڏي عبرت آهي. انهن جي جسم مان اسان رت ۽ ڇيڻ جي وچ ۾ کير پيدا ڪريون ٿا، جيڪو پيئڻ وارن لاءِ اهڙو تہ شفاف، خالص ۽ لذيذ ٿئي ٿو جو (وڏي شوق سان) اهو ڪٽي پي وڃن ٿا اهڙي طرح کجي ۽ انگور جا ميوا آهن جن مان نشي جو ست ۽ سٺي غذا ٻنهي طرحن جون شيون حاصل ڪريو ٿا. بيشڪ انهيءَ ڳالهہ ۾ عقل وارن جي لاءِ (ربوبيت الاهٰي کي سمجهڻ) جي وڏي نشاني آهي." (نحل- ٦٦-٦٩)

و اوحيٰ ربک الي النحل .....

"۽ پوءِ ڏسو توهان جي پالڻهار ماکيءَ جي مک جي طبعيت ۾ اها ڳالهہ وجهي ڇڏي تہ پهاڙن ۾ ۽ وڻن ۾ ۽ انهن ٿارين ۾ جيڪي انهيءَ غرض سان اڀاريون ويندون آهن، پنهنجي لاءِ گهر ناهہ. پوءِ هر طرح جي گلن مان رس چوسيندي وت. پوءِ پنهنجي پالڻهار جي بيهاريل طريقن تي ڪامل فرمانبرداريءَ سان هلي پؤ. (تان تہ توهان ڏسو ٿا تہ) ان جي پيٽ مان مختلف رنگن جو رس نڪري ٿي، جنهن ۾ انسان جي لاءِ شفا آهي. بيشڪ انهيءَ ڳالهہ ۾ انهن ماڻهن لاءِ جيڪي غور ۽ فڪر ڪن ٿا (ربوبيت الاهي جي عجائب ڏسڻ جون) وڏيون نشانيون آهن." (نحل- ٦٦، ٦٩)

جهڙي طرح قرآن خالق جي وجود جي ثبوت ۾ هر هنڌ خلقيل شين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان استدلال ڪيو آهي، اهڙي طرح هو حياتيءَ جي نظام ۽ ڪائنات جي تخليق جي حوالي سان ربوبيت جو استدلال ڪري ٿو. يعني دنيا ۾ هر شيءِ پالنا جي محتاج آهي ان ڪري ضروري آهي ته ڪو پالڻهار به هجي. دنيا ۾ جيئن ته پالڻهاريءَ جو نظام ڪامل ۽ بي داغ آهي، ان ڪري ضروري آهي ته اهو پالڻهار به ڪامل ۽ بي داغ هجي.

وڌيڪ واضح لفظن ۾ اسان ان کي هيئن چئي سگهون ٿا. اسان ڏسون ٿا ته دنيا ۾ هر شيءِ اهڙي آهي جنهن کي پالنا جي محتاجي آهي ۽ ان جي پالنا جا سامان به مهيا آهن. هاڻي ضروري آهي ته ڪو پالنا ڪرڻ وارو به موجود هجي. اهو پالنا ڪرڻ وارو ڪير ٿي سگهي ٿو. يقيناً اهو نه ٿو ٿي سگهي جيڪو پاڻ به پالنا جو محتاج هجي. قرآن جون هيٺيون آيتون انهيءَ استدلال کي بيان ڪرن ٿيون:

افرءَيتم ما تحرثون .....

”ڇا توهان انهيءَ ڳالهه تي غور ڪيو آهي جو جيڪا توهان پوک ڪريو ٿا، تنهنَ کي توهان اپاريو ٿا يا اسان اپاريون ٿا. جيڪڏهن اسان چاهيون ته ان کي پورا پورا ڪري ڇڏيون ۽ توهان صرف اهو افسوس ڪندي رهجي وڃو ته اسان کي ٿيل نقصان جي ٽوٽ ئي پرٽي پوندي. بلڪ اسان کي پنهنجي محنت جي سيني فائدن کان ئي محروم ٿي وياسين. ڀلا توهان اها ڳالهه به ڏني ته پاڻي جيڪو توهان جي پيئڻ جي ڪم اچي ٿو ان کي ڪير وسائي ٿو. جيڪڏهن اسان چاهيون ته ان کي (سمنڊ جي پاڻي وانگر) ڪارو ڪري ڇڏيون. پوءِ ڇا انهيءَ نعمت لاءِ ضروري ناهي ته اوهان شڪر گذار هجو. ڀلا اوهان اها ڳالهه به ڏني ته هيءَ باهه جيڪا اوهان ٻاريو ٿا ته ان جي لاءِ ڪاٺي ڏيندڙ وڻن کي توهان ڄمائيندا آهيو يا اسان ڄمائيندا آهيون.“ (واقعه-٦٣-٧٣)

## ربوبيت سان آخرت جي وجود تي استدلال

اهڙي طرح قرآن تخليق بالحق سان آخرت يا مري ۽ وري جيئڻ تي به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

استدلال ڪري ٿو. اها ئي منزل آهي جنهن طرف هستيءَ جو پورو قافلو هلي رهيو آهي. ڇا اهو ممڪن آهي انسان کي رڳو انهي لاءِ بنايو ويو هجي ته هو چند ڏينهن زنده رهي ۽ پوءِ نيست ونابود ٿي وڃي. اهو ڪهڙي طرح ٿي سگهي ٿو ته انسان جيڪو ڏرتي جي بهترين مخلوق آهي ۽ جنهن جي جسماني ۽ معنوي اوسر جي لاءِ فطرت ڪائنات ايترو سارو بندوبست ڪيو آهي، ان لاءِ قدرت ڪو بهتر استعمال ۽ متاهون مقصد نه رکندي هجي! ڪائنات جي خالق جڏهن هر شيءِ کي هڪ خاص مقصد ۽ سبب لاءِ تخليق ڪيو آهي ته اهو ڪيئن سمجهي سگهجي ٿو ته هُن پنهنجي هڪ بهترين مخلوق، جيڪا سندس پالڻهاريءَ جو سڀ کان وڏيڪ فيض حاصل ڪري ٿي، ان کي رڳو انهيءَ لاءِ بڻايو ويو هجي، ته ڪيس اجايو ۽ بغير نتيجي ڇڏي ڏجي. قرآن ان لاءِ چوي ٿو:

افحسبتم انما خلقناكم عبثا .....

”ڇا توهان ائين سمجهي ڇڏيو آهي ته اسان توهان کي بغير ڪنهن مقصد ۽ نتيجي جي پيدا ڪيو آهي ۽ اسان جي طرف ڪو نه موٽندؤ. الله جيڪو هن ڪائنات هستيءَ جو حقيقتي حڪمران آهي انهيءَ ڳالهه کان گهڻو متي آهي جو هڪ بيڪار ۽ اجايو ڪم ڪري. (اهڙو اجايو خيال متي مان ڪڍي ڇڏيو ۽ پڪ ڄاڻو ته) ڪوبه معبود ڪونهي مگر اهو جيڪو جهانداري جي شاندار عرش جو مالڪ آهي.“
(مومنون_١١٥_١١٦)

اولم يتفكروا في انفسهم .....

”ڇا انهن ماڻهن پنهنجي دل ۾ ڪڏهن انهيءَ ڳالهه تي غور فڪر نه ڪيو آهي ته الله آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪو ڪجهه ان جي وچ ۾ آهي، اجايو ۽ بيڪار نه بنايو آهي بلڪ ان کي حڪمت ۽ مصلحت سان بڻايو آهي ۽ انهيءَ جي لاءِ هڪ وقت مقرر بيهاريو آهي. (تنهن هوندي به) انسانن ۾ ڪيترا اهڙا (بيوقوف) ماڻهو آهن جيڪي اها ڳالهه نٿا مڃن ته ڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(قيامت ڏينهن) پنهنجي پروردگار وٽ پيش ڪيا ويندا.
(الروم ـ ٨)

هيستائين اسان اها ڳالهه انهيءَ سادي طريقي تي بيان ڪئي آهي جيڪو قرآن جي بيان ۾ خطاب جو طريقو آهي. ليڪن هن ڳالهه جي مطلب کي علمي بحث ۾ گفتگو جي پيرائي ۾ هيئن بيان ڪري سگهجي ٿو ته انسان جو وجود ڌرتيءَ جي گولي تي خلقت جي سلسلي جي آخري ۽ سڀ کان متاهين ڪڙي آهي. جيڪڏهن حياتيءَ جي منڍ پيدائش کان وٺي ڪري انساني وجود جي پڄاڻيءَ تائين جي تاريخ تي نظر وڌي وڃي ته اهو ڳاڻاٽي ۾ نه ايندڙ عرصي جي مسلسل اوسر ۽ ارتقا جي تاريخ هوندي.

معنيٰ ته فطرت لکين ڪروڙين سالن جي ڪارفرمائي ۽ حرفت سان ڌرتيءَ جي گولي تي جيڪو سڀ کان عظيم وجود تيار ڪيو اهو انسان آهي. ماضيءَ ۾ موٽي انهيءَ ڏورانهين نقطي جو تصور ڪيو، جڏهن اسان جو هي ڌرتيءَ جو گولو سج جي ٿڇڪندڙ گرهه کان الڳ ٿيو هو. مڃاڻ ڪيترو عرصو ان جي ٿڌي ۽ وچٿري ٿيڻ ۾ گذريو ۽ اهو انهيءَ قابل ٿيو ته زندگي جا عنصر ان تي نشو و نما وٺي سگهن. ان کان پوءِ اهو وقت آيو جڏهن ان جي متاچري تي اوسر جو سڀ کان پهريون بنياد پيو. پوءِ اهو به معلوم ڪونهي ته ڪيتري عرصي کان پوءِ حياتيءَ جو اهو پهريون تخم وجود ۾ آيو جنهن کي (Protoplasm) جي لفظ سان سڏيو وڃي ٿو. پوءِ عضون واري حياتي جي اوسر جو دور شروع ٿيو ۽ خبر ناهي ڪيترو عرصو ان جو گذريو جو ان دور مفرد کان مرڪب تائين ۽ ادنيٰ کان اعليٰ درجي تائين منزلون طئه ڪيون. ايستائين جو حيوانات جون ابتدائي ڪڙيون ظهور ۾ آيون. ۽ پوءِ وري لکين سال انهيءَ ۾ نڪري ويا، تان ته هي سلسلو انساني وجود تي اچي متانهون ٿيو. وري انسان جي جسماني ظهور کان پوءِ ان جي ذهني ارتقا جو سلسلو شروع ٿيو. آخرڪار هزارين سالن جي اجتماعي ۽ ذهني ارتقا کان پوءِ اهو انسان منظر تي آيو جيڪو زمين جي گولي تي تاريخي عهد جو ذهين ۽ متمدن انسان آهي. معنيٰ ته زمين جي پيدائش کان وٺي ترقي يافته انسان جي تڪميل تائين جيڪو ڪجهه گذريو آهي ۽ جيڪو ڪجهه ٿيو نڪيو آهي. اهو سڀ جو سڀ انسان جي پيدائش ۽ تڪميل جي ئي ڪٿا آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي سوال هي آهي تہ جنهن وجود جي پيدائش لاءِ فطرت انهيءَ حد جو انتظام ڪيو آهي، ڇا هي سڀ ڪجھ انهيءَ لاءِ هو تہ اهو وجود پيدا ٿئي، ڪائي پيئي ۽ مري فنا ٿي وڃي! قدرتي طور تي انهيءَ سلسلي ۾ هڪ ٻيو سوال بہ پيدا ٿئي ٿو تہ جيڪڏهن انساني وجود پنهنجي ماضي واري عرصي ۾ هميشہ هڪ ڪان ٻئي پنيان مٿبو آيو آهي، ايستائين جو ماضيءَ ۾ بيشمار صورتون مٽيون ۽ هڪ ٻئي پنيان نيون زندگيون ظاهر ٿيون، تہ پوءِ انهيءَ ڳالھ تي ڇو تعجب آهي تہ انسان جي موجوده زندگيءَ جو مٽجڻ بہ بلڪل مٽجي وڃڻ ناهي، بلڪ ان ڪان پوءِ بہ هڪ سڀ ڪان اعليٰ شڪل ۾ زندگي آهي:

ايحسب الانسان ان يترڪ سديٰ .....

"ڇا انسان سمجهي ٿو تہ اهو اجايو ڇڏيو ويندو ۽ ان زندگيءَ ڪان پوءِ ٻي زندگي نہ ٿيندي. ڇا ان تي اها حالت نہ گذري چڪي آهي جو پيدائش ڪان پهريائين نطفو هو، نطفي ڪان پوءِ گوشت جو لوٿڙو بڻيو، پوءِ لوٿڙي مان انجو ڍول بڻيو ۽ پوءِ ان ڍول کي ٺيڪ ٺاڪ درست ڪيو ، ويو." قيامت-٣٦، ٣٨)

لترڪبن طبقا عن طبق .....

"توهان درجي بدرجي هڪ حالت ڪان ٻي حالت تي ضرور ايندؤ (۽ هي سلسلو مرڻ ڪان بعد بہ جاري رهندو.)"
(انشقاق-١٩)

## ربوبيت سان وحي تي استدلال

قرآن شريف ربوبيت جي نظام يا رحمت الاهي جي مظهرن سان نيڪي ۽ بديءَ جي انهن قانونن تي بہ استدلال ڪري ٿو جيڪي انسان جي حياتيءَ ۾ ڪارفرما آهن. اهڙي طرح وحي ۽ رسالت جا دليل بہ پيش ڪري ٿو. جنهن رب العالمين جهانن جي پالڻهار هر شيءِ جي جسماني اوسر جي لاءِ هيڏو سارو نظام قائم ڪري رکيو آهي سو ڪيئن ممڪن آهي تہ ان روحاني پلائي ۽ چڱائي جي لاءِ ڪو قانون ۽ قاعدو مقرر نہ ڪيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي.

حـمر ـ تنـزيل الڪتاب .....

”هي ان الله جي پاران ڪتاب (هدايت) نازل ڪجي ٿـو جيڪو زبردست حڪمت وارو آهي.“ (جاثيہ ـ ۱، ۲)

قرآن بيشڪ انهن ماڻهن جي نموني کان واقف آهي جيڪي وحي الاهي جي اصول تي شڪ شبهو ڪن ٿا.

وما قدروا الله حق قدره .....

”۽ الله جي ڪمن جي انهن کي جيڪا قدر شناسي ڪرڻي هئي يقيناً انهن نہ ڪئي جو انهن اها ڳالھ چئي تہ الله پنهنجي ڪنهن ٻانهي تي ڪا بہ شيءِ نازل نہ ڪئي آهي. (انعامر ـ ۹۲)

اهڙي طرح قرآن جسماني دنيا جو مثال پيش ڪري ٿو تہ جهڙي طرح انسان جي جسماني ضرورتن جي پورائي لاءِ هڪ باقائدي نظامر موجود آهي، اهڙي طرح ان جي روحاني هدايت جي لاءِ بہ سامان مهيا ڪيو ويو آهي. الله جي ربوبيت خدا جي تخليقي سرگرمين جو هڪ اهڙو مظهر آهي جيڪو ان جي رحمت واري صفت تي دلالت ڪري ٿو. ان باري ۾ ڳالهين کي ايندڙ باب ۾ بيان ڪيو ويو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# صفت رحمت

الله جي ربوبيت جو نظام، زندگيءَ جي هڪ توجہ ڇڪائيندڙ حقيقت آهي. ليڪن ڪائنات هستيءَ جي هر گوشي ۾ الله جي ربوبيت کان بہ وڌيڪ ڪشادي حقيقت ڪارفرما آهي جنهن تي خود ربوبيت جو انحصار آهي. قرآن ان کي رحمت، رحمانيت يا رحيميت جو نالو ڏئي ٿو. اها رحمت ئي آهي جيڪا هر مخلوق کي جمال ۽ تڪميل عطا ڪري ٿي. قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي تہ:

ورحمتي وسعت ڪل شيءٍ

منهنجي رحمت دنيا جي هر شيءِ تي ڦهليل آهي. (اعراف-١٥٥)

قرآن جي پهرين سورت يعني سورت فاتحہ جي ٻي آيت ۾ رحمت جي تصور کي واضح طور تي پيش ڪيو ويو آهي. بلڪ سورت فاتحہ جي منڍ عنوان بسم الله الرحمان الرحيم ۾ ئي ان تصور کي واضح ڪيو ويو آهي. ان ۾ الرحمان ۽ الرحيم جا جيڪي لفظ استعمال ڪيا ويا آهن انهن ٻنهي جو مادو رحمت آهي. عربيءَ ۾ رحمت جي معنيٰ آهي "اهڙي رقت ۽ نرمي جنهن سان ڪنهن ٻئي لاءِ شفقت جو اظهار هجي." انهيءَ ڪري رحمت ۾ محبت، شفقت، فضل ۽ احسان سڀني جو مفهوم داخل آهي. الرحمان جي معنيٰ آهي تہ اهڙي ذات جنهن ۾ نہ صرف رحمت هجي بلڪ جنهن کان هميشہ رحمت جي پالوٽ ٿيندي هجي. يا اهڙي هستي جنهن سان سموري ڪائنات جي هر خلقت ۽ هر شيءِ هر گهڙي فيضياب ٿيندي رهي. انهن ٻنهي حيثيتن کي گڏوگڏ بيان ڪرڻ ۾ قرآن جو مقصد هي آهي تہ الله جي رحمت جي وسعت کي واضح ڪجي. ربوبيت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو شان مخلوق جي پرورش آهي ليڪن صرف پرورش ئي زندگيءَ جي اننها ڪونهي. هستيءَ جي هن سموري ڪارخاني جي تخليق بي معنيٰ رهجي ويندي جيڪڏهن ان جي هر عمل ۾ بتدريج نـاهڻ ۽ سنوارڻ جو سلسلو نہ هجي. فلسفو چئي ٿـو تہ فطرت جي مرضي ۽ تقاضا اِها آهي تہ اها نـاهي، سنواري ۽ نروار ڪري. نـاهڻ جو مزاج آهي تہ ان ۾ اعتدال (وچٿرائي) هجي. سونهن جي تقاضا آهي تہ ان ۾ تناسب هجي. اهوئي سبب آهي جو اعتدال ۽ تناسب دنيا جي سيني تعميري حقيقتن جو اصل آهن. ليڪن سوال پيدا ٿئي ٿـو تہ ڪائنات جي فطرت ۾ صرف تعمير جي ضرورت ڇـو آهي ۽ رڳو عموميت ۽ اتفاق راءِ ڇـو آهي. ان ۾ انحراف ۽ اورانگهڻ ڇـو ڪونهي؟ فلسفو انهن سوالن جو جواب نہ ڏئي سگهيو. هڪ مشهور فلسفيءَ جو قول آهي تہ جنهن هنڌ تان "هي ڇـو" شروع ٿئي ٿـو، فلسفي جي سرحد اتي ختم ٿئي ٿـي. ليڪن قرآن ان جو جواب ڏئي ٿـو. هو چئي ٿـو تہ اها ضرورت الله جي رحمت جي ضرورت آهي. الله جي رحمت چاهيندي آهي تہ جيڪو ڪجھ بہ ظهور ۾ اچي اهو سهڻو ۽ سڦل هجي، انهيءَ ڪري ائين ٿئي ٿـو. قرآن ان متعلق چوي ٿـو:

قل لمن ما في السموات والارض .....

"(اي پيغمبر!) پُڇين تہ آسمان ۽ زمين ۾ جيڪو ڪجھ آهي، اهو ڪنهن جي لاءِ آهي؟ (اي پيغمبر) چؤ تہ الله جي لاءِ آهي، جنهن پنهنجي لاءِ ضروري ڪري ڇڏيو آهي تہ رحمت هجي."
(انعام ـ ١٢)

ڪائنات جي هستيءَ جي هر ذري ۾ حسن ۽ خوبي آهي ۽ هي سمورو ڪارخانو انهيءَ لاءِ ٺهيو آهي تہ انسان کي انهيءَ کان فائدو پهچي. قرآن جي هن آيت ۾ انهيءَ سچائيءَ کي هيئنئن بيان ڪيو ويو آهي:

وسخر لكم ما في السموات والارض .....

"۽ آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪو ڪجھ بہ آهي اهو سڀ الله توهان جي هٿ هيٺ آڻي ڇڏيو آهي (يعني ان جون قوتون ۽ اثر اهڙي طرح توهان جي استعمال ۾ آڻي ڇڏيا آهن جو جهڙي طرح جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪم ونو، ونـي سگهو ٿا) بيشڪ انهن ماڻهن لاءِ جيڪي غور ڪرڻ وارا آهن انهيءَ ڳالھ ۾ (حق ڪي سڃاڻڻ جون) وڏيون نشانيون آهن." (جاثيہ-١٣)

ڪائنات جي هستيءَ ۾ الله جي رحمت جو نظام اهڙي طرح ڪارفرما آهي جو هڪ ئي وقت هر مخلوق کي هڪ جهڙو نفعو رسي ٿو. جيڪڏهن هڪ عاليشان محل ۾ رهڻ وارو ماڻهو هي محسوس ڪري سگهي ٿو ته سمورو هستيءَ جو ڪارخانو انهيءَ جي سهولتن جي لاءِ آهي ته بلڪل انهيءَ وانگر هڪ ڪِول به چئي سگهي ٿي ته فطرت جون سموريون ڪاريگريون صرف انهيءَ جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ آهن. ڪير آهي جو انهيءَ ڳالھ جو انڪار ڪري سگهي. ڇا حقيقت ۾ سج انهيءَ لاءِ ڪونهي ته ڪول کي گرمي پهچائي. ڇا مينهن انهيءَ لاءِ ڪونهي ته ان کي پاڻيات پهچائي. ڇا هوا انهيءَ لاءِ ڪونهي ته ان جي جيئڻ ۽ نڪ تائين مناڻ جي بوءِ پهچائڻ جو ڪارڻ بڻجي؟ ڇا زمين ان جي لاءِ هر موسم جي مطابق پناھ گاھ نہ ٿي بڻجي. اصل ۾ فطرت جي مهربانين جو قانون اهڙو ته عام ۽ هڪجهڙو واقع ٿيو آهي جو هڪ ئي وقت هر مخلوق کي هڪ جهڙو فائدو پهچائي ٿو. قرآن چوي ٿو:

وما من دابۃ في الارض .....الا امم امثالکم.

"۽ زمين جا سيئي جانور ۽ پرن سان اڏامندڙ سڀ پکي اصل ۾ توهان جهڙيون ئي امتون آهن." (انعام-٣٨)

**تخريب ۽ تعمير**

هتي هيءَ حقيقت وساري نہ ٿي سگهجي تہ دنيا ۾ هر نهڻ سان گڏ ڍهڻ بہ آهي ۽ هر وڪرڻ سان گڏ جڙڻ بہ آهي. جهڙي طرح سنگ تراش جو پٿر کي ڀڃي ڀورڻ انهيءَ لاءِ هوندو آهي تہ هو دل لڀائيندڙ ۽ خوبيءَ وارو هڪ مجسمو تيار ڪري وٺي، اهڙي طرح جهان جو سمورو بگاڙ بہ انهيءَ لاءِ هوندو آهي تہ جوڙ ۽ خوبيءَ جي فياضي ظاهر ٿئي. فطرت اهڙي نموني سان هستيءَ جي عمارت جي هڪ هڪ ڪنڊ تيار ڪندي رهي ٿي. پوري احتياط ۽ توجہ سان ان ڪارخاني جو هڪ هڪ ڪل ۽ پرزو جوڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي، ۽ ان جي سهڻائي ۽ سنائي جي حفاظت لاءِ هر رڪاوٽ جو مقابلو ۽ هر نقصان جو ازالو ڪندي رهي ٿي. تعمير ۽ تڪميل جون اهي ئي سرگرميون آهن جيڪي ظاهر ۾ تخريب ۽ تباهيءَ جون نشانيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. حالانڪ جيڪو نظر اچي ٿو تنهن جي پنيان ڏسو ته هستيءَ جي هن ڪارخاني ۾ پيچ ڊاهه ڪٿي آهي. جيڪو ڪجھ واقع ٿئي ٿو اهو تعمير جو ثبوت آهي. سمونڊن ۾ طوفان، درياهن جي اٿل، پهاڙن جو ابرڻ، سياري جي برفباري، گرمين جا جهولا، مينهن ۾ ڪڪرن جا ڪڙڪا ۽ ڪنوڻ جا چمڪاٽ، اهي سڀ ڪجھ توڙي جو ظاهر ۾ خير سلي نه هوندا آهن ليڪن حقيقت هي آهي ته انهن مان هر حادثو ڪائنات جي هستيءَ جي تعمير ۽ درستگيءَ لاءِ ايترو ئي ضروري آهي جيتري ڪا وڌ ۾ وڌ مفيد شيءِ اوهان جي نظر ۾ ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن سمونڊ ۾ طوفان نه اٿن ته ميدانن ۾ بارش جو هڪ قطرو به ميسر نه ٿي سگهي. جيڪڏهن ڪڪرن ۾ گجگوڙ نه هجي ته مينهن جي رحمت جي پالوٽ به نه ٿئي. جيڪڏهن ٻرندڙ جبلن جون چوٽيون نه ڦاٽن ته زمين جي اندر ٻجرندڙ لاوا هن ڌرتيءَ جي گولي جي سڄي متاڇري کي ناس ڪري ڇڏين ها ۽ ان جي مٿان ٿهلجي وڃن ها. اوهان هاڻي پڇندؤ ته آخر زمين جي اندر اهي ٻجرندڙ لاوا پيدا ئي ڇو ڪيا ويا؟ ليڪن توهان کي خبر هئڻ گهرجي ته جيڪڏهن زمين جي اندر اهو ٻجرندڙ مادو نه هجي ها ته زمين جي اوسر واري سگھ جو ضروري عنصر ئي غير موجود هجي ها. اهائي حقيقت آهي جنهن طرف قرآن وري وري اشارا ڪيا آهن:

ومن آياته يريكم البرق .....

"۽ ڏسو ان جي (قدرت ۽ حڪمت جي نشانين مان هڪ نشاني هي آهي جو) بجلي جي چمڪ ۽ گجگوڙ ظاهر ڪري ٿو ۽ انهيءَ سان توهان تي خوف ۽ اميد ٻئي حالتون طاري ٿي وڃن ٿيون. ۽ آسمان کان پاڻي وسائي ٿو ۽ پاڻيءَ جي اثر سان زمين مرڻ کان پوءِ ٻيهر زنده ٿي پوي ٿي. بيشڪ انهيءَ صورتحال ۾ عقل ۽ سمجھ رکندڙن جي لاءِ حڪمت الاهي جون وڏيون نشانيون آهن." (روم- ٢۴)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## فطرتَ جو حسن

قرآن چوي ٿو تہ فطرت جي سڀ کان وڏي بخشش ان جو عالمگير حسن ۽ جمال آهي جيڪو الله جي رحمت جو عڪس آهي. فطرت صرف جوڙي ۽ سنواري ئي نہ ٿي بلڪ اها اهڙي طرح جوڙي ۽ سنواري ٿي جو ان جو هر نقش اکين کي وڻندڙ هوندو آهي. حق ڳالهہ اها آهي تہ ڪائنات هستي جو خمير ئي حسن ۽ سونهن آهي. فطرت جهڙي طرح ان جي بناوت جي لاءِ عنصر پيدا ڪيا، اهڙي طرح ان جي وجود جي خوبصورتي ۽ سينگار لاءِ روشني، رنگ، خوشبوءِ ۽ سُرن جي تخليق ڪئي.

ذالڪ عالم الغيب .....

"هي الله آهي محسوسات ۽ غيرمحسوسات کي ڄاڻڻ وارو، طاقت وارو، رحمت وارو، جنهن جيڪا بہ شيءِ بڻائي تہ حسن ۽ خوبيءَ سان بڻائي." (سجده ٦-٧)

بيشڪ اسان ڪائنات هستيءَ ۾ خوبي ۽ دلربائي جي هر پهلو ۾ سختي ۽ بدصورتي جا مظهر بہ ڏسون ٿا. بلبل جي مٺن سرن سان گڏ ڪانون جي ڪان ڪان بہ اسان ٻڌون ٿا. فطرت جي سرن وارين تارن ۾ واڌ ۽ لاٿ جا اهي سڀ نمونا موجود آهن ۽ ڪائنات هستيءَ جي تناسب ۽ هم آهنگيءَ جو اهو ئي قانون ڪارفرما آهي.

تسبح له السماوات السبع والارض .....

"ستن آسمانن ۽ زمين، ۽ جيڪو ڪجهہ انهن ۾ آهي سڀ پنهنجي بناوٽ جي خوبي ۽ صفت جي ڪمال ۾ الله جي وڏائي ۽ پاڪائي جو (زبان حال سان) اعتراف ڪري رهيا آهن. رڳو ايترو ئي ناهي (بلڪ ڪائنات خلقت ۾) ڪابہ شيءِ اهڙي ڪونهي جيڪا (زبان حال سان) ان جي تسبيح ۽ حمد نہ ڪندي هجي. مگر (افسوس جو) توهان (پنهنجي جهالت ۽ غفلت جي ڪري) ان تسبيح جي ترانې کي سمجهو نٿا. بيشڪ اهو تمام وڏو بردبار (۽) تمام وڏو بخشڻ وارو آهي." (بني اسرائيل-۴۴)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قرآن چوي ٿو ته حسن نروار آهي شين جي تناسب ۽ موزونيت مان. هتي هر وجود کي اها خوبي عطا ڪئي وئي آهي ۽ ان جي جوڙ ۽ ترڪيب ۾ ڪو نقص ڪونهي.

فتبارڪ الله احسن الخالقين.

"پوءِ ڇا نه برڪت واري ذات آهي اها الله جي، جيڪو جوڙ جوڙيندڙن ۾ سڀ کان وڌيڪ حسن ۽ خوبيءَ سان جوڙڻ وارو آهي." (مومنون-١۴)

الذي خلق سبع سماوات طباقا.....

"هن هڪ ٻئي مٿان ست آسمان پيدا ڪيا. تون ان رحمان جي ڪاريگري ۾ ڪجهه نقص نه ڏسندين. پوءِ اک کڻي ڏس ڀلا! توکي (آسمان ۾) ڪو ڦاٽ نظر اچي ٿو. وري (چڱي طرح) ڏس. (نتيجو اهو هوندو) ته هر ڀيري نظر ناڪام ٿي ۽ ٿڪجي موٽي ايندي."

مٿين آيت ۾ الله "رحمان جي ڪاريگريءَ" جا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن. قرآن چوي ٿو ته هر شيءِ هڪ اهڙي هستيءَ جي پيدا ڪيل آهي جيڪا صرف خالق ئي ڪونهي، بلڪ گڏوگڏ اهو رحمت وارو به آهي ۽ جتي رحمت جي ڪارفرمائي هوندي، اتي جمال ۽ خوبيءَ جي جلوه گري به هوندي.

## زندگيءَ جي سرگرمي

ڪائنات هستيءَ ۾ جيڪا سرگرمي ۽ ريل پيل نظر اچي ٿي اها به الله جي رحمت جو هڪ جلوو آهي. ڪائنات هستيءَ جي هر ميدان ۽ هر گوشي ۾ حياتيءَ جي جهد جو جلوو نظر اچي ٿو ۽ زندگي مجموعي حيثيت ۾ هڪ آزمائش آهي.

لقد خلقنا الانسان في ڪبد.

"بيشڪ اسان انسان کي اهڙي طرح بڻايو آهي جو ان جي زندگي مشقتن سان گهيريل آهي." (بلد-۴)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فطرت جي پاران معيشت جي ڪارخاني جو ڍنگ اهڙي طرح ٺاهيو ويو آهي ۽ طبيعتن ۾ اهڙي طرح جو جذبو ۽ ولولو پيدا ڪيو ويو آهي جو انسان پنهنجو پاڻ کي پوري لڳاءَ سان ڪنهن نہ ڪنهن مشغوليت ۽ سرگرميءَ ۾ مصروف رکي ٿو ۽ زندگيءَ جو اهوئي لڳاءُ آهي جنهن جي ڪري هو نہ صرف زندگيءَ جون مشقتون برداشت ڪري ٿو بلڪ انهن ئي مشقتن جي ذريعي پنهنجي راحت ۽ خوشيءَ جو سامان مهيا ڪري ٿو. اهي مشقتون جيتريون وڌيڪ هجن ٿيون، زندگيءَ جي دلچسپي ۽ محبوبيت بہ اوتري وڌي وڃي ٿي. جيڪڏهن انسان جي زندگي انهن آزمائشن کان خالي ٿي وڃي تہ هو محسوس ڪندو تہ زندگيءَ جي سيني لذتن کان محروم ٿي ويو آهي ۽ هاڻي زنده رهڻ ان جي لاءِ هڪ ناقابل برداشت بار آهي.

هن ڪائنات هستيءَ ۾ ڪابہ شيءِ ڇڙي ۽ اڪيلي پيدا نہ ڪئي وئي آهي. هر شيءِ ۾ سگهري ۽ جوڙي جي قوت ڪم ڪري رهي آهي. يعني هر شيءِ ٻي شيءِ سان ملي مڪمل ٿئي ٿي. ڏينهن جي لاءِ رات آهي. صبح جي لاءِ شام آهي. نر جي لاءِ مادي آهي. مرد جي لاءِ عورت آهي ۽ زندگيءَ جي لاءِ موت آهي.

ومن کل شيءِ .....

"۽ اسان هر شيءِ سان گڏ ٻي شيءِ يعني ٻہ ۽ متقابل شيون پيدا ڪيون سي، تان تہ توهان (انهن ڳالهين جو علم حاصل ڪري انهن تي غور ۽ فڪر ڪري) نصيحت وٺو." (ذاريات-۴۹)

سبحان الذي خلق الازواج .....

"ڪيڏي نہ پاڪ ۽ بزرگ آهي اها ذات جنهن زمين جي پيداوار ۾، ۽ انسان ۾، ۽ انهيءَ سڄي خلقت ۾ جنهن جي انسان کي ڄاڻ بہ ڪونهي ٻہ ٻہ ۽ متقابل شيون پيدا ڪيون."
(ياسين-٣٦)

اهو ئي قانون فطرت آهي جنهن مرد ۽ عورت ۾ راز ۽ نياز جا اهڙا وجداني احساس سمائي ڇڏيا آهن جو انهن جي ڪري ازدواجي زندگيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي لاءِ ضروري تقاضائن جي تڪميل ٿي وڃي ٿي.

فاطر السماوات والارض .....

"اهو آسمانن ۽ زمينن جو ٺاهڻ وارو انهيءَ توهان جي لاءِ توهان جي ئي جنس مان جوڙا بڻايا. يعني مرد جي لاءِ عورت ۽ عورت جي لاءِ مرد. اهڙي طرح چوپاين ۾ به جوڙا پيدا ڪيائين."
(شوريٰ-١١)

قرآن چوي ٿو ته هي انتظام انهيءَ جي لاءِ آهي ته محبت ۽ سڪون ۾، ۽ ٻن هستين جي پاڻ ۾ رفاقت ۽ اشتراڪ سان زندگيءَ جون محنتون سوليون ۽ برداشت جهڙيون بڻجي وڃن.

ومن آياته ان خلق لڪم .....

"۽ ڏسو ان جي رحمت جي نشانين مان هي آهي ته هن توهان جي لاءِ توهان مان ئي جوڙا پيدا ڪيا (يعني مرد جي لاءِ عورت ۽ عورت جي لاءِ مرد) تان ته ان جي ڪري توهان کي سڪون ملي ۽ (پوءِ ان جو هي ڪم به ڏسو ته) توهان جي وچ ۾ (يعني مرد ۽ عورت جي وچ ۾) محبت ۽ رحمت جو جذبو پيدا ڪيو. بيشڪ انهن ماڻهن لاءِ جيڪي غور ۽ فڪر ڪرڻ وارا آهن، انهيءَ ۾ حڪمت الاهيءَ جون وڏيون نشانيون آهن."
(روم-٢١)

## نفعي جو نظام

ڪائنات هستيءَ جو هي حسن ۽ هيءَ ارتقا، ان صورت ۾ زياده عرصي تائين قائم ئي نه رهي سگهي ها جيستائين قدرت جي طرفان ان ۾ خوبيءَ جي بقا ۽ خرابيءَ جي ازالي جي قوت سرگرم نه هجي ها. فطرت هميشه گڙٻڙ ۽ نقصان کي ميسارينديي رهي ٿي ۽ جن شين ۾ باقي رهڻ جي خوبي هوندي آهي، انهن کي باقي رکندي آهي. عام اصطلاح ۾ ان کي "بقاءِ انفع" يعني نفعي جو نظام ليکيو ويندو آهي. ليڪن قرآن رڳو شين جي مادي پهلوءَ تي ئي نه، بلڪ زندگيءَ ۾ انهن جي عام افاديت تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ زور ڏنو آهي. قرآن چوي ٿو ته هن ڪائنتي هستيءَ ۾ اها ئي شيءِ باقي رهندي آهي جنهن ۾ حياتيءَ جي لاءِ ڪجهه نه ڪجهه فائدو ۽ فيض هجي:

انزل من السماءِ ماءَ .....

"خدا آسمان کان پاڻي وسايو ته ندين نالن ۾ جيتري وٽ هئي، ان جي مطابق وهي پيا ۽ جيترو به ڪچرو گج بڻجي تري آيو هو انهيءَ کي سيلاب وهائي ڪٽي ويو. اهڙي طرح جڏهن زيور يا ٻيو ڪو سامان بنائڻ لاءِ (مختلف قسمن جا ڌاتو) باهه ۾ تپائجن ٿا ته ان مان به گج تري اچي ٿي ۽ ميراڻ ۽ ڪٽ نڪري وڃي ٿي. اهڙي طرح الله تعاليٰ حق ۽ باطل جا مثال بيان ٿو ڪري. گج بيسود ٿي وڃي ٿي (ڇاڪاڻ ته ان ۾ نفعو نه هوندو) جنهن شيءِ ۾ انسان لاءِ نفعو هوندو اها زمين ۾ باقي رهجي ويندي." (رعد-١٧)

## قضا بالحق

قرآن چوي ٿو ته جهڙي طرح ڪائنات هستيءَ جي مادي نظام ۾ اهائي شيءِ باقي رهندي آهي، جيڪا نفعو ڏيندڙ هجي، بلڪل ساڳي طرح اهو عمل معنويات (باطني شين) ۾ به جاري آهي ته اهائي شيءِ باقي رهندي جيڪا نفعي بخش هجي. هن سلسلي ۾ قرآن ٻن اصطلاحن کي استعمال ڪري ٿو، حق ۽ باطل. عربيءَ ۾ حق جو مادو 'حقق' آهي جنهن جو خاص مفهوم ثبوت (ثابت رهڻ) ۽ قيام (قائم رهڻ) آهي. يعني جيڪا ڳالهه قائم رهڻ واري ۽ اڻ مٽ هجي انهيءَ کي حق چوندا سين. باطل نيڪ انهيءَ جي ابتڙ آهي، يعني اهڙي شيءِ جنهن ۾ ثابت رهڻ ۽ قائم رهڻ نه هجي. هاڻي جڏهن به حق ۽ باطل آمهون سامهون هوندا ته سوڀ حق جي ئي ٿيندي. قرآن انهيءَ کي قضا باالحق سان تعبير ڪري ٿو:

وقل جاءَ الحق .....
"اي پيغمبر چئي ڏي ته حق ظاهر ٿي ويو ۽ باطل نابود ٿي ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيشڪ باطل نابود ٿيڻ لاءِ ئي هوندو آهي.“ (بني اسرائيل-٨١)

قرآن ۾ جتي به حق جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي، ته اهو صرف حق جي بقا ۽ ثابت رهڻ جي رڳي دعويٰ ئي ناهي بلڪ انهيءَ حق کي جاچڻ جو هڪ معيار به پيش ڪري ٿو ته جيئن اسانيءَ سان امتياز پيدا ڪري سگهجي ته حق ڇا آهي ۽ باطل ڇا آهي. ڪهڙي شيءِ رهڻ واري آهي ۽ ڪهڙي شيءِ فنا ٿيڻ واري آهي. اهوئي سبب آهي جو الله تعاليٰ جي باري ۾ به 'الحق' جي صفت استعمال ٿئي ٿي ۽ وحي تنزيل کي به الحق چيو ويو آهي. جيڪڏهن فطرت، زندگيءَ جي ڪائنات لاءِ ڪارآمد ۽ بيڪار شين جي چنڊڇاڻ نه ڪندي رهي ها ته زندگيءَ ۾ هڪ انتشار ڦهلجي ويو ها ۽ سمورو هستيءَ جو نظام ڏانوانڊول ٿي وڃي ها.

ولوا تبع الحق اهواءَ هم .....

”۽ جيڪڏهن حق انهن جي خواهشن جي پيروي ڪري ته يقين ڪريو ته هي آسمان ۽ زمين ۽ جو ڪجهه ان ۾ آهي سڀ ڏانوانڊول ٿي رهجي وڃن ها.“ (مومنون-٧١)

ليڪن قضا بالحق جو هرويرو هي نتيجو به نه هوندو آهي ته هر باطل عمل يا هر اها شيءِ جنهن ۾ زندگيءَ لاءِ نفعو ڪونهي، لازمي طور تي نابود ٿي وڃي. يا وري حق جو هر عمل فوراً فتحمند ٿي وڃي. اهڙو عمل رحمت جي قانون جي ناموافق ٿيندو. جهڙي طرح ماديات ۾ تدريج (درجي به بدرجي) ۽ مهل اچڻ جو قانون نافذ آهي، تهڙي طرح معنويات ۾ به اهو ئي قانون ڪارفرما آهي. تان ته هر نتيجي جي ظاهر ٿيڻ ۽ عمل جي مڪافات جي لاءِ مهلت ملي سگهي. جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته اهو ممڪن ئي نه هو جو دنيا ۾ ڪا انساني جماعت پنهنجي بدعملين جي ڪري حياتيءَ جي ڪا مهلت به ماڻي سگهي ها:

ولو يعجل الله .....

”۽ جهڙي طرح انسان فائدي جي لاءِ جلدباز هوندو آهي، جيڪڏهن اهڙي طرح الله انسان کي (بدعملين جي ڪري) سزا ڏيڻ ۾ جلدباز هجي ها ته (انسان جي خطائن جو حال هي آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو) ڪڏهن جو فيصلو تي چڪو هجي ها ۽ انهن جو (سزا يا موت جو) مقرر وقت فوراً منهن ڪڍي ها. (پر جزا ڏيڻ ۾ خدائي قانون مهلت ڏيڻ جو آهي) پوءِ جيڪي ماڻهو (مرڻ بعد) اسان وٽ پيش ٿيڻ جي اميد نٿا رکن (يعني ڪين قيامت جو ئي انڪار آهي) تن کي اسان سندن سرڪشين ۽ بداعمالين ۾ سرگردان ڇڏي ٿا ڏيون." (يونس-١١)

## تدريج ۽ مهلت

فطرت جا هي قانون اهڙي طرح پنهنجو ڪم ڪن ٿا جو ڪنهن حالت ۾ به فوري ۽ ڊرامائي انداز ۾ اوچتو تبديلي رونما نه ٿي ٿئي، بلڪ بتدريج انهيءَ جي اوسر ٿئي ٿي. ۽ هر نتيجي جي ظاهر ٿيڻ لاءِ هڪ خاص مدت ۽ هڪ خاص وقت مقرر ڪيو ويو آهي. قرآن جتي هي چوي ٿو ته جيڪو به (قانون حيات) اسان نافذ ڪيو آهي، انهيءَ ۾ ڦيرڦار ممڪن ناهي، اتي هي به ارشاد فرمائي ٿو ته اسان انهيءَ ڪارڻ انسان کي ڪنهن نامناسب عذاب ۾ سوگهو نه ڪندا آهيون.

فطرت هر شيءِ جي تدريجي عروج ۽ زوال جي لاءِ هڪ خاص مدت مقرر ڪري ڇڏي آهي، جنهن جو جلوو صرف انسان جي حيات ۾ ئي ناهي بلڪ هر تخليق ۾ جهلڪندڙ آهي. هر شيءِ لاءِ هڪ خاص وقت يا قرآن جي ٻوليءَ ۾ 'اُجل' جو تعين ڪيو ويو آهي. اهو اجل موجودات ۾ هر موجود جي لاءِ الڳ الڳ نوعيت رکي ٿو.

تدريج ۽ مهلت جو هي قانون خاص طور تي انساني عملن جي لاءِ آهي، تان ته انسان هر مرحلي تي پاڻ سنڀالڻ مليل لاءِ وقفي ۽ سوچ کان ڪم وٺي ۽ قانونِ فطرت جي مهلت بخشين مان فائدو وٺي. اهو ئي سبب آهي جو توبه ۽ رجوع جي لاءِ رحمت جو دروازو کليل رکيو ويو آهي. قرآن چوي ٿو حياتيءَ جي ڪارخاني ۾ جيڪڏهن رحمت نه هجي ته زندگيءَ مان ڪا به شيءِ فائدو ۽ فيض حاصل ڪري نه سگهي ۽ انسان پنهنجي بدعملين جي ڪري ڪڏهن به زندگيءَ جا ساهه نه کڻي سگهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لو يواخذهم بما ڪسبوا العجل .....

"جيڪڏهن هو انهن ماڻهن ڪان ان جي عملن مطابق گرفت ڪري تہ فوراً عذاب نازل ٿي وڃي ها. ليڪن انهن لاءِ هڪ عرصو مقرر ڪيو ويو آهي ۽ جڏهن اهو (عرصو) ظاهر ٿيندو تہ ان ڪان بچڻ لاءِ ڪابہ پناهہ جي جڳهہ نہ ملندي."
(ڪهف-٥٨)

حق جو عمل ۽ باطل جو عمل ٻنهي جي لاءِ تدريج ۽ مهلت جو قانون ڪم ڪري ٿو. حق جي عمل لاءِ مدت جو انتظار انهيءَ جي ڪري هوندو آهي تہ ان جي قوت ڪي تدريجي طور تي اوسر ونڻ جو موقعو ملي ۽ باطل جي لاءِ انهي ڪري هوندو آهي تہ ان ڪي توبہ ۽ موٽ ڪائڻ جي مهلت ملي سگهي.

ڪُلا نمد هٰولاءِ .....

"(اي پيغمبر) اسان انهن ڪي ۽ انهن سيني ڪي تنهنجي پروردگار جي بخشش مان مدد ڏيون ٿا. ۽ تنهنجي پروردگار جي بخشش ڪنهن تي بند ڪونهي." (بني اسرائيل-٢٠)

## ناجيل (مدت جو پورو ٿي وڃڻ)

جيڪڏهن انسان انهن مهلت بخشين مان فائدو ونڻ گهرندو آهي تہ هو پنهنجي عملن جو اصلاح ڪندو آهي ۽ اڳتي وڌي سگهندو آهي. ان جي ابتڙ جيڪڏهن هو انهن موقعن مان فائدو نہ ونـي تہ پوءِ امر (قدرت) جي فيصلي جو آخري وقت اچي ويندو آهي:

فاذا جاءَ اجلهم .....

"سو جڏهن انهن جو وقت مقرر اچي پهچي ٿو تہ پوءِ نہ هڪ گهڙي پنـتي ڇڏيا ويندا ۽ نہ هڪ گهڙي اڳتي وڌڻ ڏنا ويندا."
(اعراف-٣٤)

قرآن چوي ٿو تہ هر عمل جي نتيجي جي ظاهر ٿيڻ لاءِ هڪ خاص



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا. اڪثر ڪين هي مهٽو ڏيندا هئا ته جيڪڏهن هو گمراهي ۾ آهن ته انهن کي فوراً انهيءَ جي سزا ملڻ گهرجي. ليڪن هو اهو وساري ڇڏيندا آهن ته عمل جي جزا ۾ تاخير جو مطلب هي هوندو آهي ته توبه ۽ رجوع جي مهلت باقي رهي. ۽ رحمت جو اهوئي قانون آهي جيڪو هن هستيءَ جي ڪارخاني ۾ هلندڙ ڦرندڙ آهي:

و يقولون متيٰ هـٰذ الوعد .....

”۽ (اي پيغمبر! هي حقيقت فراموش) چون ٿا جيڪڏهن توهان (ظلم ۽ ڏاڍ جي نتيجن کان ڊيڄارڻ) ۾ سچا آهيو ته اها ڳالهه ڪڏهن ٿيڻ واري آهي؟ (۽ ٿئي ڇو نه ٿي. انهن کي چؤ ته گهبرايو نه) جنهن ڳالهه جي لاءِ اوهان جلدي لائي ڏني آهي، عجب ناهي ته ان جو هڪ حصو بلڪل ويجهو اچي ويو هجي ۽ (اي پيغمبر) تنهنجو پالڻهار انسان جي لاءِ وڏي مهرباني رکڻ وارو آهي (جيڪو هرحال ۾ تلافي ۽ سڌاري جي مهلت ڏئي ٿو) ليڪن (افسوس انسان جي غفلت تي) ڪيترا اهڙا آهن جيڪي ان جي فضل ۽ رحمت مان فائدو وٺڻ جي بجاءِ ان جي ناشڪري ڪندا آهن.“ (نمل-٧١,٧٣)

و يستعجلونڪ باالعذاب .....

”۽ هي ماڻهو عذاب جي جلدي ڪرن ٿا (يعني انڪار ۽ شرارت کان چون ٿا ته جيڪڏهن واقعي عذاب اچڻ وارو آهي ته اهو ڪٿي آهي. ۽ واقعو هي آهي ته جيڪڏهن خاص وقت نه بيهاريو وڃي ها ته اهو عذاب انهن تي ڪڏهن جو اچي چڪو هجي ها) ليڪن ايندو اهڙي طرح اوچتو جو انهن کي وهم ۽ گمان به نه ٿيندو ته اهو ڪٿان آيو.“ (عنڪبوت-٥٣)

و ما نؤخره الا لاجل معدود.

”۽ ياد رکو جيڪڏهن اسان انهيءَ معاملي ۾ تاخير ڪريون ٿا ته صرف انهيءَ لاءِ ته هڪ حساب ڪيل مدت تائين ان کي پوئتي رکون.“ (هود-١٠٤)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غور لائق ڳالھ ھي ڪونھي تہ ڪنھن عمل بد جي نتيجي ظاھر ٿيڻ ۾ ڪيترو عرصو لڳي ٿو، بلڪ لحاظ جھڙي ڳالھ ھي آھي تہ آخر ڪھڙي قسم جا ماڻھو آزمائش مان پار پون ٿا. قرآن چوي ٿو تہ آخرڪار اھي ئي ماڻھو پار پون ٿا جيڪي نيڪ عمل آھن:

قل يا قوم اعملوا .....

"(اي پيغمبر) تون انھن ماڻھن کي چئي ڇڏ تہ ڏسو ھاڻي منھنجي ۽ توھان جي معاملي جو فيصلو الله تعاليٰ جي ھٿ ۾ آھي. جيڪو ڪجھ ڪيو ٿا، پنھنجي جاءِ تي ڪندا وڃو. ۽ مان بہ پنھنجي جاءِ تي ڪم سان لڳل آھيان. سگھوئي معلوم ٿي ويندو تہ ڪير آھي جنھن جي لاءِ آخرڪار (ڪامياب) نڪاڻو آھي. بيشڪ (ھي ان جو قانون آھي تہ) ظلم ڪرڻ وارا ڪڏھن بہ ڇوٽڪارو حاصل نٿا ڪري سگھن."

(انعام_١٣٥)

قرآن انھيءَ اصول جي تبليغ ڪئي آھي تہ ھر قسم جي بڇڙائي ۽ لچائيءَ جي ناڪامي يقيني آھي ۽ نيڪي ۽ نيڪ عمليءَ جو ابرومند ٿيڻ لازمي آھي. قرآن جتي بہ اصول جو ذڪر ڪيو آھي يا انھيءَ تي زور ڏنو آھي، انھن سڀني ھنڌن تي ھن حقيقت جي طرف اشارو ڪيو آھي. مثلاً انہ لا يفلح الظالمون_ انہ لا يفلح المجرمون_ لا يفلح عمل المفسدين_ ان الله لا يھدي القوم الڪافرين_ ان الله لا يھدي القوم الظالمين_ وغيرہ. انھيءَ مقرر اصول جو ھي مطلب ناھي تہ رشد ۽ ھدايت جو دروازو عملاً انھيءَ تي بند ڪيو وڃي ٿو، ۽ نڪو ائين آھي تہ انھيءَ درجي ۾ جيڪي ماڻھو اچن ٿا اھي گمراھيءَ جي زندگيءَ تي مجبور ڪيا وڃن ٿا. افسوس آھي جو قرآن جي مفسرن انھن آيتن جو مطلب ۽ قرآن جي خاص اسلوب (بيان ڪرڻ جي طريقي) کي سمجھڻ ۾ غلطيون ڪيون آھن. قرآن جي انھن آيتن جو مطلب حقيقت ۾ ھي آھي تہ انھيءَ ڳالھ جي باوجود تہ حياتيءَ جي وھنوار ۾ جوابدار ٿيڻ جو قانون موجود آھي، الله جي رحمت انسان کي سڌاري، موٽ کائڻ ۽ ويجھو اچڻ جي مھلت ڏئي ٿي. ليڪن جڏھن انھن مھلتن کي بہ نہ ليکيو وڃي ۽ گمراھي مسلط ٿي وڃي ٿي تہ پوءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوابدار ٿيڻ جو قانون پنهنجو عمل شروع ڪري ٿو.

انهن مهلتن ڪان فائدو وٺڻ ڪي قرآن جي اصطلاح ۾ 'تمتع' چيو ويو آهي. هي اهو ئي تمتع آهي جيڪو زندگيءَ جي هر حالت ۾ ۽ هر انسان کي هڪ جهڙو عطا ٿيو آهي:

بل متعنا هـٰـؤلاءِ .....

"بلڪ ڳالهه هي آهي ته اسان انهن ماڻهن کي ۽ انهن جي ابن ڏاڏن کي، ويندي حياتيءَ تائين مهلت مان فائدو وٺڻ جا موقعا ڏناسي. (۽ هاڻي هنن جي رڳ رڳ ۾ غفلت ڄمي وئي آهي) پر اهي ماڻهو (هاڻي) ڏسن نه ٿا ڇا ته اسان زمين کي چئني طرفن ڪان هنن لاءِ تنگ ڪندا ٿا اچون. پوءِ هنن کي غالب ڏنو اٿو ڇا؟" (انبياءَ-۴۴)

## قضا بالحق ۽ قومون

جهڙي طرح انساني عملن ۾ قضا بالحق يا بقا جو قانون ڪارفرما آهي. اهڙي طرح قومن يا جماعتن جي معاملي ۾ به انهيءَ قانون جي ڪارفرمائي موجود آهي. اهو قانون انهن جي عروج ۽ زوال جي حالتن جو تعين ڪري ٿو. قرآن چوي ٿو ته فردن وانگر اهي قومون ۽ جماعتون به، جيڪي زندگيءَ جي لاءِ غير نافع يعني فضول هونديون آهن، تن جي چنڊڇاڻ ڪئي ويندي. صرف اهي قومون ۽ جماعتون باقي رهنديون آهن جيڪي مقصد حيات جي ترقي ۽ اوسر لاءِ مفيد هونديون آهن. ۽ رحمت جو قانون اهو ئي آهي، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن ائين نه هجي ته دنيا ۾ انساني ظلم ۽ سرڪشيءَ جي لاءِ ڪا روڪ ٽوڪ ئي نه رهي:

ولو لا دفع الله الناس بعضهم .....

"۽ (ڏسو) جيڪڏهن الله تعاليٰ نيڪ (ماڻهن ڪجهه جماعتن ۽ قومن) کي (ظالم ماڻهن ۽ جماعتن) جي مزاحمت ۾ نه آڻي ها ۽ هو ڪجهه ماڻهن کي ڪجهه ماڻهن جي ذريعي رستي ڪان نه هٽائي ها، ته يقيناً زمين ۾ ظلم، فساد ۽ خرابي ڦهلجي وڃي ها



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليڪن الله ڪائنات جي لاءِ فضل ۽ رحمت رکڻ وارو آهي.“
(بقره-٢٥١)

هڪ ٻئي موقعي تي اها ئي حقيقت هنن لفظن ۾ بيان ڪئي ويئي آهي:

ولو لا دفع الله الناس بعضهم .....

”۽ جيڪڏهن ائين نہ هجي ها جو الله ڪجھ جماعتن کي ڪجھ جماعتن جي ذريعي هٽائيندو رهي ٿو، يقين ڪريو تہ دنيا ۾ انسان جي ظلم ۽ فساد جي لاءِ ڪابہ روڪ باقي نہ رهي ها. ۽ هي سڀ خانقاهون گرجا گهر، عبادت گاهون ۽ مسجدون، جن ۾ الله جو ذڪر ڪثرت سان ڪيو ويندو آهي، ڊهي پٽ پئجي وڃن ها. تنهن ڪري جيڪا بہ جماعت حق ۽ انصاف جي مدافعت لاءِ اٿندي تہ الله (جو قانون آهي تہ) ان جي ضرور مدد ڪندو. بيشڪ خدا وڏي سگھ وارو ۽ سڀني تي غالب آهي.“ (حج-٤٠)

## تدريج ۽ مهلت اجتماعي زندگيءَ ۾

جهڙي طرح ڪائنات منجھ فطرت جي سڀني ڪمن ۾ تدريج ۽ مهلت جو قانون ڪارفرما آهي، اهڙي طرح قومن ۽ جماعتن ۾ بہ انهيءَ قانون جي ڪارفرمائي موجود آهي، حال جي سڌاري، موٽ کائڻ ۽ ويجهي اچڻ جو دروازو انهن جي لاءِ بہ هميشہ کليل رهندو آهي. چاڪاڻ تہ رحمت جي قانون جي اهائي تقاضا هوندي آهي:

وقطعنٰهم في الارض امما .....

”۽ اسان ائين ڪيو سي جو انهن جا الڳ الڳ گروهہ زمين ۾ ڦهلجي ويا. انهن مان ڪجھ تہ نيڪ عمل هئا ۽ ٻيا ان جي ابتڙ- پوءِ اسان انهن کي چڱين توڙي خراب ٻنهي طرح جي حالتن سان آزمايو سي تان تہ نافرماني کان باز اچي وڃن.“
(اعراف-١٦٨)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙي طرح فردن لاءِ سدّي رستي تي موٽڻ جي هڪ مدت جو تعين ڪيو ويو آهي، اهڙي طرح سدّي رستي کان پـتڪيل قومن ج لاءِ بہ سدّي رستي تي واپس اچڻ لاءِ هڪ مدت مقرر ڪئي وئي آهي:

اَوَ لا يرون انهمر يفتنـون .....

هي ماڻهو نہ ٿا ڏسن تہ انهن تي ڪويہ سال اهڙو نٿو گذري جو اسان انهن کي هڪ دفعو يا بہ دفعا آزمائشن ۾ نہ وجهندا هجون. (يعني انهن جي بداعمالين جا نتيجا اڳيان نہ ايندا هجن.) تڏهن بہ اهي (اهڙا تہ ڪنور آهن جو) نہ ڪي توبهہ ڪن ٿا ۽ نہ حالتن کان ڪا نصيحت ونـن ٿا." (توبہ-١٢٦)

انهن سيـني مهلتن کي جيڪڏهن رائيگان ڪيو وڃي تہ پوءِ قانون فطرت جي امر واري فيصلي جو آخري وقت منهن ڪڍندو آهي:

و لڪل امۃ اجل .....

"۽ ڏسو هر امت جي لاءِ هڪ مقرر وقت آهي سو جڏهن انهن (تي عذاب) جو مقرر وقت اچي ويندو تہ ان کان نہ هڪ گهڙي پـٺتي رهي سگهندا ۽ نہ هڪ گهڙي اڳتي وڌي سگهندا."
(اعراف-٣۴)

وما اهلڪنا من قريۃ الا ولها .....

"۽ اسان ڪنهن بہ وستي کي (ائين ئي) هلاڪ نہ ڪيو سي مگر هي تہ (اسان جي مقرر ڪيل قانون جي مطابق، جو ڪين بـدّايو بہ ويو هو تہ) هڪ مقرر مدو ان جي لاءِ موجود آهي. ڪابہ امت نہ پنهنجي مقرر وقت کان اڳتي وڌي سگهي ٿـي ۽ نہ پـٺتي رهي سگهي ٿـي." (حجر-۴،٥)

تنهن ڪري قضا بالحق جو اهوئي قانون اڻوٽندڙ ۽ فضول ماڻهن کي چـندي چـڏيندو آهي ۽ انهن جي جڳهہ تي مقصد حيات جي تڪميل لاءِ ٻـين کي اچي ٻيهاريندو آهي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذالڪ ان لم يڪن ربڪ .....

"هي (تبليغ ۽ هدايت جو سمورو سلسلو) انهيءَ لاءِ آهي تہ توهان جي پالڻهار جو اهو شيوو ناهي تہ وسندين کي ظلم ۽ ستم سان هلاڪ ڪري ۽ وسندين وارا حقيقت حال کان بي خبر هجن. (ان جو قانون هي آهي تہ) جهڙو جنهن جو عمل آهي ان جي مطابق سنا ۽ برا نتيجا ظاهر ٿين ٿا ۽ ياد رکو تہ جنهن جا جهڙا عمل آهن، توهان جو پالڻهار انهن کان بي خبر ڪونهي. توهان جو پالڻهار بي نياز ۽ رحمت وارو آهي. (سندس رحمت جي تقاضا آهي تہ ظلم قائم نہ رهي.) جيڪڏهن هو چاهي تہ توهان کي رستي کان هٽائي ڇڏي ۽ توهان کان بعد جنهن کي چاهي توهان جو جانشين بڻائي، اهڙي طرح جيئن هڪ ٻئي قوم جي نسل مان توهان کي ٻين جو جانشين بڻايو اٿائين."
(انعام-١٣٢،١٣٤)

پاڻ سڌارڻ ۽ موٽ کائڻ جي لاءِ مهلت بخشڻ جي سلسلي ۾ رحمت الاهي جون حيرت انگيز ڪارفرمائيون آهن. هي نيڪ آهي تہ قرآن هر عمل جي جزا ۽ سزا ٻڌائي آهي ليڪن گڏوگڏ قرآن هي بہ ٻڌايو آهي تہ اهو قانون سڌاري ۽ موٽ جا دروازا بند نہ ٿو ڪري. توبه ۽ اصلاح جي لاءِ مهلتن مٿان مهلتون ڏنيون ويون آهن. جيئن ئي توبه ۽ موٽ کائڻ جو احساس انسان جي اندر ۾ جاڳي پوي ٿو، الله جي رحمت گڏوگڏ ئي قبوليت جو دروازو کولي ڇڏي ٿي. ندامت مان وهيل هڪ هڪ ڳوڙهو بدعملين ۽ گناهن جي اڻ ڳڻين داغن کي اهڙي طرح ڌوئي ڇڏي ٿو جو ڄڻ تہ ان جي دامن تي ڪو داغ لڳو ئي ڪونہ هو. جيئن حديث شريف ۾ اچي ٿو تہ التائب من الذنب ڪمن لاذنب لہ- گناه کان توبه ڪرڻ وارو، ان شخص وانگر ٿي ويندو آهي جنهن گناه ڪيو ئي نہ هجي. قرآن چوي ٿو:

الا من تاب و امن و عمل .....

"مگر جنهن بہ توبه ڪئي ۽ آئنده جي لاءِ نيڪ عمل اختيار ڪيا تہ انهن جي براين کي الله چڱاين سان بدلائي ڇڏي ٿو ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو وڏو بخشڻ وارو ۽ رحم ڪرڻ وارو آهي." (فرقان- ٧٠)

قرآن ڪريم رحمت الاهي جي وسعت ۽ انهيءَ جي مغفرت ۽ بخشش جي ڪثرت ۽ ڪشادگيءَ جو جيڪو نقشو چٽيو آهي ان جي ڪا حد ۽ انتها ڪونهي. ڪيترا ته سخت گناه هجن، ڪيتري ته انهن جي شديد نوعيت هجي ۽ ڪيتري ته عرصي جا گناه هجن، ليڪن هر انهيءَ انسان لاءِ جيڪو پنهنجي گناهن تي نادم هجي ۽ خلوص سان ان جي رحمت واري دروازي تي حاضري ڀري، رحمت ۽ قبوليت ڪيس پنهنجي ڀاڪر ۾ کڻي وٺندي:

قل يـعبادي الذين اسرفوا .....

"اي منهنجا ٻانهؤ! (جن بدعملين ڪري) توهان پاڻ سان زيادتي ڪئي آهي (توهان جون بدعمليون ڪيتريون ئي سخت ۽ ڪيتريون ئي وڏيڪ ڇو نہ هجن) مگر الله جي رحمت کان مايوس نہ ٿجو. يقيناً (ان ڏانهن وڌندؤ) تہ الله توهان جا سڀ گناه بخشي ڇڏيندو. بيشڪ اهو وڏو بخشڻهار ۽ وڏي رحمت وارو آهي." (زمر- ٥٣)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## صفت رحمت ۽ انسان

رحمت جي صفت خدا جي اها صفت آهي جيڪا ان جي سڀني صفتن تي حاوي آهي ۽ هر هڪ شيءِ ۾ ان جو پرتو ملي ٿو.

پيغمبر عليہ السلام ڪان هڪ حديث قدسيءَ ۾ فرمايل آهي:

"توهان پنهنجي اندر الاهي صفتون پيدا ڪريو."

۽ جيئن تہ رحمت هڪ عالمگير "صفت الاهي" آهي تنهن ڪري انسان جو سڀ ڪان ڀهريون مقصد ۽ حد هي هجڻ کپي تہ اهو پنهنجي فڪر ۽ عمل جي هر شعبي ۾، توڙي اهو سماجي هجي يا معاشرتي، معاشي هجي يا سياسي، هر جاءِ تي هن صفت جي جهلڪ پيدا ڪري.

### خدا ۽ بندي جي وچ ۾ محبت جو رشتو:

قرآن هن حقيقت کي واضح ڪري ڇڏيو آهي تہ خدا ۽ ان جي بندن جي وچ ۾ رستو محبت جو رشتو آهي:

و من الناس من يتخذ .....

"۽ ڏسو ماڻهن مان ڪجھ ماڻهو اهڙا آهن جيڪي ٻين هستين کي الله جي برابر ٻڌائن ٿا. هو انهن سان اهڙي چاهت رکن ٿا جهڙي چاهت الله سان رکڻ گهرجي. حالانڪ جيڪي ايمان وارا آهن انهن جي وڌ ڪان وڌ محبت صرف الله سان ئي هوندي آهي." (بقره-١٦٥)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قل ان کنتم تحبون الله .....

"اي پيغمبر (انهن ماڻهن کي) چئي ڇڏ تہ جيڪڏهن واقعي توهان الله سان محبت رکڻ وارا آهيو تہ اوهان کي گهرجي تہ منهنجي پيروي ڪريو (مان توهان کي محبت الاهي جي راهہ ڏيکاري رهيو آهيان) جيڪڏهن توهان ائين ڪيو تہ (نہ رڳو توهان الله سان محبت ڪرڻ وارا ٿي ويندؤ بلڪ خود) الله توهان سان محبت ڪرڻ لڳندو ۽ توهان جا گناهہ بخشي ڇڏيندو. الله بخشڻ وارو ۽ ٻاجهارو آهي." (آل عمران-٣١)

قرآن جابجا انهيءَ حقيقت تي زور ڏنو آهي تہ ايمان بالله جو نتيجو الله جي محبت آهي:

يا ايها الذين آمنوا من يرتد منکم....

"اي ايمان جي دعوت جا مڃيندڙؤ! جيڪڏهن توهان مان ڪو شخص پنهنجي دين جي رستي کان ڦري ويندو تہ (اهو هي نہ سمجهي تہ حق جي دعوت کي ان جي ڪري نقصان پهچندو) سنت ئي الله هڪ جماعت اهڙن ماڻهن جي پيدا ڪندو، جن کي الله جي محبت حاصل هوندي ۽ اهي الله کي محبوب رکڻ وارا هوندا." (مائده-٥٤)

قرآن چوي ٿو تہ محبت الاهي جو رستو ان جي مخلوق جي محبت مان لنگهي اچي ٿو جيڪو ماڻهو گهري ٿو تہ خدا سان محبت ڪري تہ ان کي گهرجي تہ خدا جي ٻانهن سان محبت ڪرڻ سکي:

وآتي المال علیٰ حبه .....

"۽ جيڪي ماڻهو پنهنجو مال الله جي محبت ۾ ڪڍن ۽ خرچ ڪن ٿا." (بقره-١٧٧)

ويطعمون الطعام علیٰ حبه .....

"۽ الله جي محبت ۾ اهي مسڪينن، يتيمن ۽ قيدين کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارائن ٿا (۽ چون ٿا) اسان جو ھي ڪارائڻ انھيءَ ڪان علاوه ڪجھ ناھي جو رڳو الله جي لاءِ آھي. اسان توھان ڪان نہ ڪو بدلو گھرون ٿا ۽ نہ ڪنھن قسم جي شڪر گذاري."
(دھر ٨، ٩)

ھڪ حديث قدسيءَ ۾ اھا حقيقت نھايت مؤثر نموني بيان ڪئي وئي آھي:

ان الله تعاليٰ يقول يوم القيامۃ .....

"قيامت جي ڏينھن ائين ٿيندو جو خدا ھڪ انسان کي چوندو اي ابن آدم مان بيمار ٿي پيو ھوس مگر تون منھنجي عيادت ڪرڻ نہ آيو ھئين. ٻانھون عجب ۾ اچي ويندو ۽ چوندو تہ ائين ڪيئن ٿي سگھي ٿو، تون تہ رب العالمين آھين. خدا فرمائيندو تہ توکي خبر نہ ھئي تہ منھنجو فلاڻو ٻانھو تنھنجي پاڙي ۾ بيمار ٿيو ھو ۽ تو ان جي خبر بہ نہ لڌي. تون جيڪڏھن ان جي عيادت لاءِ وڃين ھا تہ مان توکي ان وٽ ملي پوان ھا. اھڙي طرح خدا فرمائيندو تہ اي ابن آدم! مان توکان کاڌو گھريو ھو، مگر تو نہ کارايو ھو. ٻانھو عرض ڪندو پلا ائين ڪيئن ٿي سگھي ٿو جو توکي ڪنھن ڳالھ جي حاجت ھجي؟ خدا فرمائيندو تہ ڇا توکي ياد ناھي تہ منھنجي فلاڻي بکايل ٻانھي توکان کاڌو گھريو ھو ۽ تو انڪار ڪري ڇڏيو ھو. جيڪڏھن تون ان کي کاڌو کارائين ھا تہ ان وٽ مون کي پسي وٺين ھا. ائين خدا وري فرمائيندو تہ اي ابن آدم! مان توکان پاڻي گھريو ھو مگر تو مون کي پاڻي نہ پياريو. ٻانھو عرض ڪندو تہ پلا ائين ڪيئن ٿي سگھي ٿو جو توکي اڃ لڳي، تون تہ خود پالڻھار آھين. خدا فرمائيندو تہ منھنجي فلاڻي اڃايل ٻانھي توکان پاڻي گھريو ھو ليڪن تو ان کي پاڻي نہ پياريو. جيڪڏھن تون ان کي پاڻي پيارين ھا تہ مون کي ان وٽ ڏسين ھا." (مسلم)

مطلب تہ قرآن عملن ۽ عبادتن جي جيڪا بہ شڪل ۽ نوعيت بيھاري آھي، اخلاق ۽ خصلتن مان جن جن ڳالھين تي زور ڏنو آھي، ۽ چڱن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمن جي حڪمن ۽ برن ڪمن کان منع ڪرڻ ۾ جيڪي به اصول ۽ بنياد سامهون رکيا آهن انهن سڀني ۾ به هيءَ (رحمت واري) حقيقت ڪم ڪري رهي آهي. قرآن خدا جي ڪنهن به صفت کي انهيءَ ڪثرت سان نه ورجايو آهي ۽ نه ئي ايڏي درجي جو مطلب ان جي ٻين صفتن ۾ نمايان آهي جيتريقدر رحمت جو ذڪر آهي. جيڪڏهن قرآن جي انهن سڀني هنڌن کي جمع ڪيو وڃي، جتي رحمت جو ذڪر ڪيو ويو آهي ته اهڙا هنڌ ٽي سؤ کان زيادهه هوندا. ۽ جيڪڏهن اهي سڀ هنڌ به شامل ڪجن جتي توڙي جو لفظ رحمت جو استعمال نه ٿيو آهي ليڪن ان جو تعلق رحمت سان ئي آهي، جيئن ربوبيت، مغفرت، ڪرم، حلم، عفو وغيره، ته پوءِ اهو تعداد ايتري حد تائين پهچي ويندو جو چئي سگهجي ٿو ته منڍ کان وٺي آخر تائين رحمت جي پيغام کان سواءِ ڪجهه به ناهي. پيغمبر اسلام پنهنجي قول ۽ عمل سان جيڪا حقيقت اسان تي واضح ڪئي آهي، اها سموري جي سموري اها آهي ته خدا جي موحدانه پرستش ۽ ان جي ٻانهن تي رحمت ۽ شفقت ڪئي وڃي. هڪ مشهور حديث اسان کي ٻڌائي ٿي ته:

انما يرحم الله من عباده الرحماءُ.

"خدا جي رحمت انهن ٻانهن جي لاءِ آهي جيڪي ان جي ٻانهن لاءِ رحمت رکن ٿا."

حضرت مسيح عليه السلام جي واعظن جو مشهور جملو ته "زمين تي رحم ڪيو تان ته آسمان وارو توهان تي رحم ڪري" اهو جيئن جو تيئن پيغمبر اسلام جي زبان مان به نڪتو:

"ارحموا من في الارض يرحمکم من في السماءِ"

هڪ کان وڌيڪ حديثون هن مضمون تي موجود آهن ته الله جي رحمت، رحم ڪرڻ وارن جي لاءِ آهي، توڙي جو هي رحم هڪ پتڪڙي جهرڪيءَ لاءِ ئي ڇو نه هجي.

اصل هي آهي ته قرآن خدا پرستيءَ جو بنياد ئي هن جذبي تي رکيو آهي ته انسان پنهنجي قول ۽ عمل ۾ خدا جي صفتن جو پرتو پيدا ڪري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قرآن انسان جي وجود کي هڪ اهڙي سرحد قرار ڏئي ٿو، جتي حيوانيت جو درجو ختم ٿئي ٿو ۽ هڪ مافوق حيوانيت جو درجو شروع ٿي وڃي ٿو. انسان جو انسانيت وارو جوهر جيڪو ان کي حيوانيت جي سطح کان بلند ۽ ممتاز ڪري ٿو ۽ جيڪو ان کي اشرف المخلوقات جي مرتبي تائين پهچائي ٿو، قرآن ان کي خدا جو روح ڦوڪڻ سان تعبير ڪري ٿو:

ثم سواه ونفخ فيه .....

"خدا آدم ۾ پنهنجي روح مان ڪجهه ڦوڪي ڇڏيو ۽ انهيءَ جو نتيجو هي نڪتو ته منجهس عقل ۽ حواس جو ڏيئو ٻري پيو." (سجده-٩)

مٿئين آيت مان هيءَ ڳالهه چٽي ٿي وڃي ٿي ته ڪائنات ۾ انسان جو مرتبو ايترو بلند آهي جو خدا خود پنهنجو روح ان ۾ ڦوڪي ڇڏيو آهي. يعني انسان کي عقل ۽ هوش جي زندگيءَ ۾ ڪارفرمائي لاءِ هي جوهر امانت ڪيو ويو آهي.

سو قرآن جتي به خدا جي رحمت جو تصور اسان جي دماغ ۾ پيدا ڪرڻ چاهي ٿو، اهو انهي لاءِ آهي ته اسان به پنهنجي اندر رحمت ۽ ربوبيت جون سڀ ڪيفيتون پيدا ڪريون. خدا جي ٻين صفتن کي پيش ڪرڻ جي مدعا به اهائي آهي. جنهن ڳالهه تي قرآن سڀ کان وڌيڪ زور ڏنو آهي اها بخشش ۽ درگذر آهي. قرآن جي هيءَ تعليم ان جو اصل اصول آهي. بيشڪ انهيءَ هي نه چيو آهي ته پنهنجي دشمنن سان به پيار ڪريو، ليڪن ان هي ضرور چيو آهي ته دشمنن کي به بخشي ڇڏيو. جيڪو دشمن کي بخشي ڇڏڻ سگهي ويندو اهو پاڻ به خدا جي بخشش جو مستحق ٿي ويندو. پنهنجي نفس کي گدلاڻ کان پاڪ ۽ صاف ڪرڻ جو طريقو اهوئي آهي.

الڪاظمين الغيظ .....

"غصي تي ضبط ڪرڻ وارا ۽ انسانن جون خطائون بخشڻ وارا، ۽ الله جي محبت انهن جي لاءِ آهي جيڪي (اهڙو) احسان ڪرڻ وارا آهن." (آل عمران-١٣٤)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

والذين صبروا ابتغاءَ .....

"۽ جن ماڻهن الله سان محبت ۾ (تلخي ۽ ناگواري) برداشت ڪئي ۽ برائي جو جواب برائيءَ سان نہ، بلڪ نيڪيءَ سان ڏنو تہ يقين ڪريو تہ اهي ئي ماڻهو آهن جن لاءِ آخرت جو بهترين سامان آهي." (١٣_٢٢)

قرآن بدلي وٺڻ کان موربگوئي روڪيو ناهي. ليڪن ان جتي بہ ان جي اجازت ڏني آهي تہ اها صرف تحفظ حيات لاءِ ڏني آهي. ۽ وري هي بہ نہ وسارڻ گهرجي تہ جتي بہ هو انتقام جي اجازت ڏئي ٿو، گڏوگڏ هي بہ چوي ٿو تہ معاف ڪرڻ ۽ بخشش بهتر طريقو آهي، ۽ بديءَ جي بدلي ۾ نيڪي ڪرڻ اوهان لاءِ بهتر آهي.

و ان عاقبتم فعاقبوا .....

"۽ ڏسو جيڪڏهن توهان بدلو وٺو تہ گهرجي تہ جيتري ۽ جهڙي مدائي توهان سان ڪئي ويئي آهي ان جي مطابق پورو پورو بدلو وٺو (ائين نہ ٿئي تہ زيادتي ڪري ويهو) ليڪن جيڪڏهن توهان برداشت ڪري وڃو ۽ بدلو نہ وٺو تہ ياد رکو، برداشت ڪرڻ وارن لاءِ، برداشت ڪري وڃڻ ۾ ئي بهتري آهي." (نحل_٢٦)

وجزاءُ سيئتہ .....

"جيڪڏهن مخالفن جي سختيءَ جي جواب ۾ سختي ڪيو تہ گهرجي تہ اهڙي ۽ اوتري ڪيو جيتري اوهان سان ڪئي وئي آهي. ليڪن جنهن بہ درگذر ڪيو ۽ معاملي کي بگاڙڻ جي بجاءِ سنواري ورتو تہ ان جو اجر الله تي آهي."

(شوريٰ٤٠)

### انجيل ۽ قرآن

اسان هيئنر بيان ڪيو آهي تہ قرآن هي نٿو چئي تہ پنهنجي دشمن سان بہ پيار ڪريو. هي ڳالهہ اجاين بہ وڌيڪ تشريح گهري ٿي. حضرت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عيسيٰ عليہ السلام يهودين جي ظاهر پرستين ۽ اخلاقي محرومين جي جاءِ تي رحم، محبت ۽ معافيءَ جي اخلاقي قربانين تي زور ڏنو هو. اهوئي سبب آهي جو اسان انجيل جي واعظن ۾ جابجا انهيءَ طرح جا خطاب ڏسون ٿا. مثلاً:

”توهان ٻڌو هوندو ته اڳلن کي چيو ويو هو ته ڏند جي بدلي ۾ ڏند ۽ اک جي بدلي ۾ اک، ليڪن مان چوان ٿو ته شرير جو مقابلو نه ڪجو، بلڪ جيڪڏهن ڪو توهان جي هڪ ڳٽي تي چماٽ وهائي ڪڍي ته توهان ڪي گهرجي ته ٻيو ڳٽو ڪيس وڌائي ڏيو.“

”پنهنجي پاڙيسرين سان پيار ڪريو ۽ جيڪي توهان سان مدائي ڪن ٿا توهان انهن تي رحمت موڪليو ۽ جيڪي توهان سان نفرت ڪن ٿا تن سان نيڪي ڪريو. انهن جي لاءِ بخشش جي دعا ڪريو جيڪي توهان سان بي رحميءَ سان پيش اچن ٿا، ۽ توهان کي هلاڪ ڪرين ٿا.“

ليڪن سوال هي آهي ته انهن خطابن جي نوعيت ڇا هئي. ڇا هي روحاني اخلاق ۽ فضائل جو پيغام هو يا تشريع يعني قانون جوڙڻ هو. افسوس هي آهي ته انجيل جا پيروڪار توڙي ان جا نقاد، ٻئي هتي مختلف قسم جي غلطين جو شڪار ٿي ويا ۽ هو مسيح عليہ السلام جي انهيءَ خطاب کي هڪ قطعي اخلاق جو ضابطو سمجهي ويٺا. ليڪن عملي زندگيءَ ۾ آخرڪار انهن کي هي تسليم ڪرڻو پيو ته انهن ضابطن تي عمل نٿو ڪري سگهجي. پر ساڳي وقت مسيح جا اهي پيروڪار پنهنجو پاڻ کي هي تسلي ٻه ڏيندا رهيا ته توڙي جو هي حڪم ناقابل عمل آهي ليڪن چند مسيحن، ولين ۽ شهيدن بهرحال انهيءَ تي عمل ڪري ورتو هو. ٻئي طرف نقادن چيو ته هي ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين نظري ۽ ناقابل عمل تعليم آهي، عملي نقطئه نظر سان انهيءَ جي ڪا قدر ۽ قيمت ڪونهي ۽ اها فطرت انسانيءَ جي مخالف ۽ ناموافق آهي. حقيقت ۾ انسانذات جي هي وڏي ڏکائيندڙ ناانصافي آهي جيڪا انساني تاريخ جي هن عظيم الشان استاد سان روا رکي وئي آهي. جهڙي طرح بيدرد نقادن انهيءَ کي سمجهڻ جي ڪوشش نه ڪئي، اهڙي طرح نادان پوئلڳن ٻه فهم ۽ بصيرت کان انڪار ڪيو. ڇا مسيح جو پيغام واقعي ناقابل عمل هو؟ ڇا اهو فطرت انساني جي ناموافق هو؟ اهو تسليم ڪرڻ جو مطلب هي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيندو تہ اسان بنيادي طور تي انهيءَ قرآني تعليم تي ضرب هڻي رهيا آهيون تہ دنيا جي سڀني پيغمبرن جو پيغام هڪ ئي آهي.

## دعوت مسيح جي حقيقت

اصل ھي آھي تہ مسيح جي پيروڪارن ان جي تعليمات جي حقيقت سمجهڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي. حضرت مسيح جو ظهور تاريخ جي هڪ اهڙي عهد ۾ ٿيو هو، جڏهن يهودين جو اخلاقي ڏيوالپڻو انتهائي حد تي پهچي چڪو هو. دل جي نيڪي ۽ اخلاق جي پاڪيزگيءَ جي بجاءِ محض ظاهري احڪامن ۽ رسمن جي پرستش کي دينداري ۽ خدا پرستي سمجهيو پئي ويو. يهودين کان علاوه جيتريون متمدن قومون آسپاس ۾ موجود هيون مثلاً، مصري، رومي، شوري، اهي بہ گهٽ وڌ ساڳي زوال واري حالت مان گذري رهيون هيون. نتيجي ۾ ماڻهن هي نہ ڄاتو تہ مسيح جو پيغام مهرباني، محبت، درگذر، بخشش ۽ گناھ جي مروج زندگيءَ کان باز رکڻ جي لاءِ هو. انهيءَ زماني ۾ انساني قتل ۽ هلاڪتن جو تماشو ڏسڻ، طرح طرح جي ايذائيندڙ طريقن سان مجرمن کي هلاڪ ڪرڻ، زنده ماڻهن کي وحشي جانورن جي منهن وجهي ڇڏڻ، آباد شهرن کي بنا ڪنهن سبب جي ساڙي ڍير بنائي ڇڏڻ، پنهنجي قوم کان سواءِ سڀني انسانن کي غلام سمجهڻ ۽ غلام بنائي رکڻ، رحم، محبت ۽ ڏيرج جي جاءِ تي ڪانئرپڻي ۽ بي رحميءَ تي فخر ڪرڻ، اهو سڀ ڪجھ روم جي تمدن جو اخلاق ۽ مصر جي آشوري ديوتائن جو پسنديده طريقو هو. هاڻي ضرورت هئي تہ انسانذات جي هدايت لاءِ هڪ اهڙي هستي مبعوث ٿئي جيڪا ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين رحمت ۽ محبت جو پيام هجي. جيڪا انسان جي قلبي ۽ معنوي حالتن (دل ۽ افعالن) جي سڌاري ۽ تزڪيي تي پنهنجو توجہ کپائي. پوءِ ٿيو ائين جو مسيح جي شخصيت ۾ اها هستي نمودار ٿي، جنهن زبان جي بجاءِ دل ۽ ظاهر جي بجاءِ باطن تي انسانذات جو توجہ ڇڪرايو ۽ محبت ۽ انسانيت جو وساريل سبق تازو ڪرائي ڇڏيو.

---

(١) ڪنهن لفظ جي غير حقيقي معنيٰ اصل معنيٰ جي مناسبت سان جيئن مٽيءَ جي اصل معنيٰ خاڪ ۽ مجازي معنيٰ موت.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت مسيح جو الهامي ڪلام مجازات[1] جي قدرتي تاثير رکندڙ هو، ليڪن "مقدس تثليث جا پوئلڳ" ۽ "ڪفاري جهڙا مطلب کان پري عقيدا پيدا ڪندڙ" ان جي واعظن جو موقعو محل ۽ ان جي مجازات جي حقيقت کي نہ سمجهي سگهيا ۽ ان جي منڍ کان آخر تائين لفظي تاويلن ۾ پئجي گمراهہ ٿي ويا.

حضرت مسيح جتي بہ ائين چيو آهي تہ پنهنجي دشمن سان پيار ڪريو تہ يقيناً ان جو مطلب هي نہ هو تہ هر انسان کي گهرجي تہ پنهنجي دشمن جو عاشق زادو ٿي وڃي، بلڪ ان جو سڌو سنئون مطلب هي هو تہ توهان ۾ ڪاوڙ، غصي، نفرت ۽ انتقام جي جاءِ تي رحمت ۽ محبت جو پرجوش جذبو هئڻ کپي. اهڙين حالتن ۾ جتي پنهنجن ۽ عزيزن سان بہ نفرت جو برتاءُ ڪيو ويندو هجي، اتي هي چوڻ تہ پنهنجي دشمن سان پيار ڪيو، يقيناً نفرت ۽ ڪاوڙ کان پاسيرو ٿيڻ جو هڪ ڪامل جذبو پيدا ڪري سگهيو پئي. يا مثلاً جيڪڏهن هن ائين چيو هو تہ جيڪڏهن ڪو توهان جي هڪ ڳَٽي تي چماٽ وهائي ڪڍي تہ توهان پنهنجو ٻيو ڳٽو اڳتي ڪريو. ڇا انهيءَ جو واقعي اهو مطلب هو تہ اوهان سچ پچ پنهنجو ٻيو ڳٽو اڳتي ڪريو يا مطلب هي هو تہ پنهنجي اندر معاف ڪري ڇڏڻ ۽ درگذر ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪريو. هر بلاغت واري ڳالهہ جي لفظي معنيٰ وٺڻ، سمجهدار ذهن جو مظهر ناهي. جيڪڏهن اسان انهيءَ قسم جي مجازات کي ان جي ظاهر تي وٺڻ لڳاسين تہ پوءِ نہ صرف سموري الاهي تعليمات درهم برهم ٿي وينديون، بلڪ انسان جو اهو سمورو ڪلام جيڪو الهام ۽ بلاغت سان سرجيل آهي هڪ لحظي ۾ درهم برهم ٿي ويندو.

بيشڪ مذهبن ۽ دنيا جي قانونن جرم ۽ گناهہ جي لاءِ تعزيرات ۽ سزائن جو حڪم ڏنو آهي، ليڪن تعذير يا سزا کي صرف انهيءَ لاءِ گوارا ڪيو ويندو آهي تہ وڏي درجي جي برائين کي روڪڻ لاءِ هڪ گهٽ درجي جي برائيءَ کي برداشت ڪيو وڃي. خالص مذهبي نقطہ نظر سان تعذير ۽ سزا جو غرض انهيءَ کان وڌيڪ ڪونهي. ليڪن دنيا ان کي عذاب ڏيڻ ۽ هلاڪت جو خوفناڪ هٿيار بڻائي ورتو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اسان ڏسون ٿا تہ انساني قتل ۽ رهزني جو ڪوبہ اهڙو ڇرڪائيندڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واقعو ڪونهي جيڪو شريعت ۽ قانون جي نالي تي نہ ڪيو ويو هجي. جيڪڏهن تاريخ کان پڇيو وڃي تہ جنگين کي ڇڏي انساني هلاڪت ۽ بربادي‌ءَ جون سڀ کان وڏيون قوتون کهڙيون رهيون آهن، تہ يقيناً تاريخ جون آڱريون انهن عدالت گاهن جي طرف کڄي وينديون جيڪي مذهب ۽ قانون جي نالي سان قائم ڪيون ويون ۽ جن هميشہ پنهنجي هم جنسن جي عذاب ۽ هلاڪت جو عمل جاري رکيو. حضرت مسيح جو مقصد هرگز هي نہ هو تہ هو نفس تعذير ۽ سزا جي خلاف ڪا نئين شريعت اڳيان آڻي، بلڪ هن جو مقصد هي هو تہ انسان ۾ درگذر ۽ محبت جا جذبا اڀارجن. هو ٻڌائڻ گهري پيو تہ انساني عملن ۾ اصل رحم ۽ محبت آهي ۽ سزا هڪ آخري شڪل ۽ هڪ اڻٽر علاج آهي.

موسوي شريعت جي پيروڪارن شريعت کي صرف سزا ڏيڻ جو هٿيار بڻائي ورتو هو، ان ڪري حضرت مسيح ٻڌايو تہ شريعت صرف سزا ڏيڻ جي لاءِ ناهي بلڪ نجات جو رستو ڏيکارڻ ايندي آهي ۽ نجات جو رستو رڳو محبت ۽ رحمت جو رستو ئي آهي.

## عمل ۽ عامل

انسان جي بنيادي غلطي هي رهي آهي تہ هو "عمل" ۽ "عامل" ۾ امتياز قائم نہ ڪري سگهيو. مذهب انهي‌ءَ فرق ۽ امتياز کي واضح طور پيش ڪري ٿو. سڀني مذهبن جو هي مقصد رهيو آهي تہ بدعملي ۽ گناهہ جي پاسي کان انسان جي دل ۾ نفرت پيدا ڪئي وڃي. ليڪن مذهبن هي ڪڏهن بہ گوارا نہ ڪيو آهي تہ خود انسان جي اندر ۾ انسان کان نفرت پيدا ٿي پوي. يقيناً مذهبن زور ڏنو آهي تہ گناهہ کان نفرت ڪيو، ليڪن هي ڪڏهن نہ چيو آهي تہ گنهگار کان نفرت ڪيو. ان جو مثال ائين آهي جيئن هڪ طبيب هميشہ ماڻهن کي بيمارين کان ڊيڄاريندو رهندو آهي ۽ انهن جي نقصانڪار نتيجن جو ڇرڪائيندڙ نقشو پيش ڪندو رهندو آهي. ليڪن حڪيم ڪڏهن بہ ائين نہ ڪندو آهي تہ جيڪي ماڻهو بيمار ٿي پون انهن کان ڊڄڻ ۽ نفرت ڪرڻ لڳي. بلڪ هن جي تہ سموري توجهہ ۽ شفقت جو مرڪز بيمار جو وجود هوندو آهي. جيڪو انسان جيترو زياده بيمار هوندو، اوترو ئي زياده هن جي توجهہ ۽ شفقت جو مرڪز بڻجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو. اهو ساڳيو ئي شيوو روح ۽ دل جي طبيبن جو هوندو آهي. اُهي گنهگار کان نفرت نہ ڪندا آهن بلڪ ان جي لاءِ سراپا رحمت ۽ شفقت بڻجي ويندا آهن. هو يقيناً چاهيندا آهن تہ اسان ۾ گناهن کان نفرت پيدا ٿئي، گنهگار انسانن کان نہ. فرق ۽ امتياز جو هي نازڪ مقام آهي جتي وڏن وڏن مذهبي پيروڪارن ذڪ ڪاڌو آهي. حضرت مسيح جي تعليم پوري جو پوري انهيءَ حقيقت تي بيٺل هئي تہ گناهن کان نفرت ڪيو، مگر انهن انسانن کان نفرت نہ ڪيو جيڪي گناهن ۾ مبتلا ٿي ويا آهن بلڪ انهن سان لطف ۽ مهربانيءَ جو وهنوار ڪيو، تان تہ هو پنهنجي ماضيءَ جي گناهن جي تلافي ڪري سگهن ۽ انساني زندگيءَ لاءِ ڀيهر هڪ ڪارگر موڙي ٿي پون.. ڪجهہ تابعي امامن انهيءَ حقيقت ڏانهن هنن لفظن ۾ اشارو ڪيو آهي. انڪسار العامين احب الي الله من صولتہ المطيعين. "خدا کي فرمانبردار بندن جي وڏائيءَ کان وڌيڪ گنهگار بندن جو نياز ۽ نوڙت محبوب آهي." اهائي حقيقت اسان قرآن ۾ ڏسئون ٿا تہ جتي بہ خدا گنهگار انسانن کي مخاطب ڪيو آهي تہ ڳهٽو ڪري "يا" سان، (يعني اي منهنجا ٻانها) جيڪا نسبت ۽ محبت تي دلالت ڪندي آهي.

قل يا عبادي الذين اسرفوا عليٰ انفسهم .......

> (اي پيغمبر منهنجي طرف کان ماڻهن کي چؤ) تہ اي منهنجا ٻانهؤ! جن پنهنجو پاڻ تي زيادتي ڪئي آهي سي خدا جي رحمت مان اميد نہ لاهيو (جيڪڏهن هاڻي بہ منهنجي ڏيکاريل واٽ تي هلڻ شروع ڪيو تہ مان بہ رحمت جي موٽ ڪندس).
> (الزمر_٥٣)

هن طرح سان مخاطب ڪرڻ جو مثال بلڪل ائين ئي آهي جيئن هڪ پيءُ محبت جي جوش ۾ پٽ کي پڪاريندو آهي، اي منهنجا پٽ! اي منهنجا ٻچا! حضرت امام جعفر صادق سورت زمر جي آيت رحمت جو تفسير ڪندي فرمايو آهي تہ جڏهن اسين پنهنجي اولاد کي پاڻ ڏانهن نسبت ڏئي سڏيندا آهيون تہ اهي بي خوف اسان ڏي ڊوڙي پوندا آهن، چاڪاڻ تہ سمجهي ويندا آهن تہ اسان انهن تي ڪاوڙيل ناهيون. قرآن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خدا ويهن کان وڌيڪ هنڌن تي اسان کي "عبادي" چئي پاڻ ڏانهن نسبت ڏني اٿائين ۽ سخت کان سخت گهنگار انسان کي به "ياعبادي" چئي پڪاريو اٿائين. ڇا انهيءَ کان به وڌيڪ ان جي رحمت ۽ بخشش جو ڪو پيام ٿي سگهي ٿو؟!

## انجيل ۽ قرآن جي تعليمات ۾ ڪو اختلاف ناهي

حضرت مسيح جي تعليم ۽ قرآن جي تعليم ۾ اصل جو ڪوبہ فرق ڪونهي. ٻنهي جي حڪمن جو معيار هڪ ئي آهي. فرق صرف بيان جي موقعي ۽ بيان جي پيرائي جو آهي. حضرت مسيح صرف قلب جي سڌاري تي زور ڏنو آهي ۽ ڪابہ نئين شريعت پيش نہ ڪئي. انهيءَ ڪري جو موسوي شريعت موجود هئي ۽ هو ان ۾ تبديلي ڪرڻ نہ پيو گهري. هو صرف گهري پيو تہ انهيءَ شريعت کي قلب جي تزڪيي لاءِ استعمال ڪيو وڃي. ليڪن قرآن ساڳي وقت اخلاق ۽ قانون ٻنهي جا احڪام بيان ڪري ٿو. تنهن ڪري قدرتي طور تي قرآن، بيان جو اهڙي طرز ۽ طريقو اختيارُ ڪيو جيڪو مجازات ۽ متشابهات جي بجاءِ احڪام ۽ قانون جو صاف صاف، توريل تڪيل بيان جو طريقو هو. قرآن سڀ کان پهريان "معاف ڪرڻ" ۽ "درگذر" تي زور ڏنو ۽ ان کي نيڪي ۽ فضيلت جو اصل قرار ڏنو. ٻيو هي تہ اٽتر صورتن ۾ "بدلو" وٺڻ ۽ "سزا" ڏيڻ جو دروازو بہ کليل رکيو ۽ تيون هي تہ نهايت واضح ۽ کليل لفظن ۾ ان ڇيو تہ بدلي ۽ سزا ۾ "زيادتي نہ" هئڻ گهرجي. نہ تہ اها "ناانصافي" ٿيندي. سڀني مذهبن جا اهي ئي ٿي اصول رهيا آهن.

و جزاؤ سيئتہ .....

"۽ ڏسو برائيءَ جي بدلي ۾ اهڙوئي ۽ اوتروئي بدلو آهي. ليڪن جيڪو شخص بخشي ڇڏي ۽ بگاڙڻ جي بجاءِ سنواري تہ يقين ڪريو تہ ان جو اجر الله جي ذمي آهي. الله انهن ماڻهن کي دوست نٿو رکي جيڪي زيادتي ڪرڻ وارا آهن. ۽ جنهن تي بہ ظلم ڪيو ويو هجي تہ هو ان ظلم جي پٺيان ان جو بدلو وٺي. ائين ڪرڻ وارن تي ڪو الزام ڪونهي. الزام انهن ماڻهن تي آهي جيڪي انسانن تي ظلم ڪندا آهن ۽ ناحق



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملڪ ۾ فساد جو باعث بڻبا آهن، سو اهي ئي ماڻهو آهن جن
جي لاءِ دردناڪ عذاب آهي. ۽ جيڪڏهن ڪو بدلو وٺڻ
جــي بجاءِ برائي برداشت ڪري وجي ۽ بخشي ڇڏي ته يقيناً
اها وڏ وڙائپ جي ڳالهه آهي." (شوريٰ-٤٠، ٤٣)

ٿورو غور ڪيو ته توڙي جو بدلي ۽ سزا جو دروازو کليل رکيو ويو آهي پر زور معاف ڪرڻ ۽ درگذر تي ڏنو ويو آهي. ۽ گڏوگڏ ٻڌايو ويو آهي ته نيڪي ۽ فضيلت جو رستو اصل ۾ معاف ڪرڻ ۽ درگذر وارو ئي آهي. وري هن پهلوءَ تي به نظر رهي ته قرآن انهيءَ سزا کي جيڪا برائيءَ جي بدلي ۾ ڏني وڃي ان کي "برائي" جي نالي سان ئي تعبير ڪيو آهي. يعني "سيتا" جي بدلي ۾ جيڪو ڪجهه ڪيو ويندو اهو به "سيتا جهڙو ئي" هوندو. بيشڪ برائي ڪڏهن نيڪي به بڻجي سگهي ٿي، ليڪن سزا جو دروازو انهيءَ لاءِ کليو رکيو ويو آهي ته ڪٿي اجان به وڏيون برايون پڌريون نه ٿيڻ لڳن. وري انهيءَ ماڻهوءَ جي باري ۾ جيڪو معاف ڪري، "اصلح" جو لفظ چيو ويو آهي. يعني "سنوارڻ وارو"- انهيءَ مان معلوم ٿيو ته زندگيءَ جا اصل سنوارڻ وارا اهي ئي ٿيا جيڪي معاف ڪرڻ ۽ درگذر جو رستو اختيار ڪرڻ وارا آهن. ممڪن آهي ته هتي هي خدشو محسوس ڪيو وڃي ته جيڪڏهن في الحقيقت قرآن جي تعليم جو اصل اصول رحمت ئي آهي ته پوءِ ان پنهنجي مخالفن جي باري ۾ سخت طرز ڇو اختيار ڪئي. ان جو تفصيلي جواب ته پنهنجي جاءِ تي ايندو، ليڪن هتي انهيءَ سلسلي ۾ مختصر اشارو ڪجي ٿو. بيشڪ-قرآن ۾ اهڙا هنڌ موجود آهن جتي پيغمبر اسلام جي زماني ۾ قرآني تعليم کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ وارن ماڻهن لاءِ ڏاڍي سخت طرز اختيار ڪئي وئي آهي. ليڪن سوال هي آهي ته ڪهڙن مخالفن جي لاءِ؟ انهن جي لاءِ جن جي مخالفت رڳو فڪر ۽ عقيدن جي اختلاف هيٺ هئي؟ يا انهن جي لاءِ جن جي مخالفت جارحانه دشمنيءَ جي شڪل اختيار ڪري ورتي هئي. قرآن تي هڪ سرسري نظر وجهڻ سان به اها ڳالهه واضح ٿي ويندي ته قران جتي به مخالفن جو ذڪر ڪندي سختيءَ جو اظهار ڪيو آهي، اهي ساڳيائي مخالف آهن جن قرآن تي ايمان آڻڻ وارن کي ڄاڻي واڻي هلاڪ ڪيو ۽ انهن سان جارحاڻي دشمني ۽ شرارت جو سلوڪ ڪيو. اهڙن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مخالفن سان بہ نرمي ۽ شفقت جو وهنوار ڪرڻ انسانيت جي بدخدمتي ليکجي ها. اُها هڪ اهڙي رحمت هجي ها جيڪا ظلم ۽ فساد ۽ شرارت ۽ ناانصافيءَ جي پرورش ڪرڻ واري هجي ها. قرآن، الاهي صفتن ۾ رحمت سان گڏ عدالت کي بہ جڳهہ ڏني آهي جنهن جو ذڪر ايندڙ باب ۾ ايندو. قرآن رحمت کي عدالت کان جدا نہ ٿو ڪري، بلڪ ان کي عين رحمت قرار ڏئي ٿو. هو چوي ٿو تہ توهان.انسانيت سان رحم ۽ محبت جو برتاءُ ڪري ٿي نہ ٿا سگهو جيستائين ظلم ۽ شرارت جي لاءِ توهان ۾ سختي ناهي. انجيل ۾ اسان ڏسون ٿا تہ حضرت مسيح بہ پنهنجي زماني جي مفسدن کي ”نانگ جا ڦر“ ۽ ”ڏاڙيلن جي ٽولي“ چوڻ تي مجبور ٿيو.

## مِڙئي ڪفر ۽ شرارتي ڪفر

قرآن ڪفر جو لفظ انڪار جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي. انڪار ٻن طرحن جو هوندو آهي. هڪ انڪار محض ۽ ٻيو انڪار جارحانہ. (مڙئي ڪفر يا شرارتي ڪفر.) مڙئي ڪفر ڪيترين شڪلين اختيار ڪري سگهي ٿو. هڪ شخص توهان جي تعليم کي قبول نہ ٿو ڪري، انهيءَ ڪري جو اها هُن کي سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي يا منجهس طلب صادق ڪونهي، يا انهيءَ لاءِ تہ جنهن رستي تي هو هلي رهيو آهي انهيءَ تي قانع آهي. هي مِڙئي ڪفر آهي. انهيءَ لاءِ قرآن چوي ٿو تہ اي پيغمبر چئي ڏي تہ لڪم دينڪم وليَ دين- يعني توهان جي لاءِ توهان جو رستو ۽ منهنجي لاءِ منهنجو رستو آهي. ان جي برعڪس جارحاڻو يا شرارتي انڪار، مڙئي انڪار کان مختلف هوندو آهي. شرارتي انڪار مان مقصد اهڙي حالت آهي جيڪا صرف اوتري تي ڪفايت نہ ڪندي آهي، بلڪ ان ۾ توهان جي خلاف ضد ۽ هٺ پيدا ٿي پوندو آهي. اهڙي قسم جو مخالف پنهنجي پوري قوت سان توهان جي هلاڪت ۽ بربادي‍ءَ جي پٺيان پئجي ويندو آهي ۽ توهان ڪيتري بہ سچي ڳالهہ چئو، هو توهان کي ٽِري هٽي ڪندو ۽ توهان کي آرام ونڻ نہ ڏيندو. انهيءَ نوعيت جي مخالفن جي باري ۾ قرآن بيان جو اهڙو طريقو اختيار ڪيو آهي جيڪو سخت معلوم ٿئي ٿو.

لهم قلوب لا يفقهون بها .....



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"انهن کي دليون آهن پر انهن سان سوچين نٿا. انهن کي اکيون آهن مگر انهن سان ڏسن نٿا. انهن کي ڪن آهن مگر ٻڌن نٿا. هو اهڙا ئي ويا آهن جهڙا جانور. بلڪ انهن کان به وڌيڪ گمراهه- بيشڪ اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي غفلت ۾ ٻڏا پيا آهن." (الاعراف-١٧٩)

انسانذات جي تاريخ ۾ جڏهن به سچائيءَ جي دعوت ظاهر ٿي آهي ته ڪجهه ماڻهن انهيءَ کي قبول ڪيو آهي ۽ ڪجهه انڪار ڪيو آهي. ليڪن ڪجهه ماڻهو اهڙا به هئا جن ڄاڻي واڻي پوري شدت سان ان جي مخالفت ڪئي آهي. قرآن کي انهن ٽنهي قسم جي ماڻهن سان منهن ڏيڻو پيو. ان پهرين جماعت کي پنهنجي تربيت جي آغوش ۾ ورتو- ٻي جماعت کي پنهنجو پيغام ٻڌايو، انهيءَ تي غور ويچار ڪرڻ جي ڪين مهلت ڏني ۽ چيو ته لا اڪراه في الدين- دين ۾ ڪوبه زور زبردستي ڪونهي. ليڪن ٽين جماعت سان هو دابي دڙڪي ۽ لعنت ملامت سان پيش آيو. جيڪڏهن اهڙي جماعت سان به قرآن لطف ۽ رحمت جو لهجو اختيار ڪري ها ته انهيءَ جو مطلب جارحاڻي قول ۽ عمل جي اڳيان جهڪڻ ٿي پوي ها ۽ اها شيءِ قانون فطرت جي خلاف ٿي پوي ها. رحمت هميشه عدالت سان گڏ گڏ رهندي آهي. فطرت جي دنيا ۾ هي عام قانون ڪارفرما آهي جنهن جي پابندي اسلامي دنيا لاءِ به ضروري رهي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## خدا جي صفت عدل

ربوبيت ۽ رحمت کان پوءِ قرآن ۾ خدا جي جنھن صفت جو ذڪر ڪيو ويو آھي، اھا ان جي عدل واري صفت آھي. قرآن جي نازل ٿيڻ وقت جزا جو جيڪو اعتقاد ھو، قرآن انھيءَ کي رد ڪري ٿو. ھو جزا کي انسان جي عملن جو اٽر نتيجو ۽ مڪافات قرار ڏئي ٿو. جزا جو قديم عقيدو، مطلق العنان بادشاھن جي شاھيت ۽ الوھيت مان ورتل ھو. ان جي مشابھت ۾ ماڻھو ھي سمجھڻ لڳا ھئا تہ خدا بہ مطلق العنان بادشاھن وانگر دل گھريا انعام ۽ سزائون ڏيڻ لڳي ٿو. انھيءَ ڪري تنھن زماني جا ماڻھو ديوتائن جي ڏمر جو جوش ٺڏو ڪرڻ لاءِ طرحين طرحين قربانيون ڏيندا ھئا ۽ انھن جي مھربانيءَ جي نظر پسڻ لاءِ ڪيترائي نذر نياز باسيندا ھئا.

يھودين ۽ عيسائين جو معبود بابت تصور ديوتائي تصور کان ڪي قدر بلند ٿي ويو ھو، ليڪن پراڻي زماني جي عام تصور جي بنيادي خصوصيت بدستور باقي ھئي. يھودين جو عقيدو ھو تہ ٻين جي ديوتائن وانگر خدا ھڪ مطلق العنان بادشاھ آھي جيڪو انھن کان خوش ھوندو تہ اسرائيل جي خدا جي حيثيت اختيار ڪري وٺندو ۽ ناخوش ھوندو تہ انتقام جي جوش ۾ اچي انھن جي بربادي ۽ ھلاڪت جو سبب بڻجي پوندو. عيسائين جو عقيدو ھو تہ آدم جي گناھ جي ڪري ان جو پورو نسل مغضوب (ڏڪاريل) ٿي ويو ۽ جيستائين خدا پنھنجي صفت انسيت کي مسيح جي شڪل ۾ قربان نہ ڪيو تيستائين ان جي نسلي گناھ ۽ مغضوبيت (غضب ھيٺ رھڻ) جو ڪفارو نہ ٿي سگھيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليڪن قرآن جزا ۽ سزا جو اعتقاد هڪ ٻي شڪل ۽ نوعيت جو پيش ڪيو آهي. هو ان ڪي خدا جو ڪوبہ اهڙو فعل قرار نٿو ڏئي جيڪو ڪائنات هستيءَ جي عام قانون ۽ نظام کان الڳ هجي. قرآن چوي ٿو تہ زندگيءَ جي هر شعبي ۾ مڪافات جو هڪ عالمگير قانون عمل هيٺ آهي. ڪائنات هستيءَ جو عالمگير قانون هي آهي تہ هر حالت ڪونہ ڪو اثر رکي ٿي. فڪر، احساس يا عمل جي شڪل ۾ هر شيءِ ڪانہ ڪا وصف يا خاصيت رکي ٿي ۽ اهي پنهنجا سٺا يا خراب اثر ظاهر ڪندا رهن ٿا. ۽ انهيءَ جو نالو جزا ۽ سزا يا عذاب ۽ ثواب آهي. سٺن عملن جو نتيجو سٺائي آهي ۽ اهو ثواب آهي. اهڙي طرح برن عملن جو نتيجو برائي آهي ۽ اهو عذاب آهي. هڪ کي جنت سان ۽ ٻئي کي جهنم سان تعبير ڪيو ويو آهي. قرآن جو فرمان آهي تہ ڪائنات جي هر شيءِ پنهنجي هڪ مخصوص فطرت رکي ٿي ۽ اهو ئي حال انساني عملن جو بہ آهي. هر عمل پنهنجو نتيجو پيدا ڪري ٿو ۽ انهيءَ کي قرآن جزا ۽ سزا، عذاب ۽ ثواب يا عدالت سڏي ٿو:

ام حسب الذين اجترحوا .....

"جيڪي ماڻهو برايون ڪن ٿا، ڇا اهي سمجهن ٿا تہ اسان انهن کي انهن ماڻهن جهڙو ڪري ڇڏينداسي جيڪي ايمان رکن ٿا ۽ جن جا عمل سٺا آهن؟ ۽ ٻئي برابر ٿي وڃن زندگيءَ ۾ بہ موت ۾ بہ. (جيڪڏهن انهن ماڻهن جي سمجهہ ۽ دانش جو فيصلو اهو ئي آهي تہ) افسوس انهن جي فيصلي تي. ۽ الله آسمانن ۽ زمين کي بيڪار ۽ اجايو نہ بڻايو آهي ۽ انهيءَ لاءِ بڻايو آهي تہ هر جان کي انهيءَ جي ڪمائيءَ جي مطابق بدلو ملي ۽ هي بدلو پورو پورو ملندو، ڪنهن تي ظلم نہ ڪيو ويندو." (جاثيہ_٢١_٢٢)

اهو ئي سبب آهي جو قرآن سٺي ۽ بري عمل کي 'ڪسب' (ڪمائي) جي لفظ سان پيٺ ڏني آهي. عربيءَ ۾ ڪسب جي لفظي معنيٰ آهي، اهڙا ڪم جنهن جي نتيجي مان توهان ڪي فائدا حاصل ڪرڻ گهرو. يعني ڪسب جو مطلب هي ٿيو تہ انسان جي لاءِ جزا ۽ سزا خود



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسان جي ئي ڪمائي آهي. قرآن سورت بقره ۾ جزا ۽ سزا جو قائدو ڪليو هيئن ٻڌايو آهي:

لها ما ڪسبت و عليها مااڪتسبت.

"هر انسان جي لاءِ اهو ئي آهي جيڪي ڪجھ ان جي ڪمائي هوندي. جيڪو ڪجھ ان کي ملندو اهو بہ ان جي ڪمائي مان ۽ جنهن جي لاءِ ان کي جوابده ٿيڻو آهي اهو بہ ان جي ڪمائي سان آهي." (بقره ـ ٢٨٦)

من عمل صالحا فلنفسه .....

"جنهن بہ نيڪ ڪم ڪيو تہ هن پنهنجي لاءِ ڪيو ۽ جنهن برائي ڪئي تہ خود انهيءَ جي اڳيان ايندي. ۽ ائين ڪونهي تہ تنهنجو پالڻهار پنهنجي ٻانهن لاءِ ظلم ڪرڻ وارو هجي." (حم سجده-٤٦)

اهو اصول قومن ۽ جماعتن تي بہ لاڳو آهي:

تلڪ امۃ قد خلت .....

"اها هڪ امت هئي جيڪا گذري چڪي آهي، انهيءَ جي لاءِ اهو نتيجو هو جيڪو انهيءَ ڪمايو ۽ توهان جي لاءِ اهو نتيجو آهي جيڪو توهان ڪمائيندؤ." (بقره-١٣٤)

هڪ مشهور حديث قدسيءَ ۾ حياتيءَ جي انهيءَ اصول جي طرف هيئن اشارو ڪيو ويو آهي:

يا عبادي لو ان اولڪم .....

"اي منهنجا ٻانهؤ! جيڪڏهن توهان مان سڀ انسان جيڪي پهريائين گذري چڪا آهن ۽ اهي سڀ جيڪي بعد ۾ پيدا ٿيندا ۽ سڀ انس و جن انهيءَ شخص وانگر نيڪ ٿي وڃن جيڪو توهان مان سڀ کان وڌيڪ متقي هجي، تہ ياد رکو تہ انهيءَ سان منهنجي خداونديءَ ۾ ڪجھ اضافو نہ ٿيندو. اي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجا ٻانهؤ! جيڪڏهن اهي سڀ جيڪي پهريائين گذري چڪا ۽ اهي سڀ جيڪي بعد ۾ پيدا ٿيندا ۽ سڀ انس و جن انهيءَ شخص وانگر بدڪار ٿي وڃن جيڪو توهان مان سڀ کان وڌيڪ بدڪار آهي، ته انهيءَ سان منهنجي خداونديءَ ۾ ڪو نقصان نه ٿئي ها. اي منهنجا ٻانهؤ! جيڪڏهن اهي سڀ جيڪي پهريائين گذري چڪا ۽ اهي سڀ جيڪي بعد ۾ پيدا ٿيندا هڪ هنڌ جمع ٿي مون کان سوال ڪن ها ۽ مان هر انسان کي ان جي گهريل مراد بخشي ڇڏيان ته منهنجي رحمت ۽ بخشش جي خزاني مان انهيءَ کان زياده ڪمي نه ٿئي ها، جيتري ڪمي سئي جي ڀاڪڙي جيترو پاڻي نڪرڻ جي ڪري سمنڊ ۾ ٿي سگهي ٿي. اي منهنجا ٻانهؤ! ياد رکو توهان جا عمل ئي آهن جن کي مان توهان جي لاءِ ضابطي ۽ نگرانيءَ ۾ رکان ٿو ۽ انهن جا نتيجا بغير ڪنهن گهٽ وڌائيءَ جي توهان کي واپس ڏئي ڇڏيان ٿو. پوءِ جيڪو توهان مان چڱائي ماڻي ان کي گهرجي ته هو الله جي حمد ۽ ثنا ڪري ۽ جنهن کي برائي پيش اچي ته کيس گهرجي ته پاڻ پنهنجي وجود کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي ملامت نه ڪري.“ (رواه مسلم)

هتي ڪنهن جي دل ۾ هي خدشو نه اڀرڻ گهرجي ته جزا ۽ سزا رڳو خدا جي خوشنودي يا ناراضگيءَ جو نتيجو آهي. قرآن جو فرمان هي آهي ته جزا ۽ سزا سيني انسانن جي پنهنجي عملن جو نتيجو آهي. باقي خدا نيڪ عمل کان خوش ٿئي ٿو ۽ بدعمل کان ناراض ٿئي ٿو. بهرحال جزا جي انهيءَ قانون جي لاءِ ”الدين“ (بدلي وارو ڏينهن) جو اصطلاح نهايت موزون آهي ۽ انهن سيني غلط تصورن جو خاتمو ڪري ڇڏي ٿو جيڪي انهيءَ باري ۾ ڦهليل هئا. سورت فاتحه ۾ انهيءَ جي استعمال سان نيڪي ۽ برائي جي پيدا ٿيڻ وارن نتيجن ’جزا ۽ سزا‘ جي اصل حقيقت پڌري ڪري ڇڏي آهي.

وري هي به ياد رکڻ گهرجي ته قرآن ربوبيت ۽ رحمت کان پوءِ خدا جي صفت قهر ۽ جلال مان ڪنهن جو ذڪر نه ڪيو آهي. ان جي برخلاف هو خدا کي ”مالڪ يوم الدين“ بيان ڪري ٿو. جنهن سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ربوبيت ۽ رحمت ٻنهي صفتن سان گڏ الله تعاليٰ جي صفت عدل جو تصور اسان جي ذهن ۾ پيدا ٿي وڃي ٿو. ان مان معلوم ٿيو ته قرآن خدا جي صفتن جو جيڪو تصور قائم ڪيو آهي ان ۾ قهر ۽ غضب جي لاءِ ڪائي گنجائش ڪونهي، البت عدل ضرور آهي. قرآن ۾ جيڪي قهري صفتون بيان ڪيون ويون آهن، سي اصل ۾ انهيءَ جا مظاهر آهن جيڪي بني نوع انسان جي بهتريءَ جي لاءِ ڪم ڪندا رهن ٿا. حقيقت ۾ صفات الاهي جي تصور جو هي اهو موڙ آهي جتي انساني فڪر هميشه ٿاٻو کاڌو آهي. انسان ڪائنات هستيءَ جي سيني ناخوشگوار واقعن کي خدا جي ڪاوڙ جو مظهر قرار ڏنو آهي ۽ قهر ۽ غضب جي صفتن کي صفات الاهي مڃي ورتو آهي. حالانڪ جيڪڏهن انسان ڪائنات جي فطرت واري حقيقت کي ويجهڙائيءَ کان ڏسي ها ته معلوم ڪري وٺي ها ته جن مظهرن کي هو خدا جو قهر ۽ غضب سمجهي رهيو آهي اهي عين رحمت جي تقاضا آهن. جيڪڏهن ڪائنات جي فطرت ۾ مڪافات جو قانون هلندڙ نه هجي ها يا تڪميل جا درجا طئه ڪرڻ لاءِ رستي جون رڪاوٽون پري نه ڪيون وڃن ها ته عدل جو ميزان قائم نه رهي ها ۽ سموري هستيءَ جو نظام درهم برهم ٿي وڃي ها.

جهڙي طرح خلقت جو ڪارخانو پنهنجي وجود ۽ بقا لاءِ خدا جي ربوبيت ۽ رحمت جو محتاج آهي اهڙي طرح پنهنجي تڪميل جي لاءِ ان جي عدل جو به محتاج آهي. ربوبيت ۽ رحمت زندگيءَ جي لاءِ فائدي ۽ فيضان جو سرچشمو آهن ۽ انهيءَ سان هي جوڙ، خوبي ۽ سينگار ظهور ۾ آيو آهي. جيڪڏهن توهان ڪائنات ۾ خلقت جي انهيءَ پهلوءَ جو غور سان مشاهدو ڪيو ته اوهان ڏسندا ته هتي خوبي ۽ جمال، ۽ جوڙ ۽ سينگار ۾ جيڪو ڪجهه آهي اهو سڀ ڪجهه "قوت عدل" جي ڪري ئي ته آهي.

عربي ۾ معدلت يا عدل جي معنيٰ آهي برابر هجڻ. عدالت جو ڪم ٻنهي فريقن جي وچ ۾ پاڻ ۾ ٿيل زيادتين کي پري ڪرڻ هوندو آهي. تارازي جي تور کي به عدل يا معدلت چوندا آهن، ڇاڪاڻ ته اهو ٻنهي پڙن جو وزن برابر ڪري ٿو. عدل زندگيءَ ۾ تناسب پيدا ڪري ٿو ۽ هڪ جز کي ٻئي جز جي برابر آڻي اتحاد ۽ هڪ جهڙائيءَ جو مظاهرو ڪري ٿو. اهو ئي قانون آهي جيڪو زندگي ۽ فڪر جي هر اسلوب ۾ حسن ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تناسب کي جرڪائي ٿو. هن هستيءَ جي ڪارخاني جو سمورو نظام عدل ۽ توازن تي قائم آهي.

شمسي نظام جو هر سيارو ۽ ستارو هڪ ٻئي سان هڪ خاص توازن واري نظام ۾ جڪڙيل پنهنجي پنهنجي دائرن ۾ حرڪت ڪري رهيا آهن. ساڳيو ئي قانون آهي جيڪو معاشرت جي نظام کي برقرار رکندو اچي ٿو. جيڪڏهن هي هڪ گهڙيءَ لاءِ به بي حرڪت ٿي وڃي ته سمورو نظام ڊانوان ڊول ٿي وڃي. قرآن اسان کان غور ڪرڻ جو مطالبو ڪري ٿو ته، جڏهن عدل جو هي اصول ڪائنات جي خلقت جي هر حصي ۾ لاڳو آهي، ته پوءِ اهو ڪيئن ممڪن آهي ته انسان جا اعمال ۽ افڪار ان جي اثر کان خارج ٿي وڃن. انهيءَ ڪري ان پوري توازن ۽ تناسب جي عمل کي، جيڪو زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ڪارفرما آهي، قرآن ان کي عمل صالح جو نالو ڏنو آهي. ان کان سواءِ بدعملي يا برائيءَ جي لاءِ جيتريون تشريحون ڪيون آهن اهي سڀ اهڙيون آهن جو جيڪڏهن معنيٰ تي غور ڪيو وڃي ته عدل ۽ توازن جو ضد ۽ مخالف ثابت ٿيندا. مثلاً ظلم، سرڪشي، فضول خرچي، غلط استعمال، زيان، فساد، دشمني وغيره جن کي اسين ظلم به چئون ٿا. عربيءَ ۾ انهيءَ جي معنيٰ هي آهي ته جيڪا ڳالهه جنهن جڳهه تي هئڻ گهرجي اها اتي نه هجي يا بي محل هجي. انهيءَ ڪري قرآن شرڪ کي ظلم عظيم سڏيو آهي چاڪاڻ ته انهيءَ کان وڏيڪ ڇسي ڳالهه ڪا آهي ئي ڪونه. ۽ هي ظاهر آهي ته ڪنهن ڳالهه جي ڇسائپ يا ان جو پنهنجي صحيح جڳهه تي نه هئڻ هڪ اهڙي حالت آهي جيڪا عدل واري تقاضا جي منافي آهي. اهڙي طرح سرڪشيءَ جي معنيٰ آهي ڪنهن شيءِ جو پنهنجي حد کان گذري وڃڻ. جڏهن درياهه جو پاڻي پنهنجي حد کان گذري ويندو آهي ته طُغيان (سرڪشي) جو لفظ استعمال ڪيو ويندو آهي. ظاهر آهي حد کان تجاوز، توازن ۽ عدل جي منافي آهي. اسراف (فضول خرچي) تبذير (غلط استعمال) فساد (شرارت) به انهيءَ شعبي ۾ اچن ٿا. اعتدا ۽ عدوان ٻنهي جي معنيٰ حد کان لنگهي وڃڻ آهي. مطلب ته هر اها شيءِ جيڪا بي محل هجي، تعمير ۽ تڪميل جي رستي جي رڪاوٽ آهي ته ان کي رستي کان هٽائڻ گهرجي. عدل اِهو ئي ڪم سرانجام ڏئي ٿو، جيڪو قرآن جي لفظن ۾ خدا جي رحمت يا رحمانيت جو اظهار آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وحدت دين

جزا ۽ سزا جو قانون جنهن جو گذريل باب ۾ ذڪر ٿيو آهي، انساني ذميوارين جي سوال سان بحث ڪري ٿو. هر عمل جو ردعمل هوندو آهي. عذاب ۽ ثواب بہ انسان،جي عملن جو نتيجو آهن. اهڙي صورت ۾ هي سوال پيدا ٿئي ٿو تہ ڇا الله جي ربوبيت جنهن جو مقصد ئي ڪائنات هستيءَ جي پالنا ۽ اوسر آهي، انسان کي اها صلاحيت عطا ڪري ٿي تہ هو يقين ۽ اطمينان سان پنهنجي انهن ذميوارين کي پورو ڪري سگهي جن سان زندگيءَ ۾ واسطو پوندو رهي ٿو. ٻين لفظن ۾ ڇا انسان ۾ انهيءَ ڳالھ جو استعداد هوندو آهي ۽ ڇا ڪيس اهڙا موقعا ملندا آهن جو پنهنجي لاءِ عمل جو اهو رستو چونڊي وٺي جيڪو ڪيس ڀلائيءَ جي طرف وٺي وڃي، تان تہ سندس عملن ۽ افعالن تي جزا ۽ سزا جي قانون کي حق بجانب قرار ڏئي سگهجي. قرآن انهيءَ جو جواب هائو ۾ ڏئي ٿو:

الذي خلق فسوىٰ والذي قدر فهدىٰ.

"اهو پالڻهار، جنهن هر شيءِ کي پيدا ڪيو پوءِ ان کي سنواريائين، پوءِ ان کي اندازو ڏنائين ۽ پوءِ ان کي رستو بہ ڏيکاريائين." (اعلیٰ-٢،٣)

هن آيت ۾ وجود ۾ اچڻ يا پيدا ٿيڻ جا جيڪي مرتبا بيان ڪيا ويا آهن سي تخليق، ترتيب، تقدير ۽ هدايت جا مرتبا آهن. قرآن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ جهڙي طرح خدا جي ربوبيت هر وجود کي هستي عطا ڪئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، ان جي ظاهر ۽ باطني عضون کي درست رکيو آهي ۽ ان جي عملن جي لاءِ به هڪ مناسب حال بيهاريو آهي ته اهڙي طرح ان جي هدايت لاءِ به بندوبست ڪري ڇڏيو آهي.

ربنا الذي اعطي ڪل شيءِ خلقه ثم هديٰ.

"اسان جو پروردگار اهو آهي جنهن هر شيءِ کي ان جي بناوت ۽ بيهڪ ڏني ۽ پوءِ انهيءَ تي عمل جي واٽ به کولي"(طه_٥٠)

پوءِ وري قرآن هدايت جا به چار مرتبا بيان ڪيا. (١) وجدان، (٢) حواس، (٣) عقل، (۴) وحي ۽ نبوت. هدايت جا پهريان به مرتبا انسان ۽ حيوان سيني جي لاءِ آهن. ليڪن ٽيون مرتبو يعني عقل جو مرتبو، انسان جي لاءِ خاص آهي. ليڪن هي سڀ مرتبا پنهنجي محدود عمل جو دائرو رکن ٿا. جتي وجدان جي هدايت ختم ٿي وڃي ٿي اتي حواس جي هدايت رهبريءَ لاءِ اچي وڃي ٿي ۽ جتي ان جو ڇيهه ٿئي ٿو اتي عقل هٿ کي وٺي هلي ٿو. ليڪن عقل به هڪ خاص حد کان اڳتي نه ٿو وڃي. انهيءَ ڪري ضروري هو، جيئن قرآن ۾ به بيان ڪيو ويو آهي ته انسان جي لاءِ خدا جي ربوبيت ۽ رحمت سان گڏ هڪ چوٿين مرتبي "هدايت" جو بندوبست به ڪيو وڃي. اهو ئي هدايت وارو مرتبو آهي جنهن کي قرآن وحي ۽ نبوت جي هدايت جي نالي سان سڏايو آهي:

قل ان هدي الله هو الهديٰ.

"(اي پيغمبر) انهن کي چؤ ته الله جي هدايت جو رستو ته اهوئي آهي جيڪو "الهديٰ" آهي. يعني هدايت جي حقيقي ۽ عالمگير واٽ."(بقره_١٢٠)

انهيءَ عالمگير وحي واري هدايت کي قرآن "الدين" ۽ "اسلام" جو نالو به ڏنو آهي، يعني خدا جي بنايل قوانين حيات کي تسليم ڪرڻ جو رستو.

**وحدت دين**

قرآني تعليم جو اصل اصول اهائي وحدت دين آهي، جيڪا هميشه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان هڪ ئي رهندي آئي آهي. ليڪن دنيا جي تاريخ جا ٻہ عجب رنگ آهن جو جيترو قرآن انهيءَ وحدت تي زور ڏنو آهي اوترو ئي وڌيڪ دنيا جون اکيون اوڏانهن ٻوتيل رهيون آهن. حقيقت هي آهي تہ قرآن جي ٻي ڪابہ صداقت دنيا جي نظرن کان اهڙي طرح اوجهل ڪونهي جهڙي طرح هي اصل ۽ عظيم ڳالهہ اوجهل آهي. جيڪڏهن هڪ شخص هر طرح جي ٻاهرين خيالن کان ذهن کي آجو ڪري قرآن جو مطالعو ڪري ۽ انهيءَ ۾ جابجا هن اصل ۽ عظيم ڳالهہ جا قطعي ۽ واضح اعلان پڙهي ۽ پوءِ وري دنيا جي طرف نظر ڪري ڏسي، هو حيران ٿي ويندو تہ انهن قطعي اعلانن جي باوجود قرآن جي هن حقيقت کي بہ ڪيترن ئي مذهبي گروهہ بندين وانگر هڪ مذهبي گروهہ بندي جي حيثيت ڏني وئي آهي.

هن سلسلي ۾ قرآن جيڪو ڪجهہ بيان ڪيو آهي اهو هي آهي تہ ابتدا ۾ انساني نسل هڪ ئي قوم ۽ ڪڙم وانگر رهندو ۽ قدرتي زندگي گذاريندو هو. بعد ۾ هلي ماڻهن جي ڪثرت ۽ معيشت جي مسئلن ڪري طرح طرح جا اختلاف پيدا ٿي پيا ۽ انساني جماعت مختلف گروهن ۾ ورهائجي وئي، ۽ هر گروهہ ٻئي کان نفرت ڪرڻ لڳو. جڏهن هيءَ صورتحال پيدا ٿي تہ پوءِ ضروري ٿي پيو تہ انسانذات جي هدايت لاءِ عدل ۽ صداقت جي روشني نمودار هجي، تان تہ هو وري متحد ٿي وڃن. تنهن ڪري خدا جي رسولن جي دعوت ۽ تبليغ جو سلسلو شروع ٿيو ۽ انسانذات کي اتحاد ۽ هيڪڙائيءَ جي تعليم ڏيڻ جي لاءِ هڪ ٻئي پٺيان خدا جي نبين جو جاري رهيو. انسانيت جي انهن محسنن کي خدا، رسول يا پيغمبر جي نالي سان سڏي ٿو، ڇاڪاڻ تہ اهي انسانذات کي خدا جي سچائيءَ جو پيغام پهچائڻ وارا هئا. انهن سڀني پيغمبرن جو پيغام هڪ ئي هو ۽ اهو ڪنهن خاص گروهہ لاءِ مخصوص نہ هو. قرآن جو ارشاد آهي تہ دنيا جو ڪو بہ گوشو اهڙو ناهي جتي انساني نسل آباد ٿيو هجي ۽ خدا جو رسول مبعوث نہ ٿيو هجي. ولڪل امت رسول (انفال-١٣) قرآن چوي ٿو تہ ڪيترائي رسول هڪ ٻئي پٺيان مبعوث ٿيا جن قومن کي حق جو پيغام پهچايو. انهن مان ڪجهہ جا نالا قرآن ٻڌايا آهن ۽ ڪجهہ نہ.

وڪم ارسلنا من نبي في الاولين.

۽ ڪيترائي نبي آهن جيڪي اسان پهرين ۾ (يعني ابتدائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عهد جي قومن ۾) موڪليا سي." (زحرف -٦)

وما ڪنا معذبين حتيٰ نبعث رسولا.

"(۽ اسان جو قانون هي آهي تہ) جيستائين اسان هڪ پيغمبر موڪلي هدايت جو رستو نہ ڏيکاريون تيستائين (عمل جي بدلي ۾) عذاب نہ ڏيندا آهيون."(بني اسرائيل-١٦)

ولقد ارسلنا رسلا .....

"۽ (اي پيغمبر) اسان توهان کان پهريائين ڪيترائي پيغمبر مبعوث ڪيا، انهن مان ڪجھ اهڙا آهن جن جا احوال توهان کي ٻڌايا آهن ۽ ڪجھ اهڙا آهن جن جا احوال نہ ٻڌايا آهن (يعني قران ۾ انهن جو ذڪر ناهي ڪيو ويو.)"(مومن-٧٨)

هر دور ۾ خدا جو رستو هميشہ هڪ ئي رهيو آهي. اهو ڪنهن بہ حال ۾ بدلجي نہ ٿو سگهجي. بلڪل اهڙي طرح انسانذات جي لاءِ ان جي هدايت بہ منڍ کان وٺي ساڳي طرح جي آهي. اها هدايت ڇا هئي؟ صرف هي تہ اڪيلي خدا تي ايمان آڻيو ۽ نيڪ عمليءَ جي زندگي گذاريو. هر دور ۽ هر قوم جي لاءِ خدا دين جي اها ئي هڪ واٽ ڏيکاري.

ولقد بعثنا في ڪل امتہ رسولا .....

"۽ بيشڪ اسان دنيا جي هر قوم ۾ هڪ پيغمبر مبعوث ڪيو (جنهن جي تعليم هي هئي تہ) الله جي عبادت ڪريو ۽ طاغوت يعني سرڪش ۽ شرير قوتن کان پاسو ڪريو."
(نحل-٣٦)

قرآن چوي ٿو تہ دنيا ۾ ڪوبہ مذهب جو اهڙو باني نہ گذريو آهي جنهن هڪ ئي دين تي ڪٺو رهڻ ۽ فرقي يا اختلاف کان بچڻ جي تعليم نہ ڏني هجي. سڀني جي تعليم اهائي هئي تہ خدا جو دين ڪنڊريل انسانن کي جمع ڪرڻ آهي، تنهن ڪري انهيءَ مقصد جي لاءِ جهانن جي پالڻهار جي بندگيءَ ۾ سڀ متحد ٿي وڃو ۽ فرقي بازي ۽ جهيڙا پٽ جي جاءِ تي هڪ ٻئي سان محبت ۽ يڪجهتيءَ جو رستو اختيار ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڳو ايترو نہ بلڪ قرآن هي بہ چئي ٿو تہ هر پيغمبر جي تعليم ٻئي پيغمبر جي تعليم جي تصديق ڪري ٿي، ڇاڪاڻ تہ سيني جي تعليم ساڳي هئي:

نزل عليڪ الڪتاب بالحق .....

"(اي پيغمبر) الله توهان تي هي ڪتاب نازل ڪيو آهي جنهن ۾ حقيقت ۽ سچائي آهي. انهن ڪتابن جي تصديق ڪري ٿو جيڪي ان کان پهريائين نازل ٿي چڪا آهن ۽ اهڙي طرح ماڻهن جي هدايت لاءِ تورات ۽ انجيل نازل ڪيو." (آل عمران-٣)

## دين ۽ شريعت

سوال هي ٿو پيدا ٿئي تہ جيڪڏهن وحي الاهي زندگيءَ جي هڪ ئي اصول ۽ قانون جي تعليم ڏني تہ پوءِ مذهبن ۾ اختلاف ڇو پيدا ٿيو ۽ سيني مذهبن ۾ ساڳيائي حڪم ۽ ساڳيا طور طريقا ظاهر ڇو نہ ٿيا.

قرآن چوي ٿو تہ مذهبن جو اختلاف ٻن طرحن جو هوندو آهي. هڪ اختلاف تہ اهو آهي جيڪو مذهب جي پيروڪارن مذهب جي حقيقي تعليم کان منحرف ٿي پيدا ڪري ورتو. ٻيو اختلاف اهو آهي جيڪو مذهبي تعليم جي نفاذ ۽ استعمال ٿيڻ ۾ نظر اچي ٿو. مثلاً هڪ مذهب ۾ عبادت جي ڪا خاص شڪل مقرر ڪئي وئي آهي ۽ ٻي ۾ ڪا ٻي شڪل، تہ هاڻي اهو اختلاف دين جو اختلاف ڪونهي بلڪ ان جي تعليم جي استعمال يعني شرع جو اختلاف آهي. انهيءَ ڪري دين ۽ شرع ۾ فرق ڪرڻ جي ضرورت آهي. دين ۾ ڪنهن قسم جو انحراف قابل قبول نٿو ٿي سگهي. هر دور ۽ هر قوم جي لاءِ اهو هڪ ئي هجي ٿو. ليڪن انساني سوسائٽيءَ جون حالتون ۽ حال هر دور ۾ بدلبا رهن ٿا، تنهن ڪري هر زماني جي مزاج ۽ انهيءَ دور جي ماڻهن جي استعداد ۽ طبعيت جي مطابق شريعت ۽ طور طريقن ۾ تبديليءَ جي ضرورت ٿيندي رهي ٿي. ۽ جيستائين خدا جي توحيد ۽ نيڪ عمليءَ جي بنيادي تعليم ۾ انهن طور طريقن جي ڪري انحراف نٿو ٿئي، ان ۾ خرابي يا عيب ڪونهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڪل امة جعلنا منسڪا .....

"(اي پيغمبر) اسان هر گروهه جي لاءِ عبادت جو هڪ خاص طور طريقو بيهاريو آهي، جنهن تي هو هلي ٿو. پوءِ ماڻهن کي گهرجي ته انهيءَ معاملي ۾ توهان سان جهيڙو نه ڪن، توهان ماڻهن کي پنهنجي پالڻهار جي طرف سڏيو، پڪ سان اوهان هدايت جي رستي تي لڳل آهيو." (حج-٦٧)

و لڪل وجهة هو موليها .....

"۽ ڏسو هر گروهه جي لاءِ ڪونه ڪو رخ آهي جنهن طرف عبادت ڪرڻ لاءِ هو منهن ڪري بيهي ٿو. پوءِ (انهيءَ معاملي کي ديگهه نه ڏيو بلڪ) نيڪيءَ جي رستي ۾ هڪ ٻئي کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪريو جو اصل ڪم اهو ئي آهي. توهان ڪنهن جڳهه تي به هجو ته الله توهان سڀني کي هڪ هنڌ آڻيندو. پڪ ڄاڻو ته الله جي قدرت کان ٻاهر ڪابه شيءِ ڪونهي." (بقره-١۴٨)

هنن آيتن تي نظر وجهڻ سان دين ۽ شريعت جي طور طريقن جو فرق واضح ٿي وڃي ٿو. دين نالو آهي هڪ خدا جي پرستش ۽ نيڪ عمليءَ جي زندگيءَ جو، ۽ شريعت نالو آهي انهيءَ اصول کي عمل هيٺ آڻڻ جو. ۽ انهيءَ کي پرکڻ جو معيار چڱاين يا سٺاين جي نتيجن ۽ نوعيت سان بدل آهي. اچو ته دين جي حقيقي عنصرن جو ذڪر قرآن جي اندر ڏسون:

ليس البر ان تولوا وجوهڪم .....

"۽ ڏسو نيڪي اها ناهي ته توهان عبادت جي وقت پنهنجو منهن اوڀر يا اولهه جي طرف ڪري بيهو (يا اهڙي طرح جي ڪا ٻي ڳالهه ظاهر رسم جي اختيار ڪري ڇڏيو) نيڪي جي واٽ انهيءَ جي آهي جيڪو الله تي، آخرت جي ڏينهن تي، ملائڪن تي سڀني ڪتابن تي، سڀني نبين تي ايمان آڻي ۽ پنهنجو مال خدا جي محبت جي رستي ۽ رشتيدارن يتيمن، مسڪينن، مسافرن ۽ ضرورتمندن کي ڏئي ٿو ۽ غلامن کي آزاد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرائڻ ۾ خرچ ڪري ٿو، نماز قائم ڪري ٿو، زڪوات ادا ڪري ٿو، قول ۽ قرار جو پڪو هجي ٿو، تنگي ۽ مصيبت هجي يا خوف ۽ هراس جو وقت هر حال ۾ ثابت قدم رهي ٿو. ياد رکو اهڙا ئي ماڻهو آهن (جيڪي پنهنجي دينداريءَ ۾) سچا آهن ۽ اهي ئي آهن جيڪي براين کان بچندڙ آهن.

(بقره_١٧٧)

چوڏهن سؤ سالن کان قرآن ۾ هيءَ آيت آهي، انهيءَ جي باوجود جيڪڏهن قران جي دعوت جي اصل مقصد کي دنيا اجان تائين نہ سمجهي سگهي آهي تہ بيشڪ انهيءَ ۾ قرآن جو قصور تہ ڪونهي.

## دين جي وحدت کي فراموش ڪيو ويو

جڏهن قرآن جو ظهور ٿيو تہ مذهب جا پيروڪار مذهب کي صرف ان جي رسمن ۽ ظاهر کي ڏسن پيا ۽ مذهبي اعتقاد جو سمورو جوش ۽ جذبو انهيءَ قسم جي ڳالهين ۾ ٺقجي ويو هو. هر گروهہ جو ايمان هو تہ ٻيو گروهہ نجات کان محروم رهندو، رڳو انهيءَ بنياد تي تہ ٻئي جا عمل ۽ رسمون اهڙيون ناهن جهڙيون خود انهيءَ گروهہ اختيار ڪري ورتيون هيون. ليڪن قران چئي ٿو تہ اهي عمل ۽ رسمون نہ ئي دين جو اصل آهن ۽ نہ وري سچائيءَ جي ڪسوٽي. بلڪ هي دين جو هڪ ظاهر ڍانچو آهن، روح ۽ حقيقت انهن کان بالاتر آهن ۽ اهي ئي اصل دين آهن. هي اصل دين ڇا آهي. هڪ ئي خدا جي ٻانهپ ۽ پوڄا، ٿ ۽ نيڪ عمليءَ جي زندگي. هي شيون ڪنهن هڪ گروهہ جي ميراث ناهن، بلڪ سموري انسانذات جي مشترڪ ميراث آهن. عملن ۽ طور طريقن جي حيثيت فروعي (رواجي) آهي جيڪي وقت بوقت بدلبا رهندا آهن ۽ بدلبا رهندا. قرآن چوي ٿو توهان مان هر جماعت جي لاءِ اسان هڪ قانون (شرع) ۽ هڪ ڪليل رستو (منهاج) ليکيو آهي. هتي دين جو لفظ استعمال نہ ڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ دين تہ سڀني لاءِ هڪ ئي آهي. ان ۾ منهن ٿيڙو ڪرڻ ۽ ورهائجي وڃڻ جي گنجائش ئي ڪونهي.

هتي هيءَ ڳالهہ بہ ياد رکڻ گهرجي تہ جتي بہ قرآن انهيءَ ڳالهہ جو ذڪر ڪيو آهي تہ جيڪڏهن خدا چاهي ها تہ سڀئي انسان هڪ ئي وات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ڪنا ٿي وڃن ها يا هڪ ئي قوم بنجي وڃن ها. انهي تذڪري سان قرآن هيءَ ڳالهه ماڻهن جي دلين ۾ پيهڻ ٿو گهري ته مختلف ملڪن ۾ رهڻ وارين مختلف قومن جي مختلف گروهن ۾ فڪر ۽ عمل جو اختلاف موجود آهي ۽ اها انساني طبعيتن جي هڪ قدرتي ڳالهه آهي. هاڻي فڪر ۽ عمل ۾ طبعيتن جي انهيءَ بشري فرق کي حق ۽ باطل جو معيار ۽ انساني گروهن جي باهمي نفرت ۽ عداوت جو ڪارڻ نه بڻائجي، ۽ انهي فرق سان مذهب جي اصل بنياد "هڪ خدا جي ٻانهپ ۽ نيڪ عمليءَ" کي نقصان نه پهچائجي. اهوئي سبب آهي جو قرآن تحمل ۽ رواداريءَ تي بيحد زور ڏنو آهي. ايستائين جو جيڪي ماڻهو ان جي توحيد واري دعوت جي خلاف ڏاڍ ۽ جبر کان ڪم پيا وٺن تن جو به لحاظ رکڻ جو حڪم ٿيو:

ولا تسبوا الذين يدعون من دون الله .....

"۽ (ڏسو) جيڪي ماڻهو خدا کي ڇڏي ٻين معبودن کي سڏين ٿا توهان انهن گهٽ وڌ نه ڳالهايو ڇاڪاڻ ته نتيجي ۾ اهي ماڻهو به جهل ۽ ناداني سببان خدا کي ڳالهائيندا. اهڙيءَ طرح اسان هر ڪنهن قوم لاءِ سندس عملن کي چٽو رکيو آهي (جو هر قوم پنهنجي وات تي آهي ۽ ان کي پنهنجي وات ئي سٺي ٿي لڳي) پوءِ آخرڪار سڀني کي پنهنجي پروردگار جي طرف موٽڻو آهي ۽ اتي هر گروهه تي انهن جي عملن جي حيثيت وائکي ٿيندي." (انعام-١٠٩)

## تجديد دعوت يا پيغام جي نواڻ

اهڙي صورت ۾ سوال پيدا ٿئي ٿو ته جڏهن سڀني مذهبن جو اصل هڪ ئي آهي ۽ سڀني جو بنياد سچائيءَ تي آهي ته قرآن اچڻ جي ضرورت ڇا هئي؟ قرآن انهيءَ جو جواب ڏئي ٿو ته توڙي جو سڀئي مذهب سچا آهن ليڪن سڀني مذهبن جا پيروڪار سچائيءَ کان منحرف ٿي ويا. ان ڪري ضروري ٿي پيو ته سڀني کي انهن جي گم ٿيل سچائيءَ تي وري جمع ڪجي، ۽ اهوئي قرآن جو منصب آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچائي ۽ دين جي پاسئون مذهبي پيروڪارن جون گمراهيون. اعتقادي ۽ عملي ٻنهي طرحن جون هيون ۽ انهن گمراهين مختلف شڪليون اختيار ڪري ورتيون هيون. هڪ سيني ڪان وڏي گمراهي جنهن جو قرآن ذڪر ڪيو آهي، ان کي "تشيع" ۽ "تخرب" جي لفظن سان سڏيو آهي جنهن جي معنيٰ آهي الڳ الڳ ٽولا بنائڻ.

ان الذين فرقوا دينهم .....

"جن ماڻهن پنهنجي ئي دين ۾ ٽولا ٽولا ڪيا ۽ الڳ الڳ گروهه بندين ۾ ورهائجي ويا، تُنهنجو انهن سان ڪو تعلق ڪونهي، انهن جو معاملو خدا جي حوالي آهي، جهڙا سندن پرڪار رهيا آهــن انهن جو نتيجــو خدا ڪين ضــرور ڏيکاري ڇڏيندو." (انعام_١٦٠)

فتقطعوا امرهم بينهم .....

"پوءِ ماڻهن هڪ ٻئي ڪان ڪٽجي جدا جدا دين ناهيا، هر ٽوليءَ کي جيڪو پلئه پيو آهي انهيءَ ۾ رڌو پيو آهي."
(مومنون_٥٣)

**تشيع**

تشيع ۽ تخرب جا لفظ ڪٿان آيا. انهيءَ کي پوري وضاحت سان سمجهڻ گهرجي. خدا جي ڏسيل دين جي حقيقت ته هي هئي جو اهو انسانذات کي خدا پرستي ۽ نيڪ عمليءَ جي واٽ ونائيندڙ هو. ليڪن ماڻهن انهيءَ حقيقت کي وساري ڇڏيو ۽ انسانيت نسلن، فرقن ۽ طرح طرح جي رسمن ۽ رواجن ۾ ورهائجي وئي. جنهن جو نتيجو هي نڪتو ته اعتقاد ۽ عمل جي بجاءِ سچو دارو مدار اچي انهيءَ تي بيٺو ته ڪير ڪهڙي ٽولي ۽ گروهه ۾ داخل آهي. انهيءَ ڳالهه کي ئي دين جي صداقت جي ڪسوٽي بڻايو ويو. ٻين لفظن ۾ دين جي سچائي، آخرت جو نتيجو، ۽ حق ۽ باطل جو معيار سموري جو سمورو گروهه پرستيءَ جي ور چڙهي ويو. هر گروهه جو يقين هو ته ٻين تي نجات جو دروازو بند ٿي ويو آهي، ۽ اهوئي نجات جو مستحق آهي. اهڙي طرح ٻين مذهبن کان نفرت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي جذبي اچي خدا پرستي ۽ نيڪ عمليءَ جي جاءِ والاري ڇڏي.

**قرآن جو رويو**

قرآن ڪي گمراهيءَ جو هي طلسم ٽوڙيو هو تنهن ڪري انسان جي نجات ۽ سعادت جو دارومدار ڪنهن خاص گروهه بنديءَ تي نه بلڪ عقائد ۽ عمل تي رکيو. قرآن هن ڳالهه تي به زور ڏنو ته انسانذات جي لاءِ دين الاهي هڪ ئي آهي ۽ انهيءَ واٽ کان انحراف دين جي نفي آهي. ان بنيادي ته اصل دين توحيد آهي، يعني ڪنهن به واسطي کان سواءِ هڪ خدا جي سڌو سنئون بانهپ ۾ اچڻ ۽ ان جي پرستش ڪرڻ. سيني مذهبن جي باني ان جي تعليم ڏني آهي. ان جي ابتڙ دين سان ٽڪراءَ ۾ اچڻ وارا جيترا به عقيدا ۽ عمل آهن، اهي خدا جي انڪار جي تعريف ۾ اچن ٿا:

قالوا لن يدخل الجنة الا من.....

”۽ يهودين ۽ عيسائين چيو ته جنت ۾ ڪو به انسان داخل نه ٿو ٿي سگهي جيستائين يهودي ۽ نصارو نه هجي (يعني جيستائين يهوديت ۽ عيسائيت جي گروهه بنديءَ ۾ شامل نه هجي) هي انهن ماڻهن جون جاهلاڻيون امنگون آهن (اي پيغمبر) انهن کي چؤ ته جيڪڏهن توهان (انهيءَ باطل گهمنڊ ۽ خيال) ۾ سچا آهيو ته بنيادي توهان جو دليل ڇا آهي؟ هائو برابر نجات جي واٽ کليل آهي مگر اها ڪنهن خاص گروهه بنديءَ جي واٽ ناهي، اها ته ايمان ۽ عمل جي واٽ آهي. جنهن به خدا جي اڳيان پنهنجو سر نوايو ۽ نيڪو ڪاري به ڪيائين (توڙي ڪير به هجي) هو پنهنجي پروردگار وٽ پنهنجو اجر ماڻيندو. هن لاءِ نه ڪنهن شيءِ جو ڪٽڪو آهي نه ڪا ڳڻتي.“ (بقره-١١١،١١٢)

ان الذين امنوا وَالذين ها دوا .....

”جن ماڻهن (پيغمبر اسلام تي) ايمان آندو يا اهي ماڻهو جيڪي يهودي سڏجن ٿا يا نصاريٰ ۽ صابي (ڪير به هجن) ليڪن جو به الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان آڻيندو ۽ عملن ۾ نيڪوڪاري هوندس ته هو پنهنجي ايمان ۽ عمل جو اجر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي پالڻهار وٽان ضرور حاصل ڪندو ۽ ان لاءِ ڪنهن به
طرح جو ڪٿڪو ۽ ڳڻتي ڪونهي." (بقره-٦٢)

يعني قرآن جي لفظن ۾ دين ڪنهن گروهه بنديءَ جو نالو نه هو. انسان جو تعلق ڪنهن به نسل، ڪنهن به قوم ۽ ڪنهن به خطي سان هجي، جيڪڏهن هو خدا تي ايمان رکي ٿو ۽ سندس عمل به چڱا آهن. يعني ان جي زندگي نيڪ عمليءَ جو نمونو آهي ته اهو دين الاهي تي هلڻ وارو آهي ۽ ان جي لاءِ ڇوٽڪارو آهي. ليڪن يهودين ۽ عيسائين صرف پنهنجي لاءِ هڪ خاص قسم جو فڪري ۽ اخلاقي ضابطو ناهيو. يهودين گروهه بنديءَ جو هڪ گول ليڪو پاتو، انجو نالو "يهوديت" رکي ڇڏيائون، عيسائين به پنهنجي چوڌاري اهڙو حلقو جوڙي ورتو ۽ ان جو نالو "مسيحيت" رکي ڇڏيائون. انهن مان هر هڪ اهوئي چيو ته جيڪو سندن دائري ۾ شامل آهي اهو ئي سچائيءَ تي آهي ۽ ڇوٽڪارو به ان لاءِ آهي. ۽ جيڪو انهيءَ کان ٻاهر آهي اهو ڇوٽڪاري کان مورڳو محروم آهي، ۽ اهڙي طرح سان ايمان بالله ۽ نيڪ عمليءَ جو عالمگير تصور هڪ ئي ڌڪ سان غير مؤثر ٿي ويو. هڪ شخص ڪيترو به خدا پرست ۽ نيڪ عمل هجي، ليڪن جيڪڏهن هو "يهوديت" يا "مسيحيت" جي دائرن ۾ داخل ناهي، ته ان کي ڪوبه يهودي يا عيسائي هدايت يافته انسان نه سمجهندو. پر ان جي ابتڙ جيڪڏهن ڪو ماڻهو انهن جي گروهه بندين جي انهيءَ نظام ۾ داخل آهي ته پوءِ هڪ انتهائي بدعمل ۽ بداعتقاد انسان به نجات يافته سمجهيو ويندو. (ساڳيو حال هينئر مسلمانن جو به آهي- سنڌيڪار.) قرآن ان قسم جي گروهه بندين کي مسترد ڪري ڇڏيو آهي. هو اعلان ٿو ڪري ته ڪوبه انسان هجي، ڪنهن به نسل ۽ قوم يا گروهه جو هجي، جيڪڏهن هن الله جي اڏو ٻانهپ جو سر نوايو ۽ نيڪ عمليءَ جي زندگي اختيار ڪئي ته ان ڇوٽڪارو ۽ سعادت ماڻي ۽ ان لاءِ ڪوبه غم ۽ ڳڻتي ڪونهي.

مذهبي صداقت جي عالمگير وسعت جو هي ساڳيو تصور آهي جيڪو قرآن ظاهر ڪري ٿو ۽ قرآن افسوس سان چوي ٿو:

وقالت اليهود ليست .....



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”۽ يهودين چيو تہ عيسائين جو دين ڪجھ بہ ناهي. اهڙي طرح عيسائين چيو تہ يهودين وٽ ڇا پيو آهي. حالانڪ ٻئي الله جو ڪتاب پڙهن ٿا (۽ ٻنهي جي دين جو سرچشمو هڪ ئي آهي) نيڪ اهڙي ڳالھ انهن ماڻهن بہ چئي جيڪي (مقدس تحريري سَنَدن جو) علم نٿا رکن (يعني عرب جا مشرڪ بہ جيڪي صرف پاڻ کي ئي نجات جو وارث سمجهن ٿا) جنهن ڳالھ تي اوهان هڪ ٻئي سان جهيڙو ڪيون بيٺا آهيو. قيامت جي ڏينهن الله ان جو فيصلو ٻڌائيندو ۽ ان وقت حقيقت حال سڀني تي پڌري ٿيندي.“ (بقره-١١٣)

يهودين تہ ايستائين انتها ڪري ڇڏي هئي جو هو سمجهڻ لڳا هئا تہ جهنم جي باھ انهن کي ڇهي بہ نہ سگهندي. (١) ليڪن قرآن صاف لفظن ۾ اعلان ڪري ٿو تہ جنهن بہ سٺا ڪم ڪيا ان جي لاءِ ڀلائي آهي ۽ جنهن برا ڪم ڪيا ان جي لاءِ برائي آهي ۽ ڪنهن مخصوص نسل يا شخص جي خاطر فطرت جو هي قانون بدلجي نٿو سگهي:

وقالوا لن تمسنا النار الا .....

”۽ انهن ماڻهن (يعني يهودين) چيو تہ اسان کي جهنم جي باھ بہ ڇهي نہ سگهندي، ۽ جيڪڏهن ڇهيائين بہ تہ چند ڏينهن لاءِ. (اي پيغمبر) انهن کي چؤ تہ هي جو اوهان چئو ٿا تہ ان لاءِ اوهان خدا کان لکپڙھ ڪري ورتي آهي ڇا. جو خدا ان لکپڙھ کان نہ ڦرندو؟ يا توهان خدا جي نالي اهڙي ڪوڙي ڳالھ گهڙي رهيا آهيو جنهن جو اوهان کي علم بہ ڪونهي (خدا جو قانون تہ هي آهي تہ ڪنهن بہ نسل ۽ گروھ جو انسان هجي ليڪن) جنهن بہ بڇڙايون ڪمايون ۽ پنهنجي گناهن ۾ ستيو رهيو تہ اهو دوزخي گروھ مان آهي ۽ هميشہ دوزخ ۾ رهندو. ۽ جنهن بہ فرمانبرداريءَ جي واٽ ورتي ۽ نيڪ عمل ٿيو تہ اهو بهشتي ٽولي مان آهي ۽ هميشہ ان بهشت ۾ رهندو.“ (بقره-٨٠، ٨١)

---

(١) يهودين واري اها مصيبت هينئر سنڌ جي اڪثر سيدن تي ڇانيل آهي. (سنڌيڪار)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليس بامانيڪم ولا اماني اهل . . . . . . .

"مسلمانو! ياد رکو تہ چوٽڪارو ۽ سعادت نہ توهان جي خواهشن ۽ اميدن تي بدل آهي ۽ نہ ئي اهل ڪتاب جي خواهشن ۽ اميدن تي. پر خدا جو قانون هي آهي تہ جيڪو بہ برائي ڪندو ان جو نتيجو ان جي سامهون ايندو. پوءِ نہ ڪنهن جي دوستي بچائي سگهندي ۽ نہ ڪنهن جي طاقت جي مددگاري." (نساءَ-١٢٣)

هن گروهہ بندي ۾ نانيءَ ويڙهي جو هڪ نتيجو هي هو تہ يهودي سمجهندا هئا تہ ڪاروبار ۽ ڏيتي ليتيءَ ۾ سچائي ۽ ديانتداريءَ جا جيترا بہ حڪم انهن جي لاءِ نازل ٿيا آهن. غير يهودين سان ڪار وهنوار ڪرڻ وقت انهن جي پابندي ضروري ناهي. هنن طئہ ڪري ڇڏيو هو تہ جيڪو ماڻهو اسان جي مذهب جو ناهي تنهن کي جيئن بہ وٽي تہ دٻائي رکڻ ۽ ان جو مال هضم ڪرڻ روا آهي. اهوئي سبب آهي جو ڏيتي ليتيءَ ۾ وياج جي منع واري حڪم کي هنن پنهنجي هم مذهبن لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيو هو ۽ ٻين جي لاءِ انهيءَ اصول کي سامهون رکڻ ضروري نہ سمجهندا هئا. رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي زماني ۾ جيڪي يهودي عرب ۾ آباد هئا، اهي عربن سان انهيءَ قسم جي هلت هلندا هئا. هو چوندا هئا تہ عرب جا رهاڪو اڻ پڙهيا ۽ بت پرست آهن، انهن جو مال اسان جيئن بہ کائون جائز آهي. قرآن ان تي شاهدي ڏئي ٿو:

واخذهم الربا وقد . . . . . .

"۽ انهن جو وياج کائڻ، حالانڪ ان جي کين منع ڪئي وئي هئي ۽ انهن جي هيءَ ڳالهہ تہ ماڻهن جو مال ناجائز طريقي سان کائجي. (حالانڪ کين سيني انسانن سان ديانتدار ٿي هلڻ جو حڪم ڏنل هو) ۽ (ياد رکو تہ) جيڪي ماڻهو (اهڙي طرح حق جي حڪمن جا) منڪر ٿيا تن جي لاءِ اسان (سندن بدعملين جي بدلي ۾) دردناڪ عذاب تيار رکيو آهي." (نساءَ-١٦١)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذالڪ بانهمر قالوا ليس .....

"(يهودين جي) هيءَ ڪار انهيءَ لاءِ آهي جو هو چون ٿا تہ (عرب جي) انّ پڙهيل ماڻهن سان (بدفضيلتي ڪرڻ ۾) اسان ڪان ڪابہ پڇا ڳاڇا ڪونہ ٿيندي (جهڙي طرح بہ چاهيون انهن جو مال ڪائي سگهئون ٿا حالانڪ) ائين چوندي هو ڄڻي طرح الله تي تهمت هڻن ٿا (انهن ڪان محاسبو ٿئي ۽ ضرور ٿئي ڇاڪاڻ تہ الله جو قانون هي آهي تہ) جيڪو بہ پنهنجو قول ۽ اقرار سچائيءَ سان پورو ڪري ٿو ۽ برائي ڪان بچي ٿو تہ اهو ئي الله جي خوشنودي حاصل ڪري ٿو ۽ الله بہ انهن کي دوست رکي ٿو." (آل عمران-٧٥، ٧٦)

اهڙو عقيدو رکڻ خدا جي دين تي کليل تهمت هئي. خدا جو دين تہ هي آهي جو هر انسان سان نيڪي ڪرڻ گهرجي ۽ هر هڪ سان معاملو ڪرڻ ۾ سچائي ۽ ديانتداري اڳيان رکڻ گهرجي، توڙي جو ان جو تعلق ڪهڙي بہ عقيدي ۽ گروهہ سان هجي.

مذهبي گروهہ بندين جن رسمن کي جنمر ڏنو آهي انهن مان هڪ رسمر اها آهي جنهن کي "بتسپسما" چون ٿا. هي شروع ۾ هڪ يهودي رسمر هئي جيڪا ان وقت ادا ڪئي ويندي هئي، جڏهن ڪو ماڻهو گناهن جو اعتراف ۽ انهن ڪان توبهہ ڪندو هو.

ليڪن عيسائين ان کي ڇوتڪاري جو ذريعو بڻايو. قرآن ان کي گمراهي پڌائي ٿو ۽ چوي ٿو تہ رڳو هڪ مقرر رسمر ادا ڪرڻ سان ڇوتڪارو ۽ سعادت نٿي حاصل ٿي سگهي. ڇوتڪارو ۽ سعادت حاصل ٿين ٿا نيڪ عمليءَ سان. قران چوي ٿو تہ صرف پاڻيءَ جي ڇنڊن سان ماڻهو رنگجي نٿو وڃي. بلڪ رنگجڻ هي آهي تہ توهان جون دليون خدا پرستيءَ جي رنگ ۾ رنگجي وڃن. ۽ خدا جي حڪمن جي تابعداريءَ ۾ سرشار ٿي وڃن.

صبغتہ الله ومن احسن .....

"هي الله جو رنگ آهي (يعني دين الاهي جو قدرتي رنگجڻ) ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڪان وڌيڪ بهتر ڪير رنگي سگهي ٿو. اسان ته انهيءَ جي
ٻانهپ ۾ آهيون." (بقره-١٣٨)

انهيءَ گروهه بنديءَ جو نتيجو هيو جو يهودين ۽ عيسائين جو مذهب توڙي جو هڪ ئي هو ۽ ڪتاب الاهي يعني تورات ٻنهي جي مشترڪ ميراث هئي. ليڪن ٻن مذهبي گروهن ۾ ورهائجڻ جي ڪري، هڪ ٻئي جا مخالف ۽ هڪ ٻئي لاءِ ڪوڙا ٿي پيا هئا. ٻئي هڪٻئي کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ ۾ رڌل هئا ۽ هر گروهه صرف پنهنجي ٽولي جي ماڻهن کي نجات ۽ سعادت جو مالڪ سمجهندو هو.

جڏهن دنيا ايترن گروهن ۽ ٽولن ۾ ورهائجي وئي هئي ۽ انهيءَ حقيقت جي باوجود ته انهن سڀني جو اصل هڪ هو، هر ٽولو ٻئي ٽولي جي مذهب کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ ۾ رڌل هو. ان وقت هي فيصلو ڪير ڪري ته سچائيءَ جو حقيقي نمائندو ڪير آهي؟ قرآن چوي ٿو ته سچائي اصل ۾ سڀني لاءِ آهي. پر عملاً ان کي سڀني وڃائي ڇڏيو آهي. سڀني کي هڪ ئي دين ڏنو ويو هو ۽ سڀني لاءِ هڪ ئي هدايت جو عالمگير قانون هو. ليڪن سڀني اصل حقيقت وڃائي ڇڏي ۽ "دين" يا سڌي واٽ تي قائم رهڻ جي بجاءِ هر گروهه الڳ الڳ رستا اختيار ڪيا. ۽ هي سمجهي وينا ته ڇوٽڪاري ۽ سعادت جو اهوئي مستحق آهي. (قرآن هڪ ساهمي آهي. ان ۾ اهي سڀ ترندا جيڪي قرآن جي انهيءَ دين جي وحدت واري فڪر کان ٿڙيل هوندا پوءِ ڀل اهي مسلمان ڇو نه هجن. الله تعاليٰ سڀني کي ساجهه ڏي- سنڌيڪار)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وحدت انساني

جن ماڻهن خدا جي نالي تي پنهنجو پاڻ کي الڳ الڳ مذهبي گروهن ۾ ورهائي ورتو هو انهن جي باري ۾ قرآن جو هي انتباهه هو ته ”ڇا پنهنجي پالڻهار جي سامهون هو توسان وڙهندا رهندا.“

جيڪڏهن خدا تي سچي دل سان ايمان آندو وڃي ته عمل جي زندگيءَ ۾ هي ايمان انساني ڀائپيءَ جي شڪل اختيار ڪري وٺي ٿو. اهوئي خدا جو پيغام هو ۽ ان جي اصل تبليغ اهائي هئي ته سمورا گروهه ۽ مذهبي ٽولا وري هڪ مرڪز تي اچي وڃن ۽ انسانذات جي عظيم تر ڀائپيءَ جو رستو هموار ڪن. اچو ته قرآن ڪان انهيءَ پيغام جي صدا ٻڌئون. قرآن انساني ڀائپيءَ جو جيڪو لائحہ عمل ڏنو آهي، انهيءَ جو پهريون اصول هي آهي ته ابتدا ۾ انسانذات هڪ ئي جماعت هئي جيڪا سيني انسانن جي هڪ خدا تي ايمان رکندڙ هئي. انهيءَ ايمان جي مطابق شروع ۾ سيني ماڻهن دين جي زندگيءَ جو هڪ ئي رستو اختيار ڪيو هو. گذريل باب ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪيڏي سختيءَ سان قرآن انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته زندگيءَ جي دين واري واٽ هڪ ئي آهي ۽ ان اصول جي تحت قرآن انهيءَ زماني جي يهودين، عيسائين ۽ عربن کي مخاطب ڪيو آهي. انهن سيني ۾ هي ڳالهه قدر مشترڪ هئي ته اهي حضرت ابراهيم جي شخصيت کي پنهنجو گذيل بزرگ ۽ مورث اعليٰ مڃيندا هئا. ان جو هڪجهڙو احترام ڪندا هئا. تنهن ڪري قرآن انهن جي سامهون هڪ سڌي سنئين ڳالهه رکي ته جيڪڏهن هر هڪ جي دين جي سچائي پنهنجي گروهن سان وابستہ آهي ته پوءِ ڀلا ٻڌايو ته سيني جو مورث اعليٰ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت ابراهيم ڪهڙي گروهه جو ماڻهو هو. سندس زماني ۾ نه يهوديت ظاهر ٿي هئي ۽ نه مسيحيت. ته پوءِ ان جي ڪهڙي واٽ يا دين هو:

يا اهل الڪتاب لم تحاجون في ابراهيم...

"اي ڪتاب وارؤ! توهان ابراهيم جي باري ۾ حجت ڇو نه ٿا ونو. حالانڪ اها ڳالهه ظاهر آهي ته تورات ۽ انجيل ان کان پوءِ نازل ٿيا هئا. ان کان پوءِ به ايتري صاف ڳالهه سمجهي نه ٿا سگهو؟" (آل عمران-٦٥)

ام ڪنتم شهداءَ اذ حضر يعقوب الموت...

"پوءِ ڇا توهان ان وقت موجود هئا جڏهن يعقوب جي سامهون موت اچي بيهي رهيو هو ۽ هن پنهنجي اولاد کان پڇيو هو ته ٻڌايو ته مون کان پوءِ ڪنهن جي عبادت ڪندؤ؟ انهن جواب ۾ چيو هو ته انهيءَ هڪ خدا جي عبادت ڪنداسين جنهن جي تون عبادت ڪئي آهي ۽ تنهنجي بزرگن ابراهيم، اسماعيل ۽ اسحاق ڪئي آهي ۽ اسان خدا جي حڪمن جا فرمانبردار آهيون." (بقره-١٣٣)

وقالوا ڪونوا هوداً .....

"۽ يهودي چون ٿا ته يهودي ٿي وڃو هدايت ماڻيندؤ. نصاريٰ چون ٿا عيسائي ٿي وڃو هدايت ماڻيندؤ (اي پيغمبر توهان چئو ته نه. الله جي عالمگير هدايت توهان جي انهن گروهه بندين جي پابند نٿي رهي سگهي.) هدايت جي واٽ ته اها حنفي واٽ آهي جيڪا ابراهيم جو طريقو هئي ۽ اهو مشرڪن مان نه هو." (بقره-١٣٥)

اهڙي طرح قرآن هي واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته يهودي، عيسائي، ۽ مغربي ايشيا جون ٻيون قومون پنهنجي مورث اعليٰ حضرت ابراهيم جي زماني ۾ جنهن دين جون پيروڪار هيون، اهو نه يهوديت هو نه مسيحيت ۽ نه ڪنهن ٻئي مذهبي حلقي بنديءَ سان ان جو تعلق هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يهوديت ۽ مسيحيت حضرت موسيٰ ۽ حضرت مسيح جي دور کان هليون. جن جو ظهور حضرت ابراهيم کان ڪيترا سؤ سال بعد ۾ ٿيو هو. حضرت ابراهيم چوتڪاري جو جيڪو طريقو اختيار ڪيو هو، اهو صرف ڪنهن مخصوص گروهه لاءِ نہ هو بلڪ پوري انسانيت جي لاءِ هو. يعني خدا جي پرستش ۽ نيڪ عمليءَ جو رستو. قرآن چوي ٿو تہ حضرت ابراهيم ۽ ٻين سيني پيغمبرن دنيا کي جيڪو پيغام ڏنو سو اهوئي هو تہ پوري انسانذات هڪ ئي امت آهي ۽ سيني جو هڪ ئي پالڻهار آهي. تنهن ڪري گهرجي تہ سڀ هڪ ئي پالڻهار جي ٻانهپ ۾ اچن ۽ هڪ ئي ڪٽنب جي فردن وانگر رهن. قرآن گذريل پوين ڪتابن ۽ مذهب جي باني جون نصيحتون بہ نقل ڪيون آهن، اهو ٻڌائڻ لاءِ تہ انهن سيني دين جي وحدت ۽ انسانن جي عالمگير ڀائپيءَ جي تعليم ڏني آهي. ليڪن قرآن افسوس جو اظهار ڪري ٿو تہ:

فتـقـطعوا امرهم .....

"پوءِ ماڻهن هيءَ تعليم وساري ڇڏي ۽ پنهنجون الڳ الڳ ٽوليون ناهي ورتيون. هاڻي هر ٽولي انهيءَ ۾ مست ۽ مگن لڳي پئي آهي جيڪو ڪين پلئہ پئجي ويو آهي." (مومنون-٥٣)

### قرآن جي دعوت

قرآن ڪنهن ٻي ڳالهہ تي ايترو زور نہ ڏنو آهي جيترو هن وري ۽ قطعي لفظن ۾ انهيءَ ڳالهہ جو اعلان ڪيو آهي تہ هو ڪنهن بہ مذهبي گروهہ بنديءَ جي حق ۾ ناهي. بلڪ ان جي ابتڙ قرآن گهري ٿو تہ سيني مذهبي گروهہ بندين جي جهيڙي ۽ جنگ کان دنيا کي نجات ڏياري ۽ سيني کي سچائيءَ جي انهيءَ هڪ واٽ تي جمع ڪري جنهن جي فطرت ۽ اصليت ئي اها آهي تہ اها روز اول کان موجود آهي ۽ سيني مذهبن جي سڏيندڙن ان جي طرف سڏيو آهي:

شرع لكم من الدين ما وصيٰ بہ نوحاً .....

"(۽ ڏسو) هن توهان جي لاءِ دين جي اهائي واٽ ٻيهاري آهي جنهن جي وصيت نوح کي ڪئي وئي هئي ۽ جنهن تي هلڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ابراهيم، موسيٰ ۽ عيسيٰ کي حڪم ڏنو ويو هو. انهن سيني جي تعليم هئي تہ الدين يعني خدا جو هڪ ئي دين قائم رکو ۽ انهيءَ واٽ تي تولا تولا نہ ٿي ويجهو."
(شوريٰ-١٣)

انا اوحينا اليک کما اوحينا .....

"(اي پيغمبر!) اسان توکي اهڙي طرح وحي جي ذريعي مخاطب ڪيو آهي جهڙي طرح نوح کي ڪيو هو، ۽ انهن (سيني نبين کي ڪيو هو) جيڪي نوح کان بعد آيا ۽ جهڙي طرح ابراهيم، اسماعيل، اسحاق، يعقوب، اولاد يعقوب، عيسيٰ، ايوب، يونس، هارون، سليمان وغيره کي مخاطب ڪيو ۽ داؤد کي زبور عطا ڪيو. ان کان علاوه اهي رسول جن مان ڪجهہ جو احوال اوهان کي پهريون ٻڌائي آيا آهيون ۽ ڪجهہ اهڙا آهن جن جو احوال توهان کي ٻڌايل ناهي."(١٦٣-١٦٤)

سورت انعام جي رڪوع ڇهين ۾ پوين رسولن جو ذڪر ڪندي قرآن هنن لفظن ۾ پيغمبر اسلام کي مخاطب ٿيو آهي:

اولٰئک الذين هدي الله .....

"هي اهي ئي ماڻهو آهن جن کي الله تعاليٰ حق جو رستو ڏيکاريو، پوءِ (اي پيغمبر) تون بہ انهن جي هدايت جي پيروي ڪر." (انعام-٩٠)

سيني مذهبن جي بانين پاران پيروڪارن کي هڪ ئي واٽ تي وٺڻ جي لاءِ قرآن تصديق مٿان تصديق ٿو ڪري ۽ ان جي ورتل واٽ کي حق جي واٽ ٻڌائي ٿو:

قل امنا بالله وما انزل علينا .....

"(اي پيغمبر) چؤ تہ (اسان جو طريقو تہ هي آهي جو) اسان الله تي ايمان آندو آهي ۽ جيڪو ان اسان تي نازل ڪيو آهي ان تي ايمان آندو آهي، ۽ جيڪو ڪجهہ ابراهيم، اسماعيل، اسحاق،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يعقوب ۽ اولاد يعقوب تي نازل ٿيو. انهن سڀني تي ايمان رکون ٿا. اهڙي طرح جيڪو ڪجهه موسيٰ ۽ عيسيٰ ۽ دنيا جي سڀني نبين کي انهن جي پالڻهار کان مليو آهي، سڀني تي اسان جو ايمان آهي. اسان انهن مان ڪنهن هڪ کي به ٻئي کان جدا نٿا ڪريون (جو هڪ کي مڃون ۽ ٻين کي نه مڃون) ۽ اسان الله جا فرمانبردار آهيون (جو ان جي سچائي جتان به ۽ جنهن جي واتان به ملندي ان تي اسان جو ايمان آهي.)"
(آل عمران-۸۴)

مٿئين آيت ۾ هي لفظ ته اسان انهن (سولن) مان ڪنهن هڪ کي به جدا نٿا ڪريون". قرآن ۾ ڪيترن هنڌن تي آيا آهن. جنهن جو مقصد آهي ته هڪ رسول کي ٻئي رسول کان برتر سمجهڻ يا هڪ کي پيغمبر سمجهڻ ۽ ٻئي کي برحق نه سمجهڻ جي رجحان کان انڪار ڪيو ويو آهي. قرآن چوي ٿو ته هر انسان کي جيڪو خدا جي سچي دين تي هلڻ گهري ٿو، مٿس فرض آهي ته بنا ڪنهن فرق جي سڀني رسولن ۽ انهن تي نازل ڪيل سڀني صحيفن تي ۽ انهن جي بنيادي صداقتن تي ايمان آڻي ۽ اها سچائي جتان به ظاهر ٿيل هجي ۽ جنهن ٻوليءَ ۾ به ظاهر ٿي هجي ان کي قبول ڪري.

امن الرسول بما انزل اليه من .....

"الله جو رسول (انهيءَ ڪلام حق) تي يقين رکي ٿو جيڪو ان جي پروردگار جي طرف کان ان تي نازل ٿيو آهي ۽ اهي ماڻهو به يقين رکن ٿا جن ايمان آندو آهي. هي سڀئي الله تي، ان جي ملائڪن تي، ان جي ڪتابن تي، ان جي رسولن تي ايمان رکن ٿا. (انهن جي ايمان جو عملي دستور هي آهي جو هو چون ٿا) اسان الله جي رسولن مان ڪنهن کي به ٻئي کان جدا نٿا ڪريون (جو ڪنهن کي مڃون ۽ ڪنهن کي نه مڃون) انهن چيو ته (اي مالڪ!) اسان تنهنجو پيغام ٻڌو ۽ تنهنجي فرمانبرداري ڪئي. اسان کي تنهنجي بخشش نصيب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿئي. اسان سڀني کي آخرڪار توڏانهن ئي موٽڻو آهي."
(بقره-٢٨٥)

قرآن چوي ٿو ته خدا جي سچائي ان جي عالمگير بخشش آهي. جيڪا نه ڪنهن خاص نسل ۽ قوم سان سلهاڙيل آهي نه ڪنهن خاص مذهبي گروهه بنديءَ سان ۽ نه ڪنهن خاص زبان ۾ ان جو نزول ٿيو آهي. انسان پنهنجي لاءِ جاگرافيائي ۽ نسلي حدبنديون قائم ڪري ڇڏي ٿو، ليڪن خدا جي سچائي کي ائين حدبندين سان ورهائي نه ٿو سگهجي. انهيءَ سچائيءَ جي نڪا قوميت آهي، نه نسل، نه جاگرافيائي خطا ۽ نه جماعتي حلقه بندي. اها خدا جي خلقيل سج وانگر، ڌرتيءَ جي هر حصي تي روشني ڦهلائي ٿي ۽ هر هڪ کي هڪجهڙي روشني بخشي ٿي. اها هر هنڌ پڌري آهي ۽ هر عهد ۾ ظاهر رهي ٿي. خدا جي سچائي جتان به مليوَ ۽ جهڙي ويس ۾ مليوَ، انسان جو وڏو اثاثو آهي ۽ انسان ان جو وارث آهي.

قرآن هر هنڌ رسولن جي وچ ۾ تفريق جي وات کي خدا جي دين کان انڪار جي وات قرار ڏنو آهي. تنهن ڪري انسان لاءِ به ئي رستا آهن. هڪ سڀني نبين جي مڃڻ جو رستو ۽ ٻيو سڀني کان انڪار جو رستو. ٽيون ڪو به رستو ڪونهي. ڪنهن هڪ رسول جو انڪار به سڀني جي انڪار جو حڪم رکي ٿو.

ان الذين يڪفرون بالله ورسوله .....

"جيڪي ماڻهو الله ۽ ان جي رسول کان ترڙيل آهن ۽ چاهن ٿا ته الله ۽ ان جي رسولن ۾ تفرقو ڪن (يعني ڪنهن کي خدا جو رسول مڃن ۽ ڪنهن کي نه مڃن) ۽ چون ٿا انهن مان اسان ڪن کي مڃون ٿا ۽ ڪن کي نٿا مڃون، اهي اهڙي طرح چاهن ٿا ته ڪفر ۽ ايمان جي وچئون ڪو ٽيون رستو اختيار ڪن. پر پڪ ڄاڻو سي ئي ماڻهو آهن جن جي ڪفر ۾ ڪو شڪ ئي ڪونهي. ۽ جن ماڻهن جي ڪفر واري وات آهي ته انهن جي لاءِ خوار ڪندڙ عذاب تيار آهي. ليڪن جن ماڻهن الله ۽ ان جي سڀني پيغمبرن تي ايمان آندو ۽ (ڪنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ پيغمبر کي بہ ٻين کان جدا نہ ڪيو) تہ بيشڪ اهي ئي ماڻهو آهن جن کي سگهوئي الله ان جو صلو عطا فرمائيندو ۽ اهو وڏو بخشڻهار ۽ مهربان آهي.”(نساءَ-١٥٠-٥٢)

سورت بقره ۾ جيڪا قرآن جي ٻي سورت آهي. سچن مومنن جي واٽ ٻڌائي وئي آهي:

والذين يومنون بما انزل اليڪ وما...

”۽ اهي ماڻهو جن سچائيءَ تي ايمان آندو جيڪا پيغمبر اسلام تي نازل ٿي آهي ۽ انهن سڀني سچاين تي جيڪي انهيءَ کان پهريون نازل ٿي چڪيون آهن ۽ اهي آخرت جي زندگيءَ تي بہ يقين رکن ٿا. اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي پالڻهار جي بيهاريل هدايت تي آهن ۽ اهيئي آهن جيڪي ڪامياب ٿيا.” (بقره-۴، ۵)

قرآن انهيءَ ڳالهہ تي تعجب جو اظهار ڪري ٿو تہ اهي ماڻهو جيڪي اهي ايمان رکن ٿا تہ الله سڄي ڪائنات جي هستيءَ جو خالق آهي ۽ ان جي پالڻهاري هر مخلوق جي پرورش ڪري رهي آهي، اهي پوءِ بہ انهيءَ ڳالهہ جو انڪار ٿا ڪن تہ ان جو ڏنل سچائيءَ جو قانون بہ هڪ آهي ۽ ساڳي حيثيت ۾ سموري انسانذات کي ڏنو ويو آهي:

قل يا هل الڪتاب هل تنقمون .....

”انهن ماڻهن کي چؤ تہ اي اهل ڪتاب! توهان جو اسان جي مخالفت تي سندرو ٻڌي بيهي رهيا آهيو تہ ٻڌايو تہ انهيءَ ڪانسواءِ اسان جو ڏوهہ ڪهڙو آهي جو اسان الله تي ايمان آندو آهي ۽ جيڪو ڪجهہ اسان تي نازل ٿيو آهي ۽ ان کان اڳ نازل ٿيل آهي ان تي ايمان رکون ٿا (پوءِ ڇا خدا پرستي) ۽ خدا جي سڀني رسولن جي تصديق ڪرڻ توهان جي ويجهو جرم ۽ عيب آهي. (افسوس آهي توهان تي جو) توهان مان اڪثر حق جي واٽ کان ٿڙي ويا آهن.” (مائده-٥٩)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وان الله ربي و ربڪم فاعبدوه هذا صراط مستقيم.

”۽ ڏسو خدا منهنجو ۽ توهان جو پالڻهار آهي پوءِ ان جي بندگي ڪريو. اهائي دين جي سڌي واٽ آهي.“ (مريم-٣٦)

قل اتحاجوننا في الله وهو ربنا .....

”(اي پيغمبر انهن کي) چئو ته ڇا توهان خدا جي باري ۾ اسان سان جهڳڙو ڪريو ٿا. حالانڪ اهو اسان ۽ توهان ٻنهي جو پالڻهار آهي. اسان جي لاءِ اسان جا عمل آهن ۽ توهان جي لاءِ توهان جا عمل (يعني هر انسان کي ان جي عمل جو نتيجو ملي ٿو پوءِ انهيءَ باري ۾ جهڳڙو ڇو ٿا ڪريو.) [1] (بقره ١٣٩)

انهيءَ موقعي تي هي ڳالهه توجه جهڙي آهي ته مٿين آيتن ۾ جتي ٻه اهڙي طرح جا خطاب آهن. جيئن ان الله ربي وربڪم (الله اسان ۽ توهان ٻنهي جو پالڻهار آهي.) الـهنا والـهڪم واحد (اسان ۽ توهان ٻنهي جو خدا هڪ ئي آهي.) ولنا اعمالنا ولڪم اعمالڪم (اسان جي لاءِ اسان جا عمل آهن ۽ توهان جي لاءِ توهان جا عمل.) انهيءَ قسم جي ڪيل سيني خطابن مان قرآن جو مقصد انهيءَ حقيقت تي زور ڏيڻ آهي ته سيني جو پالڻهار هڪ ئي آهي ۽ هر انسان جي لاءِ اهوئي نتيجو آهي جهڙو ان جو عمل آهي. انهيءَ ڪري قرآن پڇي ٿو ته پوءِ خدا ۽ مذهب جي نالي تي هي عالمگير محاذ آرائي ۽ مارڪٽ ڇو متل آهي. قران بار بار چئي ٿو ته ان جي تعليم انهيءَ ڪان سواءِ ڪجهه ناهي ته انسان کي خدا پرستي ۽ نيڪ عمليءَ جي طرف سڏيو وڃي. هو ڪنهن مذهب کي ڪوڙو نٿو سڏي ۽ نه ڪنهن مذهب جي بانيءَ جو انڪار ڪري ٿو. هو سيني مذهب جي بانين جي هڪ جهڙي تصديق ڪري ٿو. سيني جي مشترڪ تعليم ان جو قاعدو ۽ اصول آهي. جڏهن ان جو پيغام اهو آهي ته پوءِ قرآن پڇي ٿو ته

(١) (قرآن پنهنجي پالڻهار ۽ معبود هڪ هئڻ جي واسطي سان ٻين مذهب وارن جي روين تي افسوس ٿو ظاهر ڪري ۽ هينئر ته ساڳي پالڻهار ۽ معبود ۽ ساڳي نبيءَ ۽ قرآن کي مڃيندڙن جيڪي تفرقا ڪري محاذ ۽ مهاڏا اٽڪائي ويٺا آهن تن تي قرآن جي تنبيهه ۽ ڦٽڪار ڇا هوندي؟ ڪاش! اسان جي انهن فرقن کي اها ڦٽڪار نظر اچي. (سنڌيڪار)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻين سيني مذهب جي پيروڪارن جو ان جي مخالفت تي سندرو ٻڌو آهي.

قرآن ڪڏهن به ڪنهن مذهب جي پيروي ڪرڻ وارن کان هي مطالبو نه ڪيو آهي ته ان کي نئين دين جي طور تي مڃيو وڃي، بلڪ هو کين چئي ٿو ته پنهنجي پنهنجي مذهب جي حقيقي تعليم تي، جنهن کي انهن طرح طرح جي تحريفن ۽ اضافن سان بگاڙي ڇڏيو آهي. ان جي اصل تي سچائيءَ سان ڪاربند ٿي وڃن. هو چوي ٿو ته جيڪڏهن هنن ائين ڪري ورتو ته سندس مقصد پورو ٿي ويندو. ڇاڪاڻ ته جيئن ئي هو پنهنجي مذهب جي حقيقي تعليم طرف موٽندا. سندن سامهون اهائي حقيقت موجود هوندي، جنهن طرف قرآن سڏي ٿو. قرآن هيڪر وري چوي ٿو ته انجو پيغام ڪو نئون پيغام نه آهي بلڪ اهوئي قديم پيغام آهي جيڪو سيئي مذهبن جا باني ڏئي چڪا آهن:

قل يا اهل الكتاب .....

"اي اهل ڪتاب! جيستائين تورات، انجيل ۽ انهن سيني صحيفن تي جيڪي توهان تي نازل ٿيا آهن حقيقي ايمان قائم نه ڪيو تيستائين توهان وٽ دين مان ڪجهه به ناهي. ۽ اي پيغمبر! پالڻهار جي طرفان جيڪو ڪجهه توتي نازل ٿيو آهي. بجاءِ ان جي ته هي ماڻهو ان مان هدايت حاصل ڪن. تون ڏسندين ته انهن مان گهڻن جو ڪفر ۽ سرڪشي اڃان به وڌي وڃي ٿي. سو جن ماڻهن حق کان انڪار جي واٽ ورتي آهي تون انهن جي حالت تي افسوس نه ڪر. جيڪي ماڻهو توتي ايمان آڻي ٿا. يا اهي ماڻهو جيڪي يهودي ۽ صابي آهن يا عيسائي آهن يا ڪير به هجن. جنهن به الله تي ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان آندو ۽ ان جا عمل به سلڇڻا ٿيا ته انهن جي لاءِ ڪو به خوف ۽ غمگيني ڪونهي. (اهي انتهائي اطمينان ۽ امن جي زندگي گذاريندا)" (مائده-٦٨.٦٩)

اهو ئي سبب آهي جو قرآن انهن سڀن ۽ ايماندار ماڻهن جي ايمان ۽ عمل جو پوري فراخدليءَ سان اعتراف ڪيو آهي، جيڪي قرآن جي نازل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيڻ واري زماني ۾ مختلف مذهبن اندر موجود هئا ۽ جن پنهنجي مذهبن جي حقيقي روح کي ضايع نہ ڪيو هو. البتہ قرآن ٻڌائي ٿو تہ اهڙن ماڻهن جو تعداد گهٽو گهٽ آهي ۽ وڌيل تعداد اهڙن ماڻهن جو آهي جيڪي پنهنجي حقيقي مذهب جي واٽ کان منحرف ٿي ويا هئا.

ليسوا سواءً من اهل الڪتاب امتہ .....

"ائين بہ ڪونهي جو سڀ هڪجهڙا هجن. انهن اهل ڪتاب مان اهڙا ماڻهو بہ آهن جيڪي اصل دين تي قائم آهن. اهي راتين جو اٿي الله جي ڪلام جو مطالعو ڪن ٿا ۽ سندن نرڙ ان جي فرمانبرداريءَ ۾ جهڪيل رهن ٿا. اهي الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکن ٿا. نيڪيءَ جو حڪم ڏين ٿا ۽ برائيءَ کان روڪين ٿا. انسانذات جي ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ تيزي سان قدم کڻن ٿا، ۽ بيشڪ اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي نيڪ انسانن مان آهن. ۽ ياد رکو تہ هي ماڻهو جيڪو ڪجھ ڪن ٿا، ائين هرگز نہ ٿيندو تہ سندن قدر نہ ڪيو وڃي. اهو الله چاڻي ٿو تہ (ڪهڙي گروهہ ۾ ڪهڙو) پرهيزگار آهي." (آل عمران-١١٣، ١١٥)

منهم امتہ مقتصده وڪثير...

انهن ۾ هڪ گروهہ اهڙن ماڻهن جو بہ آهي جيڪي وچٿرائيءَ چڱي واٽ تي هلندڙ آهن. ليڪن وڌو تعداد اهڙن ماڻهن جو آهي جيڪي جو ڪجھ بہ ڪن ٿا سا سراسر بڇڙائي آهي." (مائده-٦٦)

قرآن جيڪو هر هنڌ انهيءَ ڳالھ تي زور ٿو ڏئي تہ اهو پوين آسماني ڪتابن جي تصديق ڪرڻ وارو آهي، انهن کي ڪوڙو سڏڻ وارو ناهي ۽ انهن ڪتابن جي پيروڪارن کي چوي ٿو تہ قرآن تي ايمان آڻيو، تہ انهيءَ مان مقصد بہ هن حقيقت تي زور ڏيڻ آهي تہ ايمان ۽ مقدس سبقن جي خلاف قرآن ڪوبہ نئون دين پيش نہ ٿو ڪري ۽ نہ هي ٿو گهري تہ پنهنجي دين کان ڦري وڃو. بلڪ قرآن تہ حقيقت ۾ انهن کي پنهنجي پنهنجي دين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي مضبوط جميل رهڻ جي تاڪيد ڪري ٿو. ۽ انهيءَ ڪري تعجب وچان پڇي ٿو ته ”پوءِ اهي ڇو قرآن خلاف اعلان جنگ ڪن ٿا يا انهيءَ سان جهيڙي ۾ اچن ٿا؟ اهوئي سبب آهي جو قرآن نيڪيءَ واسطي معروف جو ۽ برائيءَ واسطي منڪر جو لفظ استعمال ڪيو آهي.

وامر بالمعروف انه عن المنكر (لقمان-١٧)

معروف جو لفظ ”عرف“ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڄاتل سڃاتل ڳالھ ڪي سڃاڻڻ. ۽ ”منڪر“ جي معنيٰ آهي اهڙي ڳالھ جنهن کان عام طور تي انڪار ڪيو ويو هجي. قرآن انهن لفظن کي خاص طور تي انهيءَ لاءِ اختيار ڪيو آهي جو انسانن جي فڪر ۽ عقيدن ۾ توڙي جو ڪيترن ئي قسمن جا اختلاف ڇو نه پيدا ٿين پر پوءِ به ڪجھ ڳالهيون اهڙيون آهن جن جي سڀني هجڻ تي سڀئي متفق آهن يا جن جي بري هئڻ تي سڀني جو اتفاق آهي. مثلاً انهيءَ ڳالھ ۾ سڀئي متفق آهن ته سچ ڳالهائڻ سنو آهي ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ برو آهي. هن ڳالھ تي سڀني کي اتفاق آهي ته ديانتداري سٺي ڳالھ آهي ۽ بدديانتي بڇڙائي آهي. هن تي به ڪنهن کي اختلاف ناهي ته ماءُ پيءُ جي خدمت، پاڙيسريءَ سان چڱو سلوڪ، مسڪينن جي سارسنڀال ۽ مظلومن جي مدد سٺيون ڳالهيون آهن ۽ انهن جي باري ۾ ڪوبه مختلف نظريو نٿو رکي. دنيا جا سڀئي اخلاق، دنيا جون سڀئي حڪمتون ۽ دنيا جون سڀ جماعتون ٻين ڳالهين ۾ ڪيترو به اختلاف رکنديون هجن، ليڪن جيستائين انهن سنائين جو تعلق آهي سڀئي ٻٽ ۽ هڪ راءِ جون آهن. انهيءَ ڪري قرآن چوي ٿو ته جڏهن اهو معروف ”چڱاين جو حڪم“ ۽ منڪر ”مداين کان منع“ ٿو ڪري ته پوءِ سندس مخالفت ڇو؟“

## فطرت الله

قرآن چوي ٿو ته اهائي عمل جي واٽ آهي جيڪا ان مقرر ڪئي آهي. ٻين فطرت جي قانونن وانگر انسانذات لاءِ به هڪ فطرت جو قانون آهي. جيڪڏهن توهان انهيءَ مان فيض حاصل ڪرڻ گهرو ٿا ته انهيءَ تي هلو. هي خدا جو بيهاريل رستو ئي فطري دين آهي. هي اهڙو قانون آهي جنهن ۾ ڪنهن جي لاءِ تبديلي نٿي ٿئي. اهڙو دين آهي جنهن کي سيني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نبين اختيار ڪيو ۽ تبليغ جو هي اهو مذهب آهي جنهن کي قرآن "اسلام" جو نالو ڏئي ٿو. يعني خدا جي بيهاريل قوانين حيات جي فرمانبرداريءَ جو رستو.

فاقم وجهڪ للدين حنيفاً .....

"توهان هر پاسي کان منهن موڙي "الدين" جي طرف رخ ڪريو. اها ئي خدا جي جوڙ آهي جنهن تي هن انسان کي پيدا ڪيو آهي. الله جي جوڙ ۾ ڪڏهن تبديلي ٿي نٿي سگهي. اهو ئي "الدين القيم" يعني سڌو ۽ سچو دين آهي. ليڪن اڪثر ماڻهو (ان جي حيثيت کي) نٿا ڄاڻن. (ڏسو) انهيءَ (هڪ خدا) جي طرف متوجہ رهو. انهيءَ جي نافرمانيءَ کان بچو. نماز قائم ڪريو ۽ مشرڪن مان نہ ٿيو. جن پنهنجي دين کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو ۽ گروهه بنديءَ ۾ ورهائجي ويا ۽ هر گروهه وٽ جيڪو ڪجهه آهي انهيءَ تي فخر، ناز ۽ خوشيون ڪري رهيا آهن (۽ خدا جي حڪمن تي عمل ڪرڻ ڇڏي ڏنو اٿن.)" (روم-٣٠، ٣٢)

هي اهو اسلام آهي جنهن جو پيغام زمانن کان سيئي نبي سڀگورا ڏيندا آيا آهن. اهو ئي سچو دين يا خدا جي طئہ ڪيل واٽ آهي. قران انهيءَ کي سورت فاتحہ ۾ صراط مستقيم سڏيو آهي، جنهن تي هلي ڪري فرد يا جماعتون زندگيءَ ۾ ڪاميابي يا نيڪي ماڻين ٿيون. يعني قرآن جي لفظن ۾ انهن کي خدا جو انعام حاصل ٿيندو آهي ۽ انهيءَ واٽ کان منحرف ٿيڻ وارا نابود ٿي وڃن ٿا يا خدا جو انهن تي غضب نازل ٿئي ٿو. جيڪڏهن اهي مختلف گروهه جن ۾ انسانذات پنهنجو پاڻ کي ورهائي ڇڏيو آهي، خدا پرستي ۽ نيڪ عمليءَ جي واٽ تي موٽي اچڻ تي آماده ٿي وڃن ۽ زماني جي رفتار انهن اصولن ۾ جيڪا ترڙائي ۽ گمراهي پيدا ڪري ڇڏي آهي، ان کان پاسيرا ٿي وڃن تہ قرآن جو مقصد پورو ٿي وڃي ٿو، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ کان سواءِ قرآن جو ڪو ٻيو مقصد آهي بہ ڪونہ:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان الدين عندالله الاسلام وما .....

"الله وٽ دين هڪ ئي آهي ۽ اهو اسلام آهي ۽ هي جيڪو اهل ڪتاب اختلاف ڪيو ۽ هڪ دين تي ڪنو رهڻ جي بجاءِ يهوديت ۽ نصرانيت جي گروهه بندين ۾ ورهائجي ويا. هي انهيءَ لاءِ ٿيو ته تورڙي جو علم ۽ حقيقت جي واٽ انهن تي چٽي ٿي هئي. ليڪن هڪ ٻئي سان ضد ۽ سرڪشيءَ جي ڪري اختلافن ۾ پئجي ويا. ۽ ياد رکو ته جيڪو به الله جي آيتن کان انڪار ڪري ٿو ته الله جو قانون مڪافات به حساب وٺڻ ۾ سست ڪونهي. پوءِ جيڪڏهن هي ماڻهو توسان انهيءَ باري ۾ ڦڏو ڪن ته تون چئو ته منهنجي ۽ منهنجي پيروڪارن جي واٽ آهي الله جي اڳيان اطاعت جو سر نوائڻ ۽ اسان اهو نوائي ڇڏيو آهي. پوءِ اهل ڪتاب کان ۽ انڻ پڙهيلن کان (يعني عرب جي مشرڪن کان) پڇ ته توهان به الله جي اڳو جهڪو ٿا يا نه (يعني سموريون ڳالهيون جهڳڙي جون ڇڏي ڏيو ۽ هي ٻڌايو ته خدا پرستي منظور آهي يا نه؟ جيڪڏهن هو مڃن ٿا ته سڄو جهڳڙو ختم ٿي ويو ۽ انهن حق جي مڃي. ۽ جيڪڏهن ڪنڌ ڪڍايائون ته پوءِ تنهنجي ذمي جيڪو ڪجهه آهي سو حق جو پيغام پهچائڻ آهي. ۽ الله جي نظرن کان ٻانهن جو حال لڪل ڪونهي." (آل عمران-١٩-٢٠)

قرآن چوي ٿو ته دين جي حقيقت هي آهي ته خدا جيڪو قانون فطرت انسان جي لاءِ ٺهه ڪيو آهي، ان جي پوري پوري اطاعت ڪئي وڃي. حقيقت ۾ سموري ڪائنات هستي انهيءَ اصول تي قائم آهي جيڪڏهن تخليق جو جهان ذرو به انهيءَ رستي کان منهن موڙي ته هستيءَ جو سمورو نظام ڊانوانڊول ٿي وڃي.

افغير دين الله يبغون .....

"وري هي ڇا ٿا گهرن ته الله جو ٺهه ڪيل دين ڇڏي ڪو ٻيو دين ڳولهي وٺن. حالانڪ آسمان ۽ زمين ۾ جيڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھ آهي سو پاڻ يا مجبوريءَ سان انهيءَ جي طئہ ڪيل قانون عمل جي آڌو جهڪيل آهي ۽ آخرڪار سيني کي انهيءَ طرف موٽڻو آهي.

جڏهن قرآن چوي ٿو تہ ”الاسلام“ يا الله جي آڏو اطاعت جو سر نوائڻ جي واٽ ئي خدا جو دين آهي ۽ هر رسول انهيءَ دين جي تبليغ ڪئي آهي تہ انهيءَ جو مطلب ٿيو تہ ان ڪان علاوه ٻيو ڪوبہ دين يا رستو) گروهہ بندي يا تفرقي بازي تي ٻيٺل هوندو ۽ خدا جو عالمگير دين نہ هوندو:

ومن يتبع غير الاسلام دينا .....

”۽ جيڪو بہ دين اسلام کانسواءِ (جو سيني نبين جي تصديق ۽ پيرويءَ جو دين آهي) ڪو ٻيو دين طلبيندو تہ ياد رکو. ان جي واٽ بہ قبول نہ ڪئي ويندي ۽ آخرت ۾ هو انهن ماڻهن مان هوندو. جيڪي تباهہ ۽ نامراد ٿيا.“(آل عمران-٨٥)

اهو ئي سبب آهي جو قرآن سيني پيروڪارن کي وري وري تنبيهہ ڪئي آهي تہ دين ۾ تفرقي بازي ۽ گروهہ بنديءَ کان بچن. ۽ انهيءَ گمراهيءَ ۾ نہ ڦاٿجن جنهن کان قرآن نجات ڏياري آهي. قرآن چوي ٿو تہ منهنجي دعوت انهن سيني انسانن کي: جيڪي مذهب جي نالي تي هڪ ٻئي جا دشمن ٿي رهيا هئا، تن کي خدا پرستيءَ جي واٽ ۾ اهڙي طرح جوڙي ڇڏيو جو هڪ ٻئي کان نفرت ڪرڻ وارا هڪ ٻئي جا جانثار بنجي پيا. يهودي، عيسائي، مجوسي ۽ صابي، انهن سيني کي قرآن جي دعوت هڪ صف ۾ بيهاري ڇڏيو ۽ هاڻي هي سڀ هڪ ٻئي جي مذهبي بانين جي تصديق پيا ڪن:

واعتصموا بحبل الله جميعاً.....

”۽ سيئي ملي الله جي رسيءَ کي مضبوطيءَ سان پڪڙيو ۽ جدا جدا نہ ٿيو. الله توهان تي فضل ۽ ڪرم ڪيو آهي، انهيءَ کي ياد رکو. توهان جو حال اهو هو جو هڪ ٻئي جا دشمن بڻيا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بينا هيئو. پوءِ الله اوهان جي دلين ۾ الفت پيدا ڪئي. پوءِ ائين ٿيو جو ان جي فضل ۽ نعمت سان هڪ ٻئي جا ڀائر ٿي ويئو. توهان جي حالت ته هي هئي جو توهان باهه سان ڀريل اونهي کڏ جي ڪناري تي بيٺا هيئو، پر الله تعاليٰ اوهان کي بچائي ورتو. الله اهڙي طرح پنهنجي ڪارفرماين جون نشانيون توهان تي چٽيون ڪري ٿو ته جيئن هدايت ماڻيو."
(آل عمران-١٠٣)

ولا تڪونوا ڪالذين تفرقوا .....

"۽ ڏسو انهن ماڻهن جي هلت اختيار نه ڪجو (جيڪي هڪ دين تي قائم رهڻ بجاءِ) ٽولا ٽولا ٿي اختلاف ۾ پئجي ويا. توڙي جو روشن دليل انهن جي سامهون آيا. (ياد رکو) اهي ئي ماڻهو آهن جن جي لاءِ (ڪاميابي ۽ ڇوٽڪاري جي جاءِ تي) وڏو عذاب آهي." (آل عمران-١٠٥)

وان هـٰذا صراطي مستقيما .....

"۽ اها ئي (خدا پرستي ۽ نيڪ عمليءَ جي) واٽ منهنجي ٻيهاريل سڌي واٽ آهي پوءِ انهيءَ هڪ واٽ تي هلو ۽ طرح طرح جي واٽن پٺيان نه پئو، اهي توهان کي خدا جي رستي کان هٽائي جدا جدا ڪري ڇڏينديون. اهائي ڳالهه آهي جنهن جو خدا توهان کي حڪم ڏئي ٿو، تان ته توهان نافرمانيءَ کان بچو." (انعام-١٥٤)

## قرآن سان جهڳڙي جو ڪارڻ

هينئر ٿورو انهيءَ جهڳڙي جي نوعيت کي ڏسو جيڪو پيغمبر جي زماني ۾ قرآن ۽ ان جي انهن مخالفن جي وچ ۾ پيدا ٿي پيو هو جيڪي عرب ۾ جاري ٻين مذهبن جا پيروڪار هئا. انهن مان ڪن وٽ آسماني صحيفا به هئا. سوال هي آهي ته ڇا قرآن انهن مقدس صحيفن جو انڪار ڪيو هو؟ ڇا قرآن هي دعوي ڪئي هئي ته خدا جي سچائيءَ جو اهئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علمبردار آهي تنهن ڪري ماڻهن کي گهرجي ته پنهنجي پنهنجي نبين کان بيزار ٿي وڃن؟ ڇا قرآن ڪا اهڙي نئين ۽ عجب جهڙي ڳالهه اڳيان رکي هئي جنهن جي مڃڻ ۾ قدرتي طور تي هنن کي هٻڪ پئي ٿي؟ حقيقت هي آهي ته انهن ڳالهين مان ڪابه ڳالهه نه هئي. قرآن نه صرف انهن سڀني مذهبن جي بانين جي تصديق ڪئي جن جا هو پيروڪار هئا. بلڪ صاف صاف لفظن ۾ هي به چيو ته مون کان پهريائين جيترا به پيغمبر اچي چڪا آهن مان سڀني جي تصديق ڪريان ٿو. ان ڪنهن به مذهب سان ڪو فرق ۽ امتياز قائم نه رکيو ۽ ڪنهن به مذهب جي مڃڻ واري کان هي مطالبو نه ڪيو ته هو پنهنجي مذهب جي دعوت کان انڪار ڪري. هٿيون هي چيو ته پنهنجي مذهب جي حقيقي تعليم يعني هڪ خدا تي ايمان ۽ نيڪ عمليءَ جي واٽ جي پوئواري ڪريو. ڇاڪاڻ ته سڀني مذهبن جو اصل اهوئي هو. قران نڪي حياتيءَ جا نوان اصول پيش ڪيا نڪي سڀني کان الڳ ٿلڳ عمل ٻڌايا. قرآن صرف انهن ڳالهين تي زور ڏنو جيڪي دنيا جي سڀني مذهبن جون سڀ کان وڏيڪ ڄاتل سڃاتل ڳالهيون رهيون هيون. يعني ايمان ۽ نيڪ عمل. ان جڏهن به ماڻهن کي پاڻ ڏانهن سڏيو ته اهوئي چيو ته پنهنجي پنهنجي مذهبن جي حقيقت کي نئين سر تازو ڪيو ۽ هڪ ٻئي سان رلي ملي رهو ۽ ائين ڪرڻ ئي جڙڻ ته قرآن جي پيغام کي قبول ڪرڻ هو.

پوءِ آخر قرآن جي مخالفت جو ڇا سبب هو. مڪي جي قريشن جي مخالفت انهيءَ ڪري هئي جو ان هر قسم جي بت پرستيءَ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ليڪن سوال هي آهي ته يهودين ڇو مخالفت ڪئي جيڪي بت پرست نه هئا ۽ عيسائي ڇو سينو تاڻي بيهي رهيا. توڙي جو انهن به ڪڏهن بت پرستيءَ جي حمايت نه ڪئي هئي. ڳالهه اصل ۾ هي هئي ته هر مذهب جي پيروڪارن جي خواهش هئي ته قرآن پنهنجي حريف مذهبن جي تعليم کي ڪوڙو سڏي ۽ ڇاڪاڻ ته ان ائين نه ڪيو هو. ان ڪري ڪوبه ڪانئس خوش ڪونه هو. بيشڪ يهودي انهيءَ ڳالهه کان ته خوش هئا ته قرآن حضرت موسيٰ جي تصديق ڪري پيو. پر ڇاڪاڻ ته هو گڏو گڏ حضرت مسيح جي به تصديق ڪري پيو. ان ڪري يهودين ان جي مخالفت ڪرڻ ضروري سمجهي. عيسائي انهيءَ ڳالهه تي خوش هئا جو قرآن حضرت مسيح جي ماءُ بيبي مريم جي پاڪائي ۽ صداقت جو اعلان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري پيو. ليڪن ڪانئس ناراض هئا ته قرآن هي به چئي ٿو ته نجات جو دارو مدار اعتقاد ۽ عمل تي آهي. ڪفاري ۽ پاڻي ڇڙڪڻ تي ڪونهي. عيسائين جي لاءِ اها ڳالهه ناقابل برداشت هئي. اهڙي طرح مڪي جي قريشن جي لاءِ انهيءَ ڪان وڌيڪ خوشي ٻي ڪا به نه ٿي سگهي ته قرآن حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسماعيل جي بزرگيءَ جو احترام ڪري پيو. ڇاڪاڻ جو هو انهيءَ جي نسل مان هئا. ليڪن هو به اها ڳالهه پنهنجي لاءِ ڳوري پيا سمجهن ته ابراهيم ۽ اسماعيل سان گڏ يهودي پيغمبرن جو به احترام ڪيو وڃي، جيڪي ان جي نسل مان نه هئا.

مختصر طور هي سمجهڻ گهرجي ته قرآن جا ٽي ڇٽا اصول اهڙا هئا جيڪي انوقت عرب ۾ مروج مذهبن جي پيروڪارن لاءِ ناراضگيءَ جو ڪارڻ بڻيا.

پهريون هي ته قرآن مذهبي گروهه بنديءَ جو مخالف هو ۽ ان دين وحدت جو اعلان ڪيو هو. انهيءَ ڳالهه ڪي مڃڻ معنيٰ ته اهو تسليم ڪرڻ ته دين جي سچائي ڪنهن به هڪ گروهه جي حصي ۾ ناهي آئي، بلڪ سڀني کي هڪجهڙائيءَ سان ملي آهي. ليڪن انهيءَ ڳالهه کي مڃڻ انهن جي گروهه پرستي تي وچ ڪرڻ وانگر هو.

ٻيو هي ته قرآن چوي پيو ته نجات ۽ سعادت جو دارو مدار اعتقاد ۽ عمل تي آهي. نسل ۽ قوم، گروهه بندي ۽ ظاهري رسمن رواجن تي ناهي. جيڪڏهن انهيءَ اصول کي هو تسليم ڪن پيا ته پوءِ ڇوٽڪاري جو دروازو بنا ڪنهن فرق جي سموري انسانذات لاءِ کلي پئي ويو ۽ اها ڳالهه تسليم ڪرڻ لاءِ هو تيار نه هئا.

ٽين ڳالهه هئي ته قرآن انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو پئي ته اصل دين خدا پرستي آهي. يعني ڪنهن وچين واسطي کان سواءِ سڌو سنئون هڪ خدا جي پوڄا ڪئي وڃي. ليڪن جيئن ته ان وقت جي مذهبن جي پيروڪارن خدا پرستيءَ جي نالي تي ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ شرڪ ۽ بت پرستيءَ جا طريقا اختيار ڪري ورتا هئا. توڙي جو هو اصل دين يعني سواءِ ڪنهن واسطي جي خدا جي عبادت واري ڳالهه جو انڪار نه پيا ڪن، ليڪن پنهنجي عزيز ۽ موروثي طريقن کان دستبردار ٿيڻ انهن کي دشوار پئي لڳو. انهيءَ ڪري ٽئي ڳالهيون انهن کي مخالفت تي آماده رکنديون ايون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بحث جو خلاصو

قرآن جي نازل ٿيڻ وقت مذهبي شعور مختلف قومن جي ٽوليءَ بازيءَ کان اڳتي نہ وڌيو هو. هر مذهبي گروهہ انهيءَ ڳالهہ جو دعويدار هو تہ صرف ان جو مذهب ئي سچو مذهب آهي ۽ جيڪو ماڻهو انهن جي مذهبي حلقي ۾ داخل آهي اهوئي نجات جو مستحق آهي. سچائيءَ جو معيار ۽ مذهب جي اصل حقيقت رڳو انهن جا ظاهري اعمال ۽ رسمون هيون. مثلاً عبادت جي شڪل. قربانين جون رسمون. ڪنهن خاص قسم جي طعام جو کارائڻ. يا ڪا خاص وضع قطع ۽ پوشاڪ اختيار ڪرڻ يا نہ ڪرڻ. ڇاڪاڻ تہ هي ظاهري عمل ۽ رسمون هر مذهب ۾ الڳ الڳ هيون، انهيءَ ڪري هر مذهب جو پيروڪار انهيءَ بنياد تي ٻئي مذهب جي پيروڪار کي سچائيءَ کان خالي سمجهندو هو. هر مذهبي گروهہ جي دعوي صرف هيءَ نہ هئي تہ هو سچائيءَ تي آهي بلڪ هيءَ بہ هئي تہ ٻئي گروهہ جو مذهب ڪوڙو آهي. انهيءَ رويي جو قدرتي نتيجو هي هو تہ خدا جي نالي تي نفرت، ويڙهہ ۽ خونريزي جي بازار گرم رهندي هئي.

قرآن دنيا جي سامهون سڀني مذهبن جي عالمگير وحدت جو اصول پيش ڪيو. ان چيو تہ جهڙي طرح فطرت جا قانون ڪائنات هستيءَ جي نظام کي برقرار رکن ٿا، اهڙي طرح زندگيءَ جو هڪ روحاني قانون بہ آهي جيڪو انساني حيات تي حاوي آهي ۽ هي قانون سڀني انسانن لاءِ ساڳيو ئي آهي. قرآن ٻڌايو تہ سڀ کان وڏي گمراهي جنهن ۾ انسانذات مبتلا ٿي، سا هئي تہ ان فطرت جي انهيءَ قانون کي فراموش ڪري ڇڏيو ۽ الڳ الڳ گروهہ بنديون ڪري ڇڏيون. زندگيءَ جي انهيءَ روحاني قانون يا دين الاهي جو اولين مقصد هي هو تہ انسانذات کي متحد رکي، ۽ منجهس تفرقو ۽ جهيڙو پيدا نہ ٿئي. ليڪن انسان جي سڀ کان وڏي بدقسمتي هي آهي تہ ان اتحاد جي هن هيڏي ساري مايا يعني مذهب کي تفرقي بازيءَ جو هٿيار بڻائي ڇڏيو. قرآن جي ظاهر ٿيڻ جو مقصد اصل مذهب ۽ ان جي ظاهري طور طريقن ۾ فرق ۽ امتياز ڪرڻ هو. اصل مذهب کي ان "دين" جي نالي سان سڏيو ۽ ٻي شيءِ کي "شرع ۽ منهاج" (طور طريقن) جو نالو ڏنو. دين هڪ ئي آهي ۽ هر زماني ۾ سڀني کي ساڳي طرح ڏنو ويو آهي. البتہ طور طريقن ۾ اختلاف آهي ۽ اهي اختلاف سامهون بہ اچن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليڪن طور طريقن جي اختلافن ڪري اصل دين مختلف نتا ٿي سگهن ۽ قرآن انهيءَ حقيقت تي پورو زور ڏنو آهي. قرآن جو شڪوو هي هو تہ دين کي فراموش ڪيو ويو آهي ۽ طور طريقن يا ظاهري رسمن کي اصل مقصد قرار ڏنو ويو آهي ۽ اهائي شيءِ انسانن جي پاڻ ۾ اختلافن جو بنياد بنجي وئي آهي.

قرآن نهايت واضح لفظن ۾ اعلان ڪيو تہ ان جي دعوت جو مقصد انهيءَ کان سواءِ ڪجھ بہ ناهي تہ سڀ مذهب سچا آهن ليڪن انهن مذهبن جا پيروڪار سچائيءَ کان منحرف ٿي ويا. جيڪڏهن اهي پنهنجي وساريل سچائي يعني اڪيلي خدا جي عبادت ۽ نيڪ عمليءَ جي واٽ کي وري اختيار ڪن تہ قرآن جو مقصد پورو ٿي وڃي ٿو. انهيءَ واٽ کي اختيار ڪرڻ جي معنيٰ هي آهي تہ انهيءَ واٽ تي هلڻ وارن جڻ قرآن قبول ڪري ورتو. سڀني مذهبن جي مشترڪ سچائيءَ کي قرآن "الدين" يا "الاسلام" جو نالو ڏنو آهي. هو چوي ٿو تہ خدا جو دين انهيءَ لاءِ ناهي تہ انسانن جي وچ ۾ تفريق پيدا ڪئي وڃي، بلڪ ان جي برعڪس قران جو مقصد آهي تہ سڀني انسانن جي وچ ۾ ڀائيچارو ۽ ويجهڙائي پيدا ٿئي ۽ سڀ هڪ ئي پروردگار جي عبديت واري رشتي سان ٻَڌجي ڀائپيءَ سان رهن.

مذهبي گروهہ بنديءَ جي لعنت اڄ بہ دنيا جي هر گوشي تي ڇانيل آهي. ليڪن انهيءَ لعنت کان نجات ڪهڙي طرح حاصل ڪئي وڃي؟ هيءَ خرابي انسانن ۾ انهيءَ لاءِ پيهجي وئي جو مذهب جو اصل روح نظرن کان لڪل رکيو ويو. هاڻي هي ڪم سڀني مذهبي گروهن جي پيروڪارن جو آهي تہ اهي پنهنجي وڃايل پيرن جا نشان وري ڳولهي وٺن ۽ هر مذهب جي بنيادي تعليم يعني "دين" جي رستي تي هلي پون. جيڪڏهن هي ڪم ٿي پوي تہ قران چوائي سڀ جهيڙا جهٽا ختم ٿي ويندا ۽ هر شخص هي محسوس ڪرڻ لڳندو تہ سڀني مذهبن جو رستو هڪ ئي آهي. يعني اهو هڪ ئي دين جيڪو سموري انسانذات جي لاءِ آهي جنهن کي قرآن "الاسلام" جو نالو ڏنو آهي. جنهن جو لفظي ترجمو آهي "امن ۽ سلامتيءَ جو رستو." خدا پرستي ۽ نيڪ عمليءَ جي هيءَ ئي واٽ آهي جنهن تي هلي انسانذات پاڻ ۾ هيڪڙائي جي تنل رشتن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوڙي سگهي ٿي. يا انهيءَ تصور کي وري زنده ڪري سگهجي ٿو ته سيني انسانن جو هڪ ئي پالڻهار آهي ۽ اسان سيني کي هڪ ٿي انهيءَ جي ٻانهپ ۾ اچڻ گهرجي ۽ انهيءَ جي اڳيان ئي سر نوائڻ گهرجي. تان ته انهيءَ سان اسان جا پاڻ ۾ سيئي جهيڙا جهٽا ختم ٿي وڃن جيڪي اسان پنهنجي هٺئون پيدا ڪري ورتا آهن.

قرآن ان لاءِ سڏي ٿو:

يا اهل الڪتاب تعالوا .....

"اي اهل ڪتاب! هن ڳالھ جي طرف اچو جيڪا توهان جي ۽ اسان جي وچ ۾ هڪجهڙي (تسليم) آهي. اها هي ته الله کان سواءِ اسان ڪنهن ٻئي جي عبادت نه ڪريون ۽ ڪنهن کي ان جو شريڪ نه ٺاهيون ۽ اسان مان ڪوبہ الله کان سواءِ ٻئي کي پنهنجو معبود نه ٺاهي." (آل عمران-٦۴)

انساني اجتماع کي متحد ڪرڻ لاءِ قرآن هڪ آفاقي اصول پيش ڪري ٿو. هي ممڪن ئي نه هو ته هڪ ئي قسم جي طور طريقن يا هڪ ئي قسم جي ضابطي ۽ قانون يا هڪ ئي عبادت جي طريقي سان سموري دنيا جي انسانن کي هڪ ئي رشتي ۾ ڳنڍيو وڃي ها. انهيءَ ڪري قرآن صرف انهيءَ ڳالھ جي دعوت ڏئي ٿو ته انساني رهڻي ڪهڻي کي اهڙي بنياد تي بيهاريو جو دنيا جون مختلف قومون ان اڪيلي خدا جي پرستش ڪندي هڪ ٻئي سان ڀائپي ۽ ويجهڙائيءَ جي رشتي ۾ ڳنڍجي رهي سگهن ۽ هڪ ئي خاندان جي ڀاتين وانگر نيڪ عمليءَ جي واٽ تي هلي زندگيءَ جو لطف ۽ فيضان حاصل ڪري سگهن. هڪ حديث ۾ انسانذات جي انهيءَ برادريءَ کي "هڪ خدا جو ڪٽنب" يا "ڌڻ" وانگر ليکيو ويو آهي، جنهن ۾ هر فرد جي حيثيت هڪ ٻئي جي لاءِ ڌنار جي هوندي ۽ هر هڪ پوري ڌڻ جي ڀلائي ۽ نگهبانيءَ جو ذميدار هوندو.

قرآن نازل ٿيڻ کي تيرهن سؤ سالن کان وڌيڪ عرصو ٿي چڪو، ليڪن قرآن جيڪو پيغام ان وقت ڏنو هو اڄ بہ اهو پنهنجي جاءِ تي قائم ۽ اٽل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اسلام جو پيغام

### عالمگير پيغام:

پيغمبرﷺ جي دعوت ڪنهن خاص قوم يا ملڪ لاءِ نہ هئي، بلڪ سموري انساني نسل جي لاءِ هئي. قرآن شريف جي سورت اعراف ۾ انهيءَ عالمگير دعوت جي پوري حقيقت واضح ٿيل آهي.

قل يا ايهاالناس اني رسول الله اليکم جميعا .....

”(اي پيغمبر) چؤ تہ اي انسانؤ! مان توهان سڀني ڏانهن خدا جي طرفان موڪليو ويو آهيان. اهو خدا جيڪو آسمانن ۽ زمينن جي بادشاهي رکي ٿو. ان جي ذات کان سواءِ ڪوبہ معبود (صاحب اقتدار) ڪونهي. اهو ئي جياري ٿو ۽ اهو ئي ماري ٿو. پوءِ الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو. اهو رسول جيڪو الله ۽ ان جي ڪلمات (سڀني ڪتابن) تي ايمان رکي ٿو. ان جي پيروي ڪيو تہ جيئن اوهان جي مٿان ڪاميابيءَ جي راهہ کلي وڃي.“ (اعراف ۱۵۸)

هتان واضح آهي تہ:

۱۔ هي پيغام هڪ جهڙائيءَ سان سموري انساني نسل جي لاءِ آهي.

۲۔ هي پيغام سڀني ٻڌن کي هڪ خدا جي جي آڏو جهڪيل ڏسڻ چاهي ٿو. جنهن کان سواءِ ڪوبہ معبود ڪونهي. يعني عبديت يا ٻانهپ جا سڀ حق الله جي لاءِ آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٣ـ الله تي ايمان ۽ ان جي ڪلمات يعني پوري وحي تي ايمان. هن پيغام جي تقاضا آهي.

الله جي رسول فرمايو:

"خدا مون کي توهان سڀني ڏانهن موڪليو آهي."

اهو خدا جنهن جي آسمانن ۽ زمينن منجهه سمورو نظام هستي انجي بادشاهي هيٺ آهي، يعني جڏهن سڄي ڪائنات جي هستيءَ ۾ هڪ خدا جي فرمانروائي آهي ته پوءِ ضروري آهي ته ان جو هدايت وارو پيغام به هڪ هجي ۽ اهو سڀني لاءِ هجي.

## زندگيءَ جو پيغام:

پيغمبر اسلامﷺ جي دعوت انهيءَ لاءِ هئي ته هو توهان ۾ زندگي پيدا ڪري. يعني اها دعوت انسانيت جي مٿاهين درجي کي ظاهر ڪرڻ ۽ ان کي قائم رکڻ لاءِ آهي. ٿورو غور ڪيو ته انهيءَ پيغام، وقت جي سڀني گمنام ۽ مئل ماڻهن کي ڪهڙي طرح قبرن مان اٿاري زندگيءَ جي ميدانن ۾ متحرڪ ڪري ڇڏيو هو. مئلن کي جيارڻ جو انهيءَ کان وڌيڪ انداز ڇا هوندو جو عرب جي بدوئن ۾ ابوبڪر، عمر، علي، عائشه، خالد، ابن ابي وقاص جهڙا اڪابر پيدا ٿيا ۽ پنجاهه سالن جي اندر عرب جا بڪرار ڌرتيءَ جي گولي تي سڀ کان وڌي ۽ مهذب قوم هئا.

## توحيد:

خدا کان سواءِ ڪوبه معبود ڪونهي. اهو سموري جهان جو مالڪ آهي. اهو ئي (حي ۽ قيوم) جيارينڌڙ ۽ سڀني شين کي سنڀاليندڙ آهي. ان جي مالڪيءَ کان ڪوبه گوشو ٻاهر ڪونهي. ان جي علم کان ڪابه شيءِ لڪل ۽ اوٽ ۾ ڪونهي. اهو غفلت کان آجو ۽ ويساري کان پاڪ آهي. جنهن هستيءَ جو اهڙيون صفتون هجن. ان جي سامهون ڪنهن جي ايلازن ۽ سفارش جي ڪهڙي گنجائش آهي. ان جي حڪمن ۽ قانونن ۾ ڪير آهي جيڪو دخل ڏيڻ جي جرئت ڪري سگهي؟

قرآن شريف ۾ "توحيد في الذات" سان گڏ "توحيد في الصفات" به ڪمال تي پهچائي وئي آهي. قرآن شريف ديني عقيدن ۾ عملن جو جيڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تصور قائم ڪي. ان جو سمورو بنياد رحمت ۽ محبت تي رکيو. قرآن شريف جي منڍ واري سورت فاتحہ ۾ الحمدللہ رب العالمين۔ الرحمان الرحيم سان ابتدا ڪئي وئي. سڀ ساراهون الله جي لاءِ آهن، جيڪو جهانن جو پالڻهار آهي. رب جي معنيٰ عربي لغت ۾ آهي، اهڙي طرح تربيت ۽ پرورش ڪرڻ وارو جو ڪنهن شيءِ جي سڀني لوازمات ۽ گهرجن کي پورو ڪري، درجي بہ درجي اڳتي وڌائيندو ان کي حد ڪمال تائين پهچائي. ربوبيت جي ان نظام ۾ حد درجي جي رحمت پالوٿ ٿيل آهي، جو هو سواءِ ڪنهن بہ فرق ۽ لحاظ جي سڀني لاءِ ٻاجهہ وارو ۽ رحيم آهي.

سورت فاتحہ ۾ ربوبيت ۽ رحمت جي صفتن کان پوءِ "مالڪ يوم الدين" چئي صفت عدالت جو ذڪر ڪري سڀني جلال جي صفتن کي عدالت جي ئي تابع رکيو. مالڪ يوم الدين يعني ان ڏينهن جو مالڪ آهي جنهن ڏينهن ڪيل ڪمن جو بدلو ماڻهن کي ڏنو ويندو. رب جي عدل وارين صفتن متعلق خوف ۽ دهشت جو تصور اصل ۾ جاهل ملن جو پيدا ڪيل آهي جو انهن ان کي قهر ۽ غضب وارو رنگ ڏنو آهي. حالانڪ عدل بہ خدا جي رحمت جي تقاضا آهي، ڇاڪاڻ تہ ميزان عدل قائم نہ رهي تہ نظام هستي ڊانوانڊول ٿي ويندو. ان ڪري صفات الاهي ۾ قهر ۽ غضب جي ڪابہ جڳهہ ڪونهي ۽ جيڪي اهڙيون صفتون بيان ڪيل آهن تہ اهي حقيقت ۾ ان عدل جي صفت جو ئي مظهر آهن.

توحيد في الصفات ۾ صرف توحيد تي ئي زور نہ ڏنو ويو آهي، بلڪ شرڪ جا بہ سڀ رستا بند ڪيا ويا آهن.

(الف) عبادت ۽ نوڙت جي مستحق صرف خدا جي ذات آهي، جيڪڏهن توهان ٻانهپ واري عجز ۽ نوڙت سان ڪنهن ٻي هستيءَ جي سامهون سِر جهڪايو تہ توحيد الاهي جو اعتقاد باقي نہ رهيو.

(ب) صرف خدا تعاليٰ جي ذات ئي انسان جي پڪار ٻڌي ۽ دعائون قبول ڪري ٿي. جيڪڏهن توهان دعائن ۽ التجائن ۾ ڪنهن ٻي هستيءَ کي شريڪ ڪيو تہ ڄڻ اوهان ان کي خدا جي خدائيءَ ۾ شريڪ ڪيو.

(ج) اهڙي طرح عظمت. وڏاين. ڪارسازين ۽ بي نيازين جو جيڪو عقيدو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيان ئي نہ ها (مگر ان جي مرضي اها ئي بيٺي تہ توهان ۾ ان جو ڪلام نازل ٿئي ۽ توهان کي اقوام عالم جي هدايت جو ذريعو بنائي) پوءِ ڳالھ اها آهي تہ مان هن معاملي (نبوت) کان اڳ ۾ توهان ماڻھن جي اندر هڪ پوري عمر گذاري چڪو آهيان. ڇو توهان سمجھ کان ڪم ئي نٿا وٺو؟ (يونس- ١٦)

هتي نبوت جي صداقت جو سڀ کان واضح ۽ وجداني دليل بيان ڪيل آهي تہ مان توهان ۾ ڪو نئون ماڻھو ڪونہ آهيان. جنهن جي فضيلتن ۽ حالتن جي توهان کي خبر نہ هجي. مان اوهان مان ئي آهيان ۽ وحي جي اعلان کان اڳ ۾ هڪ خاصي عمر توهان ۾ گذاري چڪو آهيان. چاليهن سالن جو عرصو انساني عمر جي پختگيءَ جو وڏو عرصو آهي. انهيءَ پوري عرصي ۾ منهنجي زندگي توهان جي اکين جي سامهون رهي. ٻڌايو تہ ان پوري عرصي ۾ ڪا هڪ ڳالھ بہ توهان سچائي ۽ امانت جي خلاف ڏٺي؟ پوءِ جيڪڏهن انهي سڄي عرصي ۾ مون کان هي نہ ٿي سگھيو تہ ڪنهن انساني مسئلي ۾ ڪوڙ ڳالهايان تہ ڇا ائين ٿي سگهي ٿو تہ هاڻي خدا تي بهتان هڻڻ لاءِ تيار ٿي وڃان ۽ ڪوڙ پچ ۾ چوان تہ مون تي ان جو ڪلام نازل ٿيو آهي؟ ههڙي سڌي سنئين ڳالھ بہ توهان سمجهي نہ ٿا سگهو.

اخلاقيات ۽ نفسيات جا سڀ عالم انهيءَ تي متفق آهن تہ انسان جي عمر ۾ ابتدائي چاليهن سالن جو زمانو ان جي اخلاق ۽ فضيلتن جي اپرڻ ۽ بنجڻ جو اصل زمانو هوندو آهي. جيڪو سانچو ان عرصي ۾ ٺُجي ويو اهو باقي زندگيءَ ۾ بدلجي نہ ٿو سگهي.

وري فرمايائون:

فمن اظلم ممن افتريٰ علي الله كذبا .....

”ٻڌايو تہ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿي سگھي ٿو، جيڪو پنهنجي من مان ڪوڙ ناهي الله تي مڙهي ۽ ان ماڻهوءَ کان بہ جيڪو الله جي آيتن کي نہ ڪرائي. يقيناً جرم ڪرڻ وارا ڪڏهن بہ ڪاميابي حاصل ڪري نہ سگهندا.“ (يونس-١٧)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر ڳالهين کان اوهان انڪار نہ ٿا ڪري سگهو تہ جيڪو شخص الله تي ڪوڙ مڙهي ان کان وڌو ڪو شرير ڪونهي ۽ جيڪو سچي کي ٺڪرائي اهو بہ وڌو شرير آهي. جيڪڏهن مان الله تي ڪوڙ مڙهيان ٿو تہ مون کي ناڪام ۽ نامراد ٿيڻو پوندو ۽ جيڪڏهن توهان سچائي جا منڪر آهيو تہ توهان کي ان جو نتيجو ڀوڳڻو پوندو. فيصلو الله جي هٿ ۾ آهي ۽ ان جو قانون آهي تہ مجرمن کي ڇوٽڪارو نہ ڏيندو آهي.

ٿيو ائين جو الله جو فيصلو صادر ٿي ويو. جيڪي ڪوڙا هئا، انهن جو نالو نشان بہ باقي رهيو ۽ جيڪو سچو هو، ان جي سچ جو آواز اڄ تائين قائم آهي ۽ قائم رهندو.

## پيغمبر اسلام جي صداقت:

پيغمبر اسلام جي سچائيءَ جو دليل انهيءَ کان وڌيڪ ڇا ٿي سگهي ٿو، جو ان جا سخت کان سخت دشمن بہ سندس ذات ۾ موجود عجيب قسم جي ڪشش ۽ تاثير جو انڪار ڪري نہ سگهيا هئا. پر جيئن تہ اهي حقيقت جي اعتراف لاءِ تيار نہ هئا، ان ڪري ان کي جادو ٽوڻ جي منهن پڪائي ڪندا هئا. انهن ماڻهن جي ڪيفيت الله پاڻ بيان ڪئي آهي:

لاهية قلوبهم واسروا النجوىٰ .....

"اهي ماڻهن کي روڪن ٿا تہ، پيغمبر وٽ نہ وڃن ۽ چون ٿا تہ توهان ان وٽ ويئو تہ ڄڻ جادوءَ ۾ ڦاٿؤ. هونئن تہ هي اسان وانگر ئي هڪ ماڻهو آهي، پر جيڪو ڪجهہ هن جو اثر آهي، سو جادو جي ڪري ئي تہ آهي." (انبياءَ-٣)

سچائيءَ جي سڀ کان وڏي سڃاڻ هي آهي تہ ان کي سچائيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ سڌي نہ ٿو سگهجي ۽ جيڪڏهن ٻيو ڪجهہ سڏڻ گهرندؤ تہ ڪيترو بہ زور لڳايو، ڳالهہ ٺهندي ڪونہ. ڳالهہ ٺهندي تڏهن جڏهن ڪنڌ جهڪائيندؤ ۽ چوندؤ تہ ها اهائي سچائي آهي. ليڪن مشڪل هي آهي تہ انساني نفس جڏهن گمراهي ۽ سرڪشيءَ ۾ ڪاهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن جان کي قتل نہ ڪريو، جنهن کي خدا حرام بڌايو آهي. يتيمن جي مال طرف نہ وڌو. جڏهن ڪابہ ڳالهہ چؤ تہ انصاف سان چؤ. توڙي جو معاملو پنهنجي ڪنهن عزيز ۽ مائٽ جو ئي ڇو نہ هجي. الله سان جيڪو عهد ڪيو اٿوَ ان کي پورو ڪيو.

جيڪو الله وٽ نيڪي کڻي حاضر ٿيندو تہ ان کي ان نيڪ عمل جو ڏهوڻو ثواب ملندو ۽ جيڪو برائي کڻي حاضر ٿيندو تہ بدلي ۾ اوتري سزا ڀوڳيندو. مون کي تہ منهنجي پروردگار سڌو رستو ڏيکاريو آهي. اهو ئي سچو ۽ صحيح دين آهي. ابراهيم عليہ السلام جو طريقو، تہ هڪ خدا جي لاءِ ٿي وڃڻ منهنجي لاءِ سعادت آهي. منهنجي نماز منهنجو حج منهنجو جيئڻ، منهنجو مرڻ صرف الله تعاليٰ جي لاءِ آهي، جيڪو سيني جهانن جو پروردگار آهي. ان جو ڪو بہ شريڪ ڪونهي، انهيءَ جو مون کي حڪم ڏنو ويو آهي ۽ مان خدا جي فرمانبردارن مان پهريون فرمانبردار (يعني مسلم) آهيان.

## نيڪيءَ جو حڪم ۽ برائي کان بچڻ:

١ـ توحيد في العبادت جي تلقين- يعني عبادت جي سيني عملن ۾ ان هڪ الله سان گڏ ڪوبہ شريڪ ڪونهي. ڇاڪاڻ تہ توحيد جو اعتقاد لفظن ۾ تہ سيني مذهبن جي پيروڪارن وٽ موجود هو، ليڪن عبادت جي عملن ۾ توحيد ۽ هيڪڙائي جي حقيقت گم ٿيل هئي.

٢ـ والدين جي حقن تي توجهہ- انسان جي لاءِ والدين جي پالڻهاري الله جي پالڻهاريءَ جو پرتو آهي. والدين جي خدمت ۽ اطاعت جي آزمائش جو اصل وقت انهن جي پوڙهائپ ۾ اچي ٿو، جڏهن جسماني ڪمزوريون انهن کي ٻين جي خدمت جو محتاج بڻائي ڇڏن ٿيون. انسان جي محتاجيءَ جا ٻہ وقت آهن. هڪ ٻاروتڻ ۽ ٻيو پوڙهائپ، ٻاروتڻ ۾ ماءُ پيءُ خدمت ڪئي هئي ۽ پوڙهائپ ۾ اولاد کي خدمت ڪرڻ کپي.

٣ـ ماءُ پيءُ کان پوءِ انهن سيني عزيزن ۽ مائٽن جا حق آهن، جيڪي اسان جي سارسنڀال جا متحاج هجن. گڏوگڏ بي محل خرچ ڪرڻ کان روڪيو ويو ۽ فرمايو ويو: ”مال ۽ دولت بي محل خرچ نہ ڪريو.“ خرچ ڪرڻ جو صحيح هنڌ اول اهي حقدار آهن، جيڪي اسان جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڏاري آهن ۽ پوءِ بہ پيا.

۴ـ مال ۽ دولت خرچ ڪرڻ ۾ هر ڳالھ ۽ وچٿرائي اختيار ڪيو. ڪنهن هڪ طرف نہ جهڪي پئو. جو خرچ ڪرڻ تي اچو تہ سڀ اڏاري ڇڏيو ۽ احتياط ڪرڻ چاهيو تہ ڪنجوسيءَ تي لهي پئو.

۵ـ اولاد کي سڃائپ جي ڀو کان ماري نہ وجهو. اوهان کي بہ اسان روزي ڏيون ٿا ۽ انهن کي بہ.

٦ـ زنا کان پري رهو. هي وڏي بيحيائيءَ جي ڳالھ ۽ وڏي برائيءَ جي هلت آهي.

۷ـ ڪنهن جان کي ناحق قتل نہ ڪريو. جنهن کي قتل ڪرڻ الله تعاليٰ حرام ٺهرايو آهي. اسان قتل ٿيل جي وارثن کي قصاص جي مطالبي جو اختيار ڏنو آهي.

۸ـ يتيمن جي مال جي ويجهو بہ نہ وڃو. (يعني ان کي ڦٻائڻ جو ارادو بہ نہ ڪيو) انهن جو مال انهن تي بهتر طريقي سان خرچ ڪيو ۽ جڏهن يتيم جوان ٿي وڃن تہ امانت انهن جي حوالي ڪريو.

۹ـ واعدن کي پورو ڪريو. انهن جي باري ۾ توهان کان پڇاڻو ٿيندو.

۱۰ـ جڏهن ڪا شيءِ ماپيو تہ ماپي کي پورو رکو. توريو تہ صحيح تارازيءَ سان. نہ ماپ ۾ ڪمي ڪريو ۽ نہ تور ۾ ڏنڊي هڻو.

## فرمانبردارن جون نشانيون:

جن ماڻهن الله جي حڪمن کي قبول ڪيو ۽ دنيا جي لاءِ مفيد بڻجي ويا. انهن ماڻهن جي عملن ۽ وصفن جي هڪ مجموعي ڪيفيت هن ريت بيهي ٿي:

(الف) الله جي بندگيءَ جو پورو عهد ڪرين ٿا ۽ پنهنجي پاڻهپ ۾ سچا ۽ ڪامل آهن.

(ب) الله تعاليٰ جيڪي بہ رشتا جوڙيا آهن. انهن کي ڏاڍ ۽ ناانصافيءَ سان ٽوڙين نہ ٿا. بلڪ انهن رشتن جو لحاظ رکن ٿا. اهڙي طرح هو هر رشتي جو حق ادا ڪري حقوق العباد جو خيال رکن ٿا.

(ج) آخرت جي فڪر کان بي پرواه نہ ٿا ٿين. جيڪو ڪجھ ڪن ٿا ان ۾ آخرت جي خوف جو ڪٿڪو موجود هجي ٿو. يقين رکن ٿا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ هڪ ڏينهن ڪنهن جي اڳيان پيش ٿيڻو آهي ۽ حساب جي سختيءَ کان بچڻ ممڪن ڪونهي.

(د) الله جي محبت ۾ هر طرح جون انڌ وڌندڙ حالتون صبر ۽ ثابت قدميءَ سان سهي سختين ۽ محنتن کان منهن نٿا موڙين. ۽ آزمائشن ۾ پويان پير نٿا ڪن.

(ه) نماز ان جي پوري روح سان قائم ڪن ٿا.

(و) اهي جيڪو ڪمائن ٿا. ان ڪي صرف پنهنجي جند تي خرچ نٿا ڪن، بلڪ ٻين تي بہ خرچ ڪن ٿا ۽ هر حال ۾ خرچ ڪن ٿا. ظاهري طرح بہ ۽ ڳجهي طرح بہ.

(ز) بديءَ جي بدلي ۾ بدي ڪرڻ انهن جو شيوو ناهي. ڪو انهن سان ڪيتري بہ برائي ڪري پر هو ڀلائيءَ سان ئي پيش ايندا.

## ايمان وارن جون پنج وصفون:

مومن جون پنج وصفون خاص طرح سان بيان ڪيون ويون آهن. قرآن وٽ ايمان ۽ عمل جي گلدستي ۾ سڀ کان وڌيڪ خوشبودار گل اهي ئي آهن. جنهن جي زندگيءَ ۾ هي گڻ نہ هجن. اها زندگي مومن جي زندگي نہ ٿي ٿي سگهي:

(الف) نماز جي سنڀال ۽ ان ڪي خضوع ۽ خشوع (دل جي حضور ۽ نماڻائي) سان ادا ڪرڻ. ڪنهن هيبت ۽ جلال واري هنڌ تي بيهو تہ توهان جي جسم تي ڪهڙي حالت طاري ٿي ويندي. اهڙي ئي حالت کي عربيءَ ۾ "خشوع" چوندا آهن.

(ب) هر ان ڳالهہ کان پاسو رکڻ جيڪا اجائي هجي، صرف انهن ڳالهين ڏانهن لاڙو رکڻ جيڪي دين ۽ دنيا ۾ مفيد هجن.

(ج) ڪمائيءَ مان پنهنجي محتاج ڀائرن لاءِ خرچ ڪرڻ.

(د) زنا جي گدلاڻ کان هميشہ بچندو رهڻ.

(ه) امانت دار هجڻ ۽ پنهنجي واعدن کي پورو ڪرڻ.

## حق جي رستي جا پانڌيئڙا

حق جي رستي ۾ سڀ کان اڳتي نڪرڻ وارا هي آهن:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مسلمانن جي لاءِ اصل دين

مسلمانن جي لاءِ اصل دين هي آهي ته الله جي اطاعت ڪن. الله جي رسولﷺ جي اطاعت ڪن ۽ جيڪي ماڻهو انهن مان حڪم ۽ اختيار جا صاحب هجن. انهن جي اطاعت ڪن. (ان ۾ شرط آهي ته حڪم ۽ اختيار جي صاحبن طرفان ڪا اهڙي ڳالهه پيش نه ٿئي جيڪا الله ۽ الله جي رسولﷺ جي اطاعت خلاف هجي) اختلاف جي صورت ۾ الله ۽ ان جي رسولﷺ جي حڪمن طرف رجوع ڪيو وڃي: پوءِ جيڪو فيصلو ملي، ان کي سڀ هينئين سان هنڊائين.

## انصاف تي ثابتي

مسلمانن کي گهرجي ته قوامون بالقسط هجن. يعني حق ۽ انصاف تي اهڙي مضبوطيءَ سان قائم رهن ۽ ڄمي بيهن جو ڪابه ڳالهه انهن کي پنهنجي جڳهه تان سوري نه سگهي. کين گهرجي ته اهي الله جي لاءِ گواهي ڏيڻ وارا هجن. دنيا جي ڪابه شيءِ انهن کي سچ کان روڪي نه سگهي. جيڪڏهن ڪنهن معاملي ۾ سچائي خود انهن جي ذات جي خلاف هجي يا انهن جي ماءُ پيءُ ۽ عزيزن قريبن جي خلاف هجي تڏهن به انهن کي سچي ڳالهه چوڻ کپي، اهي صرف سچائيءَ جي لاءِ ئي دل ۽ زبان رکن ٿا.

قرآن شريف ۾ آهي:

لايجرمنكم شنان قوم .....

ائين نه ٿئي جو ڪنهن گروهه جي دشمني توهان کي انهيءَ ڳالهه تي اياري ته توهان ان سان انصاف نه ڪريو. هر حال ۾ انصاف ڪريو، چاڪاڻ ته اهائي تقويٰ واري ڳالهه آهي ۽ الله جي نافرمانيءَ جي نتيجن کان ڊڄو. توهان (دوستي ۽ دشمنيءَ جي حوالي سان به) جيڪو ڪجهه ڪريو ٿا، الله ان جي خبر رکڻ وارو آهي. (مائده ٢)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## عمل جو بنيادي دستور

مسلمانن لاءِ ضروري آهي ته خدا جي نشانين جي بي حرمتيءَ کان پاسو ڪن. ٻين جي معاملن ۾ انهن جو وهنوار هي هجڻ کپي ته نيڪيءَ جي ڪمن ۾ سيني جي مدد ڪن، برائي جي ڪمن ۾ ڪنهن جي به مدد نه ڪن. ڪوبه ظلم ڪري ته اها برائي آهي. ان کان بچن. ڪوئي حج يا زيارت تي وڃي ته اها ڀلائي آهي، ان جا معاون بڻجن. (مطلب ته نيڪي ۽ پرهيزگاري جي هر ڳالهه ۾ تعاون ۽ گناهه ۽ ظلم جي هر ڳالهه ۾ بي مدد رهڻ هر مسلمان جي لاءِ بنيادي ۽ اصل ڪم آهي.)

دين جي تڪميل ۽ نعمت جي پرپور هئڻ جي تقاضا آهي ته اسان پنهجي سيرت ۾ متي کان وٺي ڪري ننهن جي چوٽيءَ تائين حق ۽ سچائيءَ جا نمونا بڻجي وڃون.

## انساني مساوات

اسلام انسانذات جي مساوات ۽ برابريءَ جو اعلان ڪيو. نسل ۽ مرتبي جي انهن سيني فرقن کان انڪار ڪيو، جيڪي ماڻهن بنايا هئا ۽ جنهن جي ڪري انساني حق پائمال ٿي رهيا هئا. آزاد هجن يا نوڪر، مرد هجن يا عورتون، ننڍا هجن يا وڏا، نيچ هجن يا شريف، انسان هجڻ جي لحاظ سان سڀ برابر آهن.

رسول ﷺ جن مڪي جي فتح کان پوءِ جيڪو خطبو ارشاد فرمايو، ان ۾ قريشن کي خطاب ڪندي هيءَ حقيقت چٽي نموني سان چٽي هئي ته:

"اي قريشؤ! خدا توهان جي جاهلائي تڪبر ۽ ابن ڏاڏن تي پڏائڻ جون غرور اڄ ٽوڙي ڇڏيو. سڀ ماڻهو آدم جو اولاد آهن، ۽ آدم کي مٽيءَ مان ٺاهيو ويو هو. خدا فرمائي ٿو، اي انسانؤ! اسان توهان کي هڪ مرد ۽ عورت مان پيدا ڪيو آهي. ۽ هي قبيلا ۽ قومون سڀ سڃاڻڻ لاءِ ٺاهيون آهن، خدا وٽ ته اهو وڏيڪ عزت وارو آهي جنهن ۾ تقوي وڏيڪ آهي. (حجرات-١٣)

جڏهن سڀ انسان هڪ ئي ماءَ پيءُ (آدم ۽ حوا) جو اولاد آهن ته ننڍي وڏي انسان هجڻ جي فرق جو آخر ڪهڙو سبب آهي؟ وري خدا وٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عزت جو جيڪو معيار طئہ ٿيل آهي. يعني تقويٰ. اُهو اهڙو معيار آهي جو ان ۾ انسانن جي وچ ۾ حسد ۽ رقابت نٿي ٿي سگهي. ڇاڪاڻ ته اهي خود تقويٰ جي منافي آهن. باقي هر معيار يعني دولت. عهدو. نسل وغيره ۾ حسد ۽ رقابت ڪان سواءِ ٻي ڪنهن ڳالھ جو تصور ئي ناهي.

## دين جي سڀ کان وڏي ڳالھ

دين جي سڀ کان وڏي ڳالھ اها جو ان اعلان ڪيو ته. سعادت ۽ نجات جو سچو رستو "خدا پرستي ۽ نيڪ عملي" جي زندگيءَ سان ملي سگهي ٿو. اصل شيءِ دل جي پاڪائي ۽ عمل جي نيڪي آهي. شريعت جا ظاهري احڪام ۽ رسمون بہ ان جي لاءِ آهن ته مٿيون مقصد حاصل ٿئي.

قرآن جي نازل ٿيڻ وقت دنيا جي هڪ عالمگير مذهبي گمراهي هي هئي جو ماڻهو سمجهندا هئا ته. دين جو مقصد رڳو شريعت جا ظاهري احڪام ۽ رسمون آهن ۽ انهن کي ڪرڻ يا نہ ڪرڻ تي نجات ۽ سعادت جو دارومدار آهي. ليڪن جيستائين دين جو تعلق آهي ته ان ۾ سموري طلب اصل مقصدن جي هوندي آهي، وسيلن جي نہ.

## عمل جي ڪمائي

قانون الاهي هي آهي ته هر ماڻهوءَ کي اهوئي پلئہ پوندو آهي جيڪو هن ڪمايو آهي. ڪنهن بہ هڪ جي نيڪي ٻئي کي نہ ٿي بچائي سگهي ۽ نہ ڪنهن جي بدعمليءَ جو ڪو ٻيو جوابدار ٿي سگهي ٿو.

انسان جي ڳچيءَ ۾ قدامت پسندي جو ڳٽ اهڙو تہ قاتل آهي جو ان مان سولائي سان نٽو نڪري سگهي ۽ هميشہ ماضيءَ جي افسانن ۾ گم رهندو آيو آهي. هندو هزارين سالن کان مهاڀارت ۽ پوتر قصن ۾ قاتل آهن. مسلمانن جا بہ فرقا اڄ ڏينهن تائين انهيءَ جهڳڙي مان واندا نہ ٿيا آهن تہ تيرهن سؤ سال پهريائين سقيفۂ بنو ساعد ۾ خلافت جو جيڪو انتخاب ٿيو هو، اهو صحيح هو يا غلط؟ قرآن چوي ٿو: تلڪ امتہ قد خلت لها ما ڪسبت ولڪم ما ڪسبتم- هاڻي انهن جي پويان گهلجڻ سان توهان کي ڪو فائدو نہ ٿي سگهندو. اوهان پنهنجو ڌيان رکو. انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا عمل انهن جي لاءِ هئا ۽ توهان جا عمل توهان جي لاءِ آهن.

## دنيا پرستيءَ جو غرور

حق وارو دين، دنيا ڇڏڻ جو نه بلڪ دنيا پرستيءَ جي غرور ۽ مستيءَ جو مخالف آهي. اهوئي دنيا پرستيءَ جو غرور انسان کي خدا پرستي ۽ ديانتداريءَ کان بي پرواهه ۽ ويڳاڙو ڪري ڇڏي ٿو. جڏهن ماڻهوءَ کي طاقت ۽ حڪومت ملي وڃي ٿي ته هو غرض ۽ نفس جي پوڄا ۾ اهو سڀ ڪري ٿو ويهي جيڪو دنيا ۾ انسان جي پاران ظلم ۽ فساد ۾ ممڪن آهي. جيڪي ماڻهو سچا خدا پرست آهن، اهي دنيا ۾ ڪيترو به وڪوڙجي ڇو نه وڃن، پر انهن جي مٿان نفس پرستيءَ جا لامارا نه هوندا بلڪ الله جي رضا دل ۽ دماغ تي ڇانيل هوندي.

## آخرت جي نجات

آخرت جي نجات جو سمورو دارومدار ايمان ۽ عمل تي آهي. اتي نه نجات جي ڏيتي ۽ ليتي ٿي سگهي ٿي، نه ڪنهن جي دوستي ۽ سڃاڻ ڪم ڏئي سگهي ٿي. نه وري ڪنهن جي سفارش سان ڪم ڪڍي سگهجي ٿو. دنيا ۾ ڪنهن نيڪ ۽ بزرگ هستيءَ کان چڱائين جو سبق وٺي سگهجي ٿو. ان جي صحبت ۾ ويهي پنهنجي اصلاح ڪري سگهجي ٿي. علم وارن کان مسئلا پڇي سگهجن ٿا. ليڪن نجات جو انحصار پنهنجي ئي ايمان ۽ عمل تي يا الله جي رحمت تي آهي. ڪنهن جي ڪوشش يا سفارش ڪجهه به مدد نه ڪري سگهندي. اهڙو تصور ئي سراسر غيراسلامي آهي.

## حق ۽ باطل جو معيار

حق ۽ باطل جي معاملي ۾ انسانن جي تورائي يا گهٽائي معيار ڪونهي. ڪڏهن گمراهي ۽ حق کان منهن موڙڻ جو اهڙو وقت به اچي ويندو آهي جو انسانذات جي اڪثريت حق ۽ يقين جي روشنيءَ کان محروم ٿي ويندي آهي. اهڙو ئي دور قرآن جي نازل ٿيڻ وقت دنيا تي ڇانيل هو. گمراهن جي گهٽائي نه ڏسو، بلڪ هي ڏسو ته ڪهڙو رستو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فڪر سان انسان جي اندروني جذبن يا روح کي تقويت ملي ٿي. جنهن جماعت ۾ هي ٻـ قوتون (صبر ۽ نماز) پيدا ٿـي وڃن اها ڪڏهن بـ ناڪام نـ ٿيندي.

ب: جيڪا جماعت موت کان ڊڄي ٿي اها ڪڏهن بـ سوڀون ماڻي نـ سگهندي. حق جي رستي ۾ مليل موت. موت نـ هوندو آهي. حقيقت ۾ اهائي تـ ڀرپور زندگي آهي.

ڪيترين ئي ننڍين جماعتون اهڙيون هيون جيڪي وڏين جماعتن تي غالب آيون ۽ ڪيترين ئي وڏين جماعتن پاڻ کان ننڍين جماعتن جي هٿان شڪست کاڌي. فتح ۽ شڪست جو دارومدار ماڻهن جي تـورائي ۽ گهڻائيءَ تي ڪونهي. دلين جي قوت تي آهي. الله جي مدد انهن ماڻهن جو ساٿ ڏيندي آهي جيڪي صابر ۽ ثابت قدم هوندا آهن.

## مسلمانن جو نصب العين

مسلمانن جو جماعتي نصب العين اهو ڪونـ بيهاريو ويو تـ اهي طاقتور قوم بڻجن يا سڀني کان برتر گروهه ليکجن. ڇاڪاڻ تـ طاقت ۽ برتريءَ ۾ جماعتي آڪڙ ۽ قومي حرص ۽ لالچ پلئـ پوندي آهي. ۽ اها ڳالهه انسانيت جي امن. سلامتي. مساوات ۽ ڀائيچاري جي منافي هئي.

اسلام ۾ صرف "خير" ۽ "بهتر" هجڻ تي زور ڏنو ويو. (ڪنتم خير امتہ اخرجت للناس) جنهن جو سمورو روح اخلاقي ۽ معنوي چڱاين تي ٻڌل آهي. جنهن جماعت جو نصب العين هي هجي تـ اها سڀني کان سٺي ۽ نيڪ هجي. اها جماعت طاقت جي غرور ۽ قومي آڪڙ ۽ برتري جي گدلاڻين سان پوسل نٿي ٿي سگهي.

## دعوت جي هيڪڙائي

قرآن مجيد دين حق جي انهيءَ اصل عظيم جي طرف بـ اشارو ڪري ڇڏيو تـ سمورا نبي صرف هڪ ئي دين جا داعي هئا. جڏهن الله جو دين هڪ آهي تـ پوءِ سڀئي رهنما بـ هڪ ئي زنجير جون مختلف ڪڙيون آهن. جيڪو انهن ۾ تفريق ڪري ٿـو اهو هدايت جي پوري سلسلي جو منڪر آهي. الله جو دين سندس کان سواءِ ڪجهه ناهي تـ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ جي ٻڌايل قوانين فطرت جي اطاعت ڪئي وڃي. آسمان ۽ زمين ۾ جيتري بہ مخلوق آهي، اها سموري الله جي مقرر ڪيل قوانين جي اطاعت ڪري رهي آهي. پوءِ جيڪڏهن توهان ڪي الله جي فطري قانون کان انڪار آهي تہ ٻڌايو ڀلا! الله جي قانون کان سواءِ ڪائنات هستيءَ ۾ ٻيو ڪهڙو قانون (وڌيڪ مؤثر) ٿي سگهي ٿو؟

## ايمان ۽ محبت

الله تي ايمان ۽ الله جي محبت ٻئي لازم ملزوم آهن. جيڪڏهن الله کان سواءِ ڪنهن ٻي هستيءَ کي بہ ساڳي چاهت سان مڃيو وڃي جنهن چاهت سان صرف خدا کي ئي مڃڻ گهرجي، تہ پوءِ اهو الله سان برابري چئبي ۽ انهيءَ سان توحيد الاهي جو عقيدو ڊانواندول ٿي ويندو. مومن اهو آهي جيڪو سڀني کان وڌيڪ الله سان محبت رکندڙ هجي. (والذين امنوا اشد حبا لله)

جيڪو ماڻهو الله سان محبت رکڻ جو دعويدار آهي ان کي گهرجي تہ الله جي رسول جي پيروي ڪري. الله جي محبت جي دعويٰ ۽ انهيءَ جو رستو ڏيکاريندڙ جي پيرويءَ جو انڪار، هڪ دل ۾ سمائجي نٿا سگهن.

## قرآن مجيد جون چار وصفون

سورت يونس ۾ آهي:

يا ايها الناس قد جاءتكم ...

"اي انسانو! توهان وٽ توهان جي پالڻهار جي طرفان هڪ اهڙي شيءِ اچي وئي آهي جيڪا (وڏي فائدي واري) نصيحت آهي، دل جي سڀني بيمارين جي لاءِ شفا آهي ۽ هدايت ۽ رحمت آهي انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي ان (قرآن) تي يقين رکن ٿا." (آيت-٥٧)

هن آيت ۾ قرآن جون چار وصفون بيان ڪيون ويون آهن.

الف: موثر نصيحت:- يعني دل ۾ پيهجي ويندڙ دليلن ۽ روح کي متاثر ڪرڻ وارن طريقن سان، انهن سڀني ڳالهين جي ترغيب ڏئي ٿو جيڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خير ۽ حق جون ڳالهيون آهن. ۽ انهن سيني ڳالهين کان روڪي ٿو جيڪي شر ۽ ناحق جون ڳالهيون آهن. عربيءَ ۾ وعظ جو مفهوم صرف نصيحت ناهي. بلڪ اهڙي نصيحت آهي جيڪا موثر ۽ دل ۾ پيهجي ويندڙ دليلن سان ڪئي وڃي.

ب: شفاءُ لما في الصدور:- دل جي سيني بيمارين جي لاءِ شفا جو نسخو آهي. جيڪو به فرد يا گروهه انهيءَ نسخي تي عمل ڪندو انهيءَ جي دل هر طرح جي فساد جهڳڙن ۽ هلڪڙاين کان پاڪ ٿي ويندي. عربيءَ ۾ قلب، فواد ۽ صدر جا لفظ جڏهن به اهڙي موقعي تي ڳالهايا وڃن، جيئن مٿي آهي ته انهيءَ مان مقصود انسان جي معنوي حالت هوندي آهي. يعني ذهن ۽ فڪر جي قوت، عقلي ادراڪ، جذبات، اخلاق ۽ عادتون، اندروني حسون وغيره- اهو عضوو مقصود نه هوندو آهي بلڪ اهي ڪيفيتون مراد هونديون آهن.

ج: هدي:- يعني يقين ڪرڻ وارن جي لاءِ هڪ هدايت.

د: رحمة للمومنين:- يقين ڪرڻ وارن لاءِ رحمت جو پيام آهي. يعني ظلم ۽ سنگدلي، ۽ بغض ۽ نفرت کان دنيا کي نجات ڏياري ٿو. رحم ۽ محبت، ۽ امن ۽ سلامتي جي روح سان نوازي ٿو.

## رڳو اعلان ناهي دليل به آهي.

قرآن جي وصفن جو هي رڳو اعلان ئي نه هو بلڪ ان جي صداقت جو سڀ کان وڏو مؤثر دليل به هو. جيڪڏهن هڪڙو شخص دعويٰ ڪري ته هو طبيب آهي ته پوءِ ان جي دعويٰ جي جاچ جو سڀ کان سولو ۽ قطعي طريقو هي هوندو آهي ته ڏٺو وڃي ته ان جي علاج مان بيمارن کي شفا ملي ٿي يا نه؟ قرآن به هرهند اها جاچ منڪرن جي سامهون پيش ڪئي آهي. قرآن چيو ته مان شفا جو نسخو آهيان. ان جي ثبوت ۾ مومنن ۽ متقين جي جماعتن پيش ڪيائين جيڪا انهيءَ دارالشفا ۾ تيار ٿي هئي. اڄ به ان جو اهو دليل ساڳي طرح قطعي آهي، جهڙي طرح نزول واري دور ۾ هو. جيڪڏهن انهيءَ عرب جاهليت جي بيمار روحن ۽ دلين ۾ ابوبڪررضہ، عمررضہ، عليرضہ، خالدرضہ، سلمان رضہ ۽ ابوذر رضہ وغيره جهڙا تندرست روح پيدا ڪري ڇڏيا هئا ته پوءِ انهيءَ جي نسخہ شفا ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙو شڪ ڪري سگهجي ٿو.

## صراط مستقيم ۽ دين قيم

سورت بني اسرائيل ۾ فرمايو ويو:

ان هذ القرآن يهدي للتي هي اقوم.

"بيشڪ هي قرآن انهيءَ رستي جي رهنمائي ڪري ٿو جيڪو سڀ کان وڌيڪ سڌو رستو آهي." (آيت- ٩)

قرآن پنهنجون جيڪي به وصفون بيان ڪيون آهن، انهن ۾ سڀ کان جامع وصف اهائي آهي ته زندگي ۽ سعادت جي هر گوشي ۾ ان جي رهنمائي سڌيءَ کان سڌي ڳالهه جي لاءِ آهي. ڪنهن طرح جو تيز يا هيٺ مٿاهين، ڪنهن طرح جا وڙ وڪڙ، ڪنهن طرح جو مونجهارو، ۽ ڪنهن طرح جي کوٽ واڌ ان جي رهنمائيءَ ۾ نٿي ٿي سگهي. انهيءَ حقيقت کي ئي ٻي جاءِ تي "صراط مستقيم" (سڌي سنئين واٽ) ۽ "الدين القيم" (ٺوس طريقو) سڏيو ويو آهي.

## دين حق جا ٽي بنيادي اصول

سورت اعراف ۾ آهي:

قل امر ربي بالقسط...

"(اي پيغمبر!) تون چئو ته منهنجي پالڻهار جيڪو حڪم ڏنو آهي سو آهي ته هر ڳالهه ۾ وچٿرائيءَ جو رستو اختيار ڪريو. پنهنجي سيني عبادتن ۾ خدا جي طرف نيڪ نوجهه ۾ هجو ۽ الله کي سچي دل سان ۽ ڪامل فرمانبرداريءَ جي نيت سان پڪاريو." (آيت- ٢٩)

هن آيت ۾ دين جا ٽي بنيادي اصول واضح ڪيا ويا آهن.

١- عمل ۾ وچٿرائي

٢- عبادت ۾ پاڻ ارپڻ

٣- خدا پرستي ۾ اخلاص يا وابستگي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي آيت توحيد جي باب ۾ اصل اصول آهي. "الله کي سچي دل سان ۽ ڪامل فرمانبرداريءَ جي نيت سان پڪاريو" يعني دين جون جيتريون به ڳالهيون آهن اهي صرف خدا جي لاءِ مخصوص ڪريو. "خلق" ۽ "امر" ٻئي الله تعاليٰ جي ذات سان آهن. يعني اهو ئي ڪائنات هستيءَ جو پيدا ڪرڻ وارو آهي ۽ انهيءَ جي حڪم ۽ قدرت سان ڪائنات جو انتظام هلي رهيو آهي.

## ڏيکاءَ جي خيرات

ڏيکاءَ جي خيرات اجايو وڃي ٿي. جيڪو شخص نيڪيءَ جي بجاءِ نالي ۽ شهرت جي لاءِ خيرات ڪري ٿو ۽ خدا جي بجاءِ انسانن وٽ معتبري گهري ٿو. اهو يقيناً خدا تي سچو ايمان نه ٿو رکي. اهڙي خيرات کي روڪيو ويو آهي. مگر ان جو مطلب هي ناهي ته جيستائين لڪ ڇپ ۾ خيرات نه ڪري سگهو تيستائين خيرات ڪيو ئي نه. ۽ لڪ ڇپ جو خيال مورڳوئي اوهان کي هن نيڪ ڪم کان روڪي وجهي. بس مقصد حقيقي هي هجي ته ڏيکاءَ ۽ نمائش سان نيت جو آئينو الو نه ٿي پئي.

اجايون ۽ بيڪار شيون خيرات جي نالي تي محتاجن کي نه ڏيو. سوچيو ته جيڪڏهن توهان کي ڪا اهڙي شيءِ ڏني وڃي ته اوهان پنهنجي لاءِ پسند ڪندؤ؟

## محبت ۽ همدرديءَ جون تقاضائون

نيڪيءَ جي رستي ۾ خرچ ڪرڻ جي سگهه ۽ صلاحيت تيستائين اوسر ڪائي نه پئي سگهي. جيستائين ان جي ضد ۾ ايندڙ ڳالهين کان نه روڪيو وڃي. اهوئي سبب آهي جو الله جي رستي ۾ خرچ ڪرڻ جي عمل کي اوسر ڏيڻ لاءِ. ان حڪم سان گڏ وياج جي سختيءَ سان منع ڪئي وئي.

دين حق انسانن ۾ محبت ۽ همدردي پيدا ڪرڻ گهري ٿو. انهيءَ ڪري خيرات جو حڪم ڏنو ويو ته هر انسان ٻئي جي حاجت ۽ ضرورتن کي پنهنجي حاجت ۽ ضرورت سمجهي. وياج خور جي ذهنيت انهيءَ جي بلڪل ابتڙ آهي. هو چاهيندو آهي ته ٻئي جي ضرورت مان پاڻ گهٽي کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳهڻو فائدو حاصل ڪري ۽ محتاجن کي دولت جمع ڪرڻ جو ذريعو بڻائي. (معني ته وياج خور جي دل ۾ همر جنس لاءِ محبت ۽ همدرديءَ جو ڪوبہ احساس باقي نہ ٿو رهي.)

## مومن ۽ يقين

قرآن هر هنڌ هي حقيقت واضح ڪئي آهي تہ ايمان، اميد ۽ يقين جو نالو آهي. ڪفر، شڪ ۽ مايوسيءَ جو نالو آهي. قرآن وري وري هن ڳالهه تي زور ڏئي ٿو تہ مايوس نہ ٿيو. اميد جو ڏيئو ٻريل رکو. هر حالت ۾ چڱائي ۽ سعادت جا اميدوار رهو. اهائي ايمان جي تقاضا آهي ۽ اهائي زندگيءَ جو سرچشمو آهي. انهيءَ سان ئي دنيا ۽ آخرت جون سڀ ڪامرانيون حاصل ٿي سگهن ٿيون.

## حق کي قبول ڪرڻ جي سگهه

مينهن مان صرف اهائي زمين فائدو وٺي سگهي ٿي جنهن ۾ انهيءَ جي سگهه ۽ صلاحيت هجي. ٻڻ زمين تي ڪيترو بہ مينهن پيو نہ وسي سرسبز نہ ٿيندي. اهڙي طرح قرآن جي هدايت مان بہ اهي ئي روح شاداب ٿيندا. جن ۾ حق قبول ڪرڻ جي سگهه ۽ صلاحيت هجي. جنهن اها سگهه وڃائي. ان جي حصي ۾ محرومي ۽ نامراديءَ کان سواءِ ڪجهه بہ نہ ايندو.

حق کي قبول ڪرڻ جي رستي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ ابن ڏاڏن جي انڌي تقليد، هٺ نوڪين بزرگين ۽ نالي چڙهين روايتي عظمتن جي پرستش آهي. ٿيندو ائين آهي تہ ابتدا ۾ انڌ جي ڳهوڙي تي چڙهي ڪو عقيدو ڳهڙيو ويندو آهي. هڪ عرصي تائين ماڻهو ان کي مڃيندا رهندا آهن. جڏهن ڊگهي عرصي جي اعتقاد سان ان ۾ تقديس جو شان پيدا ٿي ويندو آهي تہ ماڻهو ان کي شڪ ۽ شبهي کان مٿاهون سمجهڻ لڳندا آهن، ۽ عقل ۽ سمجهہ جو ڪوبہ دليل ان جي خلاف تسليم نہ ڪندا آهن. قرآن انهيءَ کي "اسماءَ سميتموها انتمر و آباؤڪمر" (نالا آهن جيڪي توهان ۽ توهان جي ابن ڏاڏن گهڙي ورتا آهن) سڏيو آهي. جاڪاڻ تہ ماڻهو انهن بنايل نالن کان سواءِ ڪابہ حقيقت ۽ معقوليت پيش نٿا ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهن.

## دعوت اسلام جون تي خصوصيتون

سورت اعراف ۾ پيغمبر اسلام جي دعوت جون تي خصوصيتون بيان ڪيون ويون آهن.

يامرهم بالمعروف وينها هم عن المنڪر....

"(پيغمبر اسلام، جنهن جو صفتون توريت ۽ انجيل ۾ هيئن لکيل هيون ته) هو نيڪيءَ جو حڪم ڏيندو، برائيءَ کان روڪيندو. (انساني مزاج کي) وڻندڙ شيون حلال ٻڌائيندو ۽ گنديون شيون حرام بيهاريندو. انهيءَ بار کان نجات ڏياريندو جنهن جي هيٺان اهي دٻيل هوندا. ۽ انهن ڦاهن کان کين ٻاهر ڪڍندو جن ۾ هو ڦاٿل هوندا." (آيت-١٥٦)

هتان پيغمبر عليہ السلام جي دعوت جون تي ڳالهيون واضح تي سامهون اچن ٿيون!

١- نيڪيءَ جو حڪم ڏئي ٿو، برائي کان روڪي ٿو.

٢- وڻندڙ شين جو استعمال جائز ٻڌائي ٿو ۽ اڻوڻندڙ شين جي استعمال کان روڪي ٿو. قرآن انهيءَ معنيٰ ۾ "طيبات" ۽ "خبائث" جو لفظ اختيار ڪيو آهي.

٣- جيڪو بار اهل ڪتاب تي پئجي ويو هو ۽ جن ڦاهن ۾ اهي ڦاٿل هئا، انهن کان نجات ڏياري ٿو.

اهو ٻوجهه ڇا هيو ۽ اهي ڦاها ڇا هئا، جن کان قرآن نجات ڏياري؟ قرآن ٻين هنڌن تي ان کي واضح ڪيو آهي. مذهبي حڪمن جون اجايون سختيون- مذهبي زندگيءَ جو ناقابل عملٰ پابنديون- سمجهه کان پري عقيدن جو ٻوجهه- وهم پرستين جا انبار- فقيهن جي تقليد جون ڏندا ٻيڙيون ۽ پيشوائن جي پرستش جون زنجيرون. پيغمبر اسلام جي دعوت انسانيت کي انهن سڀني کان نجات ڏياري ۽ سچائيءَ جي اهڙي سولي ۽ آسان واٽ ڏيکاري، جنهن ۾ عقل جي لاءِ ڪوئي بوجهه ۽ عمل جي لاءِ ڪائي سختي ڪانهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ٻهڪندڙ حقيقتون**

١ـ قرآن وٽ ڪنهن گروهه جي مسلمان هئڻ جي عملي سڃاڻپ ٻه ڳالهيون آهن. هڪ نماز جو اهتمام. ٻيو زڪوات جو نظام. جيڪا جماعت هي ٻه عمل ڇڏي ڏيندي (اها عملاً) مسلمان نه ليکي ويندي. زڪوات جي نظام مان مراد آهي ته حڪومت اهو انتظام نه ڪري سگهي يا ڪنهن هنڌ مسلمان خدا نه ڪري جو محڪوم ٿي وڃن ته اهي خود زڪوات جو نظام سنڀالن.

٢ـ معتبرائپ ۽ بزرگيءَ جا رسمي منصب ڪا شيءِ ڪونهن. بزرگي انهيءَ لاءِ آهي جيڪو عمل ۽ ايمان جي بزرگي رکي ٿو.

٣ـ قرآن وٽ سڀني کان وڏو درجو انهن انسانن جو آهي جيڪي ايمان ۽ حق پرستيءَ جي رستي ۾ قربانيون ڪرڻ وارا آهن. رواجي نيڪين ۽ رسمي نمائشن ۾ سرگرم نظر ايندڙ ماڻهن جو گذر اتان ڪونهي.

۴ـ مومن اهو آهي جنهن جي ايمان واري محبت تي دنيا جي ڪابه محبت غالب نه اچي سگهي.

٥ـ اجتماعي زندگي ۾ فتح ۽ ڪاميابين لاءِ انهيءَ کان وڌيڪ ڪابه خطرناڪ ڳالهه ڪونهي ته لڏندڙ. لمندڙ. ڀڏترو ۽ ٻن دلين وارا ماڻهو ان ۾ موجود هجن.

٦ـ حق جي وهنوار ۾ دارومدار شخصيتن تي ناهي. شخصيت انهيءَ جي لاءِ آهي ته ٻج پوکي. باقي رهيا ميوا ملهار، ته ٿي سگهي ٿو انهيءَ جي زندگيءَ ۾ ئي نڪتڙي نروار ٿين. ٿي سگهي ٿو ڪجهه زندگيءَ ۾ ۽ ڪجهه ان کان بعد ٿين. ان ۾ دير ٿي ته ان سان حق جي وهنوار تي ڪو اثر نه پوندو.

٧ـ شين جي حلال ۽ حرام هجڻ جي لاءِ قرآن جا چار اصول مسلم رهندا.

پهريون: جسيتائين وحي الاهي ڪنهن شيءِ کي حرام نه ٿو سڏي تيستائين اصل شيءِ جو جواز ۽ اجازت آهي، نه حرمت.

ٻيون: ڪنهن شيءِ کي حرام ليکڻ جو حق خدا جي شريعت کي آهي.

ٽيون: مڙئي پنهنجي راءِ ۽ قياس سان ڪنهن شيءِ کي حرام ليکڻ افترا علي الله. يعني الله تي بهتان ٻڌڻ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوٿون: انسان جي عقيدن ۽ عملن جو بنياد وهم ۽ گمان جي بجاءِ علم ۽ يقين تي هجڻ گهرجي.

## واڪا ڪرڻ مون وس

پيغمبر جو ڪم بيان ۽ پرچار، خوشخبري ڏيڻ ۽ ڊيڄارڻ آهي. هو داعي ۽ استاد آهي. وڪيل يا نگهبان ڪونهي جو زبردستيءَ ڪنهن واٽ تي وني هلي ۽ پوءِ ان تان هٽڻ يا نڪرڻ نہ ڏئي. سورت يونس ۾ آهي وما انا عليڪم بوڪيل "(مان توهان تي نگهبان ناهيان- آيت- ١٠٧) ٻي جاءِ تي پيغمبر اسلام کي مخاطب ڪندي ساڳيو مطلب هيئن ادا ڪيو ويو آهي: وما انت عليهم بجبار "تون انهن ماڻهن جي مٿان ڏاڍي حاڪم وانگر مسلط ناهين جو ڏاڍ سان ڳالھ مڃرائين." (ق-٤٥) وڌيڪ فرمايل آهي: لست عليهم بمصيطر "توکي انهن جي مٿان داروغو بڻائي نہ ويهاريو ويو آهي جو مڃين يا نہ مڃين ليڪن تون انهن کي حق جي واٽ تي وني هلڻ جو ذميدار هجين." (غاشيہ-٢٣) وري فرمايائين: فانما عليڪ البلاغ وعلينا الحساب "جيڪو ڪجھ تنهنجي ذمي آهي سو آهي تہ پيغام پڄايو وڃي. انهن کان سندن ڪمن جو حساب وٺڻ اسان جو ڪم آهي." (رعد-٣٩)

قرآن صاف صاف چئي ٿو تہ خدا جي رسولن جو منصب سڌاري لاءِ واڪا ۽ تبليغ ڪرڻ تائين محدود هو. حالانڪ هو خدا جي طرف کان مقرر هئا. پوءِ ظاهر آهي تہ ٻئي ڪنهن شخص لاءِ قرآن ڪيئن گوارا ڪندو تہ اُهو وڪيل، داروغو ۽ زوراور بنجي وڃي.

## "بيان ۽ پرچار جو حق" ۽ "پسند ۽ قبوليت جو حق"

حقيقت ۾ انساني عملن جي سيني گوشن ۾ اصل سوال حدن جو آهي ۽ هر هنڌ انسان هتي اچي ٿاٻڙيو آهي. يعني هر ڳالھ جي جيڪا حد آهي انهيءَ جي اندر نٿو رهڻ گهري. ٻہ حق آهن. ٻنهي کي پنهنجي پنهنجي حدن جي اندر رهڻ گهرجي. هڪ حق آهي بيان ۽ پرچار (تبليغ) جو ۽ هڪ حق آهي پسند ۽ قبوليت جو. هر انسان کي انهيءَ جو حق آهي تہ جنهن ڳالھ کي هو درست سمجهي ٿو. اها ٻين کي بہ سمجهائي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليڪن ڪيس اهو حق حاصل ڪونهي ته ٻين جي حق واري پرچار تي ٻاهڙجي. يعني هي ڳالهه نه وساري ته جهڙي طرح ڪيس هڪ ڳالهه کي مڃڻ يا نه مڃڻ جو حق حاصل آهي، ساڳي طرح ٻين کي به مڃڻ يا نه مڃڻ جو حق حاصل آهي.

تاريخ کي ٻارهن صدين تائين انهيءَ ڳالهه جو انتظار ڪرڻو پيو ته هڪ انسان ٻئي انسان کي رڳو عقيدي جي اختلاف جي ڪري ذبح نه ڪري. ماڻهو صرف اها ڳالهه سمجهي ونني ها ته "بيان" ۽ "وڪالت" ۾ فرق آهي. هينئر گذريل ڏيڍ سؤ سالن کان هي ڳالهه دنيا جي عقلي مڃتائن مان ليکي وڃي ٿي. پر ڇا ماڻهن کي اهو معلوم آهي انهيءَ فرق جي اعلان جي تاريخ آمريڪا ۽ فرانس جي "انساني حقن واري اعلان" کان شروع نه ٿي آهي پر انهيءَ اعلان کان ٻارهن سؤ سال پهريائين (قرآن جي نزول سان گڏ) شروع ٿي چڪي هئي.

## خوف ۽ غم

قرآن ايمان وارن جي متعلق جيڪو ڪجهه چيو آهي ان ۾ سڀ کان وڏيڪ چٽي ڳالهه "لا خوف عليهم ولا هم يحزنون" آهي. يعني اهي خوف ۽ ڏک ٻنهي کان محفوظ ٿي ويندا. قرآن ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي اها ڳالهه چيل آهي.

حقيقت هي آهي ته انساني زندگيءَ جي سعادت جي لاءِ انهيءَ کان وڏيڪ ڪجهه نه ٿو چئي سگهجي. ڇاڪاڻ ته ان جي بدبختيءَ جي سموري ڪٿا هنن ٻن لفظن ۾ سميٽيل آهي. خوف ۽ ڏک. جيئن ئي انهن ٻنهي ڳالهين کان ڪيس نجات ملي، سموريون سعادتون سندس قبضي ۾ اچي وينديون. زندگيءَ جا جيترا ڪنڊا به ٿي سگهن ٿا، سينى کي هڪ هڪ ڪري ڳڻيو، توڙي اهي جسم ۾ چڀيل هجن توڙي دماغ ۾، توڙي موجوده زندگيءَ جي آرام ۾ خلل وجهندڙ هجن توڙي آخرت جي زندگيءَ ۾، اوهان ڏسندؤ اهي ڪنڊا ٻنهي ڳالهين کان ٻاهر ناهن يا خوف جو ڪندو آهي يا غم جو. قرآن چوي ٿو ته ايمان جي واٽ سعادت جي واٽ آهي. جنهن جا پير انهيءَ واٽ تي ڄمي ويا انهي لاءِ ٻئي ڪنڊا بي اثر ٿي ويندا. انهيءَ جي لاءِ نه ڪا ڳڻتي هوندي ۽ نه ڪنهن قسم جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غمگيني.

## عقل ۽ عقل کان مٿاهان

قرآن انهيءَ ڳالھ جي بہ مذمت ڪري ٿو تہ علم ۽ دانائي کان سواءِ ڪا ڳالھ مڃي وڃي ۽ انهيءَ ڳالھ کي بہ ننڌي ٿو تہ ڇڙو عدم ادراڪ جي بنياد تي ڪا ڳالھ نہ مڃي وڃي. جيڪڏهن غور ڪندؤ تہ معلوم ٿيندو تہ انسان جي فڪري گمراهين جو سرچشمو اهائي ڳالھ آهي. يا تہ هو عقل ۽ ديد کان ايڏو مڏو ٿي وڃي ٿو جو هر ڳالھ بنا سمجهڻ ۽ پرجهڻ جي مڃي وٺي ٿو ۽ هر واٽ تي اکيون ٻوٽي هلندو رهي ٿو يا وري سمجھ جو غلط استعمال ڪري ٿو. پر جتي بہ ڪا حقيقت ان جي شخصي سمجھ کان مٿانهين ٿي تہ پوءِ همراھ جو مڃڻ کان انڪار. اصلي ڪڙين تي پڳو پيو ويندو. اهڙي طرح سان تہ حقيقت جي اثبات ۽ وجود جو مدار صرف هڪ خاص فرد جي سمجھ تي منحصر رهجي ويندو.

صورتون بہ آهن ۽ ٻنهي جي نوعيت هڪ ناهي. هڪ هيءَ تہ ڪا ڳالھ عقل جي خلاف هجي. هڪ هيءَ تہ توهان جي عقل کان مٿاهين هجي. ڪيتريون ڳالهيون اهڙيون ٿي سگهن ٿيون جن جو احاطو توهان جي سمجھ نٿي ڪري سگهي. ليڪن توهان هي فيصلو نٿا ڪري سگهو تہ اهي منديئون عقل جي خلاف آهن. اهو هن ڪري بہ جو هڪ تہ فردن جي عقلي سگھ هڪ جهڙي ڪونهي. ٻيو هي تہ انساني عقل لڳاتار اوسر ۽ ارتقا جي حالت ۾ آهي. ان ڪري هڪ دور جو عقل جن ڳالهين جو اثبات نٿو ڪري ٻئي دور لاءِ اهي عقلي مڃتائون بڻجي وڃن ٿيون. ٽين ڳالھ هي تہ انساني عقل جو ادراڪ هڪ خاص حد کان اڳتي نٿو وڌي سگهي. ۽ عقل جو فيصلو بہ ساڳيو آهي تہ حقيقت انهيءَ حد تي ختم نٿي ٿئي.

## مرد ۽ عورت جي اخلاقي مساوات

قرآن مرد ۽ عورت ٻنهي جو مساوي حيثيت سان ذڪر ڪيو آهي. ۽ مرتبن ۽ خصلتن جي لحاظ کان هو ٻنهي ۾ ڪا تفريق نٿو ڪري. سورت نساءِ ۾ جتي ازدواجي زندگيءَ جي حڪمن جي تشريح آهي اتي چٽن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظن ۾ واضح ڪيل آهي ته مرتبن ۽ چڱاين جي لحاظ کان ٻئي هڪ جهڙائيءَ سان پنهنجي پنهنجي واٽ تي آهن ۽ ٻنهي لاءِ هڪ ئي طرح جي مرتبن وارو دروازو کليل آهي:

وللرجال نصيب مماڪتسبت.....

”(جيئن) مرد کي پنهنجي عملن ۽ ڪمائيءَ جي ڦل تي حق ۽ حصو آهي (تيئن) عورت کي به پنهنجي عمل ۽ ڪمائيءَ جي ڦل تي حق ۽ حصو آهي.“ (نساءَ-٣٢)

اهوئي سبب آهي جو قرآن جهڙي طرح نيڪ مردن جي مرتبن کي ٻڌائي ٿو، ساڳي طرح نيڪ عورتن جا مرتبا به ٻڌائي ٿو يعني جهڙي طرح مردن ۾ مسلم ۽ مومن آهن اهڙي طرح عورتن ۾ به قانت (الله جون فرمانبردار) عورتون آهن. جهڙي طرح مردن ۾ سچار مرد آهن، اهڙي طرح عورت ۾ به سچار عورتون آهن. جهڙي طرح مردن ۾ الله جو خوف رکڻ وارا ۽ ان جو ڪثرت سان ذڪر ڪرڻ وارا آهن، اهڙي طرح عورتن ۾ به الله جو خوف رکڻ واريون ۽ ان جو ڪثرت سان ذڪر ڪرڻ واريون آهن.

## قرآن جي شاهدي

مردن جي لاءِ فرمايو ويو:

التائبون العابدون....

”(پنهنجي ڪمزورين ۽ خطائن کان) توبه ڪرڻ وارا، عبادت ۾ سرگرم رهڻ وارا، الله جو حمد ۽ ثنا ڪرڻ وارا، سير سياحت ڪرڻ وارا، رڪوع ۽ سجدي ۾ جهڪڻ وارا، نيڪيءَ جو حڪم ڏيڻ وارا، براين کان روڪڻ وارا ۽ الله جي بيهاريل حدن جي حفاظت ڪرڻ وارا.“ (توبه-١١٢)

عورتن جي لاءِ به فرمايو ويو:

مسلمات مومنات قانتات...

”مسلم عورتون، مومن عورتون، فرمانبردار، توبه ڪرڻ واريون،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبادت ڪرڻ واريون، سير سياحت ڪرڻ واريون." (تحريم-٥)

منافقن جو ذڪر ڪيو ويو ته ٻنهي جنسن جو ذڪر ڪيو ويو:

المنافقون والمنافقات بعضهم....

"منافق مرد ۽ منافق عورتون سڀ هڪ ٻئي جي جنس آهن. برائين جو حڪم ڏين ٿا ۽ چڱين ڳالهين کان روڪن ٿا ۽ (حق جي راهه ۾ خراچ ڪرڻ کان) پنهنجو مٺيون بند رکن ٿا. حقيقت هي آهي ته هنن الله کي وساري ڇڏيو آهي. تنهن ڪري الله تعاليٰ به کين وساري ڇڏيو آهي. (يعني کين ڏکهو رستو ڏنو آهي) بيشڪ اهي منافق ئي آهن جيڪي (حق جي دائري کان) ٻاهر نڪري ويا آهن." (توبه-٦٧)

وري فرمايائين:

ان المسلمين والمسلمات...

مسلمان مرد ۽ مسلمان عورتون، ۽ مومن مرد ۽ مومن عورتون، ۽ فرمانبردار مرد ۽ فرمانبردار عورتون ۽ سچائي تي پختا مرد ۽ سچائيءَ تي پختيون عورتون، صبر ڪرڻ وارا مرد ۽ صبر ڪرڻ واريون عورتون، نماڻا مرد ۽ نماڻيون عورتون، صدقا ڏيندڙ مرد ۽ صدقا ڏيندڙ عورتون، روزا رکندڙ (پرهيزگار) مرد ۽ روزا رکندڙ (پرهيزگار) عورتون، پاڪدامن مرد ۽ پاڪدامن عورتون، الله کي گهڻو ياد ڪندڙ مرد ۽ الله کي گهڻو ياد ڪندڙ عورتون، (ٻنهي لاءِ) بخشش ۽ وڏو اجورو تيار ڪري رکيو ويو آهي. (احزاب-٣٥)

غور ڪيو ته قرآن مرد ۽ عورت جي ڪنهن وصف ۾ به فرق ناهي ڪيو. ڪنهن مرتبي ۾ به امتياز ڪونهي. ڪنهن معتبرائپ ۾ عدم مساوات ڪونهي، پوءِ اهو ڪيئن ممڪن آهي ته جنهن قرآن مردن ۽ عورتن جي اخلاقي مساوات جو ايڏو لحاظ رکيو هجي اهو روين ۽ حقن ۾ مردن جي جنس جي مقابلي ۾ عورتن جي جنس سان زيادتي ڪندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## صبر ۽ شڪر

"صبر" جي معنيٰ آهي مشڪلاتن ۽ مصيبتن جي مقابلي ۾ جميل رهڻ. "شڪر" جي معنيٰ آهي ته الله تعاليٰ جي بخشيل سگهه ۽ نعمتن جو قدر ڪرڻ ۽ انهن کي صحيح طرح ڪم آڻڻ. هي خدا جو مقرر قانون آهي ته جيڪا قوم مشڪلاتن ۽ مصيبتن جي مقابلي ۾ ثابت قدم ۽ اڏول رهي ٿي ۽ خدا جي عطا ڪيل نعمتن جو قدر ڪري ٿي ۽ انهن نعمتن کي سهڻي نموني استعمال ڪري ٿي ته خدا کين اڃان به وڌيڪ نعمتون عطا ڪري ٿو. ليڪن جيڪا قوم انهن نعمتن جو شڪر ۽ قدر شناسي نه ٿي ڪري ته اها محرومي ۽ نياڳ جي عذاب ۾ ونڃي وڃي ٿي. ۽ اهو الله جو سخت عذاب آهي جيڪڏهن ڪنهن انساني گروهه جي حصي ۾ پلئه پئجي وڃي.

غور ڪريو، هي تاريخ جو سڀ کان وڏو سچ آهي ته جيڪو فرد يا قوم خدا جي بخشيل نعمتن جو قدر ڪري ٿو، مثلاً خدا ان کي فتحمندي ۽ ڪامراني عطا ڪئي ته هو ان نعمت کي سچائي ان کي چڱي طرح ڪم آڻي ها ۽ ان جي حفاظت کان غافل نه رهي ها. اهڙي صورت ۾ هو وڌيڪ نعمتن جو مستحق ٿي وڃي ها، ۽ جيڪو ائين نٿو ڪري ان جي نامرادي ۽ تباهيءَ ۾ پلا ڪهڙو شڪ ڪري سگهجي ٿو.

## مال ڪمائڻ ۽ خرچ ڪرڻ

هر انسان جي ذهني ۽ جسماني سگهه هڪ جهڙي نٿي ٿئي، انهيءَ ڪري معيشت جي وسيلن کي حاصل ڪرڻ جي لحاظ کان سڀني جي حالت هڪ جهڙي ناهي. ڪنهن کي ڪمائڻ جي لاءِ وڌيڪ موقعا حاصل ٿي ويا ته ڪنهن کي ٿورا. پهريائين طاقت جو مقابلو ٿيو جنهن ۾ طاقتور ڪمزور کي ڊاهي وڌو. پوءِ وري ذهن ۽ جسم جو مقابلو شروع ٿيو جنهن ذهني قوت جسماني قوت کي نهوڙي رکيو.

قرآن انهيءَ صورتحال جي مزاحمت نٿو ڪري ته حيثيت جي لحاظ کان سڀني انسانن جي حالت هڪ جهڙي ناهي. ليڪن هيءَ ڳالهه برداشت نٿو ڪري سگهي ته رزق جي لحاظ کان ماڻهن جي حالت هڪ جهڙي نه هجي، ڪنهن کي ملي ۽ ڪنهن کي نه ملي، قرآن چوي ٿو ته هر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسان جيڪو دنيا ۾ پيدا ٿيو آهي دنيا جي رزق وارن وسيلن مان حصو ماڻڻ جو هڪجهڙو حقدار آهي.

قرآن جي هن گهرائي ۾ هي بنيادي وٽ سمايل آهي ته اهو انسان ذات جي مختلف فردن ۽ جماعتن کي هڪ ٻئي کان الڳ ۽ ورهايل تسليم نٿو ڪري. بلڪ سيني کي هڪ ئي گهراڻي جا مختلف فرد ليکي ٿو. اهڙا فرد جيڪي پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان جڙيل آهن ۽ هڪ ٻئي سان حال ڀائي آهي.

قرآن چوي ٿو ته "ڪمائيءَ جي حق" جو ڏاڳو "خرچ ڪرڻ جي ذميداري" سان ٻڌل آهي. اهي ٻئي لازم ملزوم آهن. توهان انهن کي هڪٻئي کان الڳ نٿا ڪري سگهو. قرآن جي مطابق ڪمائي ڪرڻ جي معنيٰ آهي ته خرچ ڪرڻ جي ذميداري ڪنئي وڃي. توهان جيترو ڪمائي سگهو ٿا ڪمايو. ليڪن هي نه وساريو ته "زياده ڪمائڻ، زياده خرچ ڪرڻ جو نالو آهي." قرآن چئي ٿو ته ماڻهن جا هٿ ڪمائيءَ جي لاءِ آهن ليڪن سماج جا هٿ (حق) خرچ ڪرائڻ لاءِ آهن. مطلب ته معيشت جي نظام ۾ قرآن، مال ڪمائڻ جو معاملو، مال کي خرچ ڪرڻ سان ٻڌل رکيو آهي. جيڪڏهن مال کي خرچ ڪرڻ جو انڪار سامهون اچي ٿو ته ان صورت ۾ ڪابه ڪمائي جائز تسليم نٿي ڪري سگهجي. هر اها ڪمائي جيڪا رڳو دولت جمع ڪرڻ لاءِ هجي ۽ ان ۾ (حقدارن لاءِ) خرچ جو دروازو ڪليل نه هجي ته قرآن وٽ اها دولت ناجائز، ناپاڪ ۽ پڪڙ لائق آهي.

## بدعمليءَ جو وڏو مرڪز

انفرادي زندگيءَ ۾ بدعمليءَ جو وڏو مرڪز، دنياوي زندگيءَ جي عياشي آهي. خوشحالي ۽ دولتمندي جي حالت جيڪڏهن ڪنهن سماج ۾ ڦهلجي وڃي ته انهيءَ کان وڏي ڪان برڪت ڪونهي. ليڪن جيڪڏهن اها صرف چند هٿن ۾ هٿيڪي ٿي وڃي انهيءَ کان وڏيڪ ڪو فتنو ڪونهي. ڇاڪاڻ ته دولت جيڪڏهن چند فردن جي قبضي ۾ اچي وئي ۽ باقي سوسائٽيءَ جا فرد ان کان محروم رهيا ته پاڻ هرتو هر قسم جي برتري ۽ قبضو چند ماڻهن جي هٿن ۾ اچي ويندو ۽ اهڙي برتري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ قبضي جو نتيجو باطل غرور ۽ حق کان منهن موڙڻ آهي. انهيءَ صورتحال جا ڏکائيندڙ مثال هر طرف موجود آهن. اهوئي سبب آهي ته قرآن جنهن اجتماعي خوشحاليءَ کي الله جو سڀ کان وڏو فضل قرار ڏني ٿو، انهيءَ کي انفرادي حالت ۾ ”فتنو“ ۽ ”متاع غرور“ (حراميپڻ جو اثاثو) به سڏي ٿو.

اڄ سموري دنيا ۾ شور متل آهي ته انفرادي سرمائيداري دنيا جي لاءِ مصيبت آهي ليڪن قرآن چوڏهن سؤ سال پهريائين ان کي ”فتنو“ قرار ڏئي چڪو ۽ انهيءَ جي لاءِ ”اڪتناز“ (ميڙڻ) جو لفظ ڳالهائي چڪو آهي.

والذين يكنزون الذهب والفضة ولا ينفقونها ....

”۽ جيڪي ماڻهو چاندي ۽ سون پنهنجي ذخيرن ۾ گڏ ڪري رکندا رهن ٿا ۽ ان کي الله جي راهه ۾ خرچ نٿا ڪن، تن کي دردناڪ عذاب جي خوشخبري ٻڌائي ڇڏ.“ (توبه-۳۴)

عجب جي ڳالهه آهي ته جيستائين قرآن جي صدا، قرآن جي صدا آهي ته اوهان جي نظرن ۾ اڻڄجي نٿي. جڏهن ساڳي ڳالهه وقت جي ذهن ۽ فڪر مان اٿڻ لڳي ٿي ته فوراً ان کي پوڄڻ ٿا شروع ڪيو.

## فضيلت ۽ ڪامرانيءَ جا طريقا

سورت اعراف ۾ آهي:

وان تدعوهم الي الهديٰ لا يسمعوا وتراهم ينظرون اليک وهم لايبصرون- خذالعفو وامر بالمعروف واعرض عن الجاهلين.

”(اي پيغمبر!) جيڪڏهن تون انهن ماڻهن کي سڌي رستي ڏانهن سڏين ته هو ڪڏهن به تنهنجو سڏ نه ٻڌندا. توکي ائين ٿو ڏسڻ ۾ اچي ته هو تنهنجي طرف نهاري رهيا آهن پر حقيقت هي آهي ته هو توکي ڪونه ٿا ڏسن. (بهرحال) نرمي ۽ درگذر کان ڪم وٺ، نيڪيءَ جو حڪم ڏي ۽ جاهلن کان مڙي لنگهه.“ (آيت- ۱۹۸-۱۹۹)

غور ڪريو ته قرآن ٿورڙن لفظن ۾ زندگيءَ جي اخلاقي مشڪلاتن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو پورو حل. فضيلت ۽ ڪامرانيءَ جا سمورا طريقا واضح ڪري ڇڏيا آهن. "خذالعفو". "امر بالمعروف" ۽ "اعراض عن الجاهلين" يعني "ناسمجهن جي ناسمجهيءَ کي بخشي ڇڏڻ". "چڱاين جي پرچار ۾ سرگرم رهڻ" ۽ "جاهلن جي پچر ڇڏي ڏيڻ." هن ڳالھ کي اڃاترو ڏسندؤ ته پتو نه پوندو. چڱيءَ طرح ۽ وري وري غور ڪيو. انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ جو ڪهڙو گوشو آهي جنهن جون سموريون عملي ڏکيائيون هنن ٽن اصولن سان حل نٿيون ٿين؟ متي پهرين آيت ۾ فرمايل آهي ته "حقيقت هي آهي ته توکي ڪونه ٿا ڏسن. (جيڪڏهن ڏسن ها ته ڪڏهن به انڪار نه ڪن ها) سو هڪ ڏسڻ سلمان فارسيءَ جو هو جنهن کان پهرين نظر ۾ رڙ نڪري وئي ته والله ما هذا لوجه ڪذاب- (خدا جو قسم هيءَ صورت ڪوڙي ماڻهوءَ جي نٿي ٿي سگهي) ۽ هڪڙو ڏسڻ ابوجهل جو هو جو چوي پيو ته "هي ڪهڙو نبي آهي جو ماڻهن وانگر کاڌي جو محتاج آهي ۽ بازار ۾ گهمي." (الفرقان-٧)

## عهد نڀائڻ ۽ قرآن

جاهليت واري دور جا عرب عهد نڀائڻ جي اخلاقي قدر ۽ اهميت کان بي خبر نه هئا. انهن ۾ اهڙا ماڻهو به هئا جيڪي پنهنجي قبيلي جي فخر وارين ڳالهين ۾ سڀ کان اڳري حيثيت عهد نڀائڻ کي ڏيندا هئا. ليڪن جيستائين اجتماعي معاهدن جو تعلق آهي ته انهن وٽ عهد نڀائڻ جو عقيدو ڪابه عملي حيثيت نه رکندو هو. اڄ هڪ قبيلو ٻئي قبيلي سان معاهدو ڪندو هو ۽ سياڻي ڏسندو هو ته ان جا نوان مخالف وڌيڪ طاقتور ٿي ويا آهن ته اماڻڪ وڃي انهن سان ملي پنهنجي پوئين حليف تي حملو ڪري ڏيندو هو. اهو جيڪڏهن دشمن ڌر سان امن جو معاهدو ڪندا هئا ۽ ڏسندا هئا ته هاڻي ان جي ڪمزوريءَ جو فائدو وٺڻ جو موقعو پيدا ٿي پيو آهي ته معاهدي جو احترام هڪ گهڙيءَ لاءِ به کين حملي ڪرڻ کان نه روڪيندو هو ۽ بي خبريءَ ۾ دشمن تي وڃي ڪڙڪندا هئا.

قرآن. ايمانداري. سچائي ۽ ديانتداريءَ جو جيڪو روح پيدا ڪرڻ گهري پيو. اهو هڪ گهڙيءَ لاءِ به اهڙي بداخلاقي برداشت نه پيو ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهي. ان عهد نڀائڻ، معاهدي وارن شرطن ۽ واعدي جي احترام جو جيڪو معيار مقرر ڪيو آهي. اهو ان حد تائين مٿاهون، قطعي، بي لچڪ ۽ عالمگير آهي جو انساني عملن جو ڪوبہ گوشو ان کان ٻاهر نٿو رهي سگهي. قرآن چئي ٿو تہ فرد هجي يا گروهہ، ذاتي معاملا هجن يا سياسي، عزيز هجن يا اجنبي، پنهنجي قوم ۽ مذهب جا هجن يا ڌاري قوم ۽ مذهب جا، دوست هجن يا دشمن، امن جي حالت هجي يا جنگ جي، ڪنهن بہ حالت ۾ عهد ٽوڙڻ جائز ناهي. اهو هر حالت ۾ جرم آهي، خطا ۽ گناهہ آهي، الله سان هڪ ڳالهہ ڪري ان کي ٽوڙڻ آهي ۽ پنهنجو پاڻ کي سخت عذاب جو مستحق ڪرڻ آهي.

اهو ئي سبب آهي جو قرآن هر هنڌ عهد نڀائڻ تي زور ڏنو آهي ۽ جتي بہ مومنن جي ايماني معتبرائين جي تصوير ليکي آهي، هيءَ وصف سڀني کان وڌيڪ اڀريل نظر اچي ٿي.

والموفون بعدهم اذا عاهدوا.

”۽ جڏهن زبان ڏين ٿا تہ انهيءَ کي پورو ڪري ڏيکارن ٿا.“
(بقره_١٧٧)

والذين هم لامانتهم وعهدهم راعون.

”۽ جن جي حالت اها آهي پنهنجي امانتن ۽ عهدن جو لحاظ رکن ٿا.“

حديثن ۾ منافق جي هيءَ سڃاڻ ٻڌائي وئي آهي تہ ”جڏهن واعدو ڪري تہ ان کي پورو نہ ڪري.“

ولا تكونوا كالتي نقضت غزلها....

”(واعدو ۽ عهدنامون ٽوڙي) توهان انهيءَ عورت وانگر نہ ٿيو جنهن وڏيءَ محنت سان سٽ ڪتيو ۽ پوءِ ان کي پاڻ ئي چيني ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو. توهان هڪ ٻئي جي معاملن ۾ پنهنجي قسمن کي مڪر ۽ فساد جو ذريعو بنايو ٿا، هن لاءِ تہ هڪڙي جماعت (يا قوم) ٻيءَ جماعت کان (طاقت ۾) وڌي وئي آهي. (ياد رکو تہ) الله تعاليٰ هن معاملي ۾ توهان جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(سچائي، ايمانداري ۽ استقامت) جي آزمائش ٿو وٺي (ته توهان طاقت واري قوم جي پاسخاطري ڪرڻ تا لڳو يا پنهنجي عهدنامي تي قائم ٿا رهو) جن جن ڳالهين ۾ توهان اختلاف ٿا ڪريو تن جي حقيقت ضرور قيامت جي ڏينهن توهان جي مٿان چٽي طرح ظاهر ڪئي ويندي.“ (نحل-٩٢)

## رسول اڪرم صه جو مهرباني ۽ رحمت وارو شان

سورت توبه جي آخري ٻن آيتن ۾عرب جي انهيءَ نسل سان خطاب آهي جيڪو انهيءَ وقت مخاطب هو.

فرمايائين:

لقد جاءَ ڪم رسول من انفسڪم...

”توهان وٽ (الله جو) هڪ رسول اچي ويو آهي جيڪو توهان منجهان ئي آهي. توهان جو ڏک ۽ تڪليف ۾ پوڻ هن کي ڏاڍو ڏکارو ٿو ڪري، هو توهان جي ڀلائيءَ جو ڏاڍو خواهشمند آهي. هو مومنن جي لاءِ شفقت رکندڙ (مهربان) ۽ رحمت رکڻ وارو آهي. (اي پيغمبر) جيڪڏهن انهيءَ هوندي به هي ماڻهو منهن موڙين (۽ غفلت ڪن) ته ڪين ٻڌائي ڇڏ ته الله جو سهارو ڪافي آهي. ڪوبه معبود ڪونهي مگر فقط سندس ذات. مان انهيءَ تي ئي ڀروسو رکيو. هو (سڄي ڪائنات جي شهنشاهي جي) عرش عظيم جو خداوند آهي.“(توبه ١٢٨، ١٢٩)

هتي ڏوڙيو ويو آهي ته الله جو رسول ڪنهن ٻي جڳهه تان اوهان ۾ اچي نه نڪتو آهي. سنت الاهي جي مطابق خود توهان مان ئي پيدا ٿيو. ۽ ڄاڪاڻ ته توهان مان ئي آهي ان ڪري منڍ کان آخر تائين سندس زندگيءَ جون سموريون ڳالهيون توهان جي اکين آڏو رهيون آهن. ان جو ٻاروتڻ به اوهان ۾ گذريو، سندس جوانيءَ جا ڏينهن به اوهان ۾ گذريا. وري هن نبوت جو اعلان ڪيو ته اوهان کان لڪي زندگي ڪونه گذاريائين، سندس سموريون ڳالهيون اوهان اکين سان ڏسندا رهيؤ. پوءِ جو ڪجهه مٿس گذريو هو سو گذريو. اوهان سندس مظلومي ۽ بيڪسيءَ جا ڏينهن به ڏٺا،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وحشت ۽ تشدد تي بدل هئا. ۽ پيغمبر اسلام ۽ سندس ساٿين جو هڪ هڪ فعل صبر ۽ تحمل، سچائي ۽ ديانت، معافي ۽ درگذر جو مثاهون نمونو هو. ڏنو وڃي ته:

١- مظلوميءَ ۾ صبر
٢- مقابلي ۾ پختگي
٣- معاملن ۾ ديانتداري
۴- طاقت ۾ اختيار ۽ درگذر

انساني تاريخ جا اهڙا نوادر آهن جيڪي ڪنهن به هڪ زندگيءَ ۾ ڪڏهن اهڙي طرح جمع نه ٿيا جهڙي طرح رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي شخصيت اندر جمع ٿيا ۽ نبوت جو سمورو دور انهن نوادرن جي روشنيءَ سان روشن رهيو.

## نذير ۽ بشير

انسان جي هڪ عالمگير گمراهي هي رهي آهي ته جڏهن ڪو انسان روحاني عظمت سان ظاهر ٿيندو آهي ته چاهيندو آهي ته کيس انسانيت ۽ عبديت جي سطح کان مٿاهون ڪري ڏٺو وڃي. ليڪن قرآن پيغمبر اسلام جي حيثيت اهڙي طرح صاف ۽ قطعي لفظن ۾ واضح ڪري ڇڏي جو هميشه لاءِ انهيءَ گمراهيءَ جو ازالو ٿي ويو. صرف هيءَ ڳالهه ئي قرآن جي صداقت جي اثبات لاءِ ڪافي آهي.

جيڪا دنيا رهبرن کي خدا ۽ خدا جو پٽيلو بنائڻ جي خواهشمند هئي، اسلام جي پيغمبر صلي الله عليه وسلم ان کان ابتري تقاضا به نه ڪئي ته ڪاهن (١) وانگر مون کي غيب دان تسليم ڪريو. وڌ ۾ وڌ پنهنجي متعلق جيڪا ڳالهه ٻڌائي سا هئي ته مان انڪار ۽ بدعمليءَ جي نتيجن کان خبردار ڪرڻ وارو "نذير" ۽ ايمان ۽ نيڪ عملي جي برڪتن جي بشارت ڏيڻ وارو "بشير" هڪ عبد آهيان. جيڪڏهن غيب دان هجان ها ته زندگيءَ جو ڪوبه صدمو ۽ تڪليف مون کي نه پهچي ها.

---

(١) ڪاهن: جنن کان معلومات وٺي ڳجهيون خبرون ٻڌائڻ وارو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سورت فاتحہ جو تعليمي روح

سورت فاتحہ ”ام القرآن“ آهي يعني قرآن جو بڻ بنياد آهي. قرآن جي سيني سورتن ۾ دين جا جيڪي مقصد تفصيل سان بيان ڪيا ويا آهن، سورت فاتحہ ۾ انهن جو اجمالي شڪل ۾ بيان موجود آهي. ان جو بيان دعا وارو آهي ۽ ان کي روز جي پنج وقتي نماز جو لازمي حصو قرار ڏنو ويوآهي. اچو تہ ٿورو ان جي تعليمي روح کي ڏسئون:

١ـ سورت فاتحہ ۾ انسان الله جي حمد ۽ ثنا جهونگاري ٿو. هو ان خدا جي حمد ۾ نٿو جهونگاري جيڪو نسلي ۽ مذهبي گروهہ بندين جو خدا هجي، بلڪ ان ”رب العالمين“ جو حمد ڪري ٿو جيڪو ڪائنات جي سموري خلقت جو پالڻهار آهي ۽ سموري انسانذات جي لاءِ هڪ جهڙي پروردگاري ۽ رحمت رکي ٿو. هتي انسان جو عالمي فڪر سان لاڳاپو ٿئي ٿو.

٢ـ وري انسان خدا کي ان جي صفتن سان پڪارڻ چاهي ٿو تہ ”رحمت ۽ ”عدالت“ جون صفتون کيس ورد ۾ اچن ٿيون. جڻ تہ خدا جي هستيءَ جو اظهار ان لاءِ سراسر رحمت ۽ عدالت جو اظهار آهي. جنهن جو مظهر انسان کي پاڻ بہ ٿيڻو آهي. ڇو تہ ان جو حساب ڪتاب کيس ڏيڻو آهي.

٣ـ انسان پنهنجي سيس نوائي پنهنجي ٻانهپ جو اقرار ڪري ٿو. چئي ٿو صرف تنهنجي هڪ ذات آهي جنهن جي اڳيان ٻانهپ ۽ نوڙت سان مٿو جهڪي ٿو ۽ صرف تون ئي آهين جو اسان جي سمورين، مصيبتن، تڪليفن ۽ محتياجين ۾ مددگاريءَ جو سهارو آهين. انسان پنهنجي عبادت ۽ مددگاري، ٻنهي کي صرف هڪ ذات سان وابستہ ڪري ڇڏي ٿو ۽ دنيا جي سمورين قوتن ۽ هر طرح جي انساني حڪمرانين کان بيپرواهہ ٿي وڃي ٿو.

٤ـ پوءِ انسان خدا کان سڌي رستي تي هلڻ جي توفيق گهري ٿو. هيءَ گهرَ اهڙي هوندي آهي جنهن کان زبان بہ اڻ واقف هوندي آهي. اها ڪهڙي سڌي واٽ؟ ڪنهن خاص شخص، نسل يا مذهبي حلقي جي سڌي واٽ؟ هرگز نہ! بلڪ اها واٽ جيڪا دنيا جي سيني مذهبي اڳواڻن ۽ سيني سچار ۽ ديانتدار انسانن جي متفق واٽ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٥- اهڙي طرح انسان محرومي ۽ گمراهيءَ جي انهن واٽن کان پناهه گهري ٿو، جيڪي دنيا جي سيني محروم ۽ گمراهه انسانن جون واٽون رهي چڪيون آهن.

٦- اهڙي طرح انسان جنهن ڳالهه جو طلبگار آهي اها به انسانذات جي عالمگير چڱائي آهي ۽ جنهن ڳالهه کان پناهه گهري ٿو اها به انسانذات جي عالمگير برائي آهي. نسل يا مذهبي گروهه بنديءَ جي تفرقي ۽ امتياز جو سايو به هن جي دل ۽ دماغ تي نظر نٿو اچي.

غور ڪيو مذهبي تصور جي هيءَ نوعيت انسان جي ذهن ۽ راين جي لاءِ ڪهڙي قسم جو سانچو مهيا ڪري ٿي. جنهن انسان جو دل ۽ دماغ اهڙي سانچي مان گهڙجي نڪرندا اهو ڪهڙي قسم جو انسان هوندو؟ گهٽ ۾ گهٽ ٻن ڳالهين کان اوهان انڪار نٿا ڪري سگهو. پهرين ڳالهه ته ان جي خدا پرستي خدا جي عالمگير رحمت ۽ جمال جي تصور واري خدا پرستي هوندي. ٻيو هي ته اهو انسان ڪنهن معنيٰ ۾ به نسل ۽ گروهه بندين جو انسان نه هوندو، بلڪ عالمگير انسانيت جو انسان هوندو ۽ اهو ئي قرآن جي دعوت جو اصل روح آهي.

*(ترجمان القرآن تان ورتل)*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## شڪ ۽ يقين

### ٻه بنيادي بيماريون

قلب ۽ روح جون جيڪي ٻه بيماريون آهن انهن جو اصل بنياد ٻه مرض آهن، هڪ الحاد ۽ انڪار جو مرض ۽ ٻيو وهم ۽ سوفسطائيت جو مرض. باقي ٻيون سڀ بيماريون، ان جي پوئواري ۽ نتيجي ۾ اسرن ٿيون. ٻنهي قسم جي مرضن ظاهر ٿيڻ جون علامتون ۽ آثار مشترڪ آهن. يعني ٻنهي جو نتيجو شڪ، جاهلاڻو ضد ۽ بي چيني آهي. اهڙي طرح فطرتي اطمينان، قلب جو سرور ۽ راحت، ۽ قرآن جي اصطلاح ۾ "مطمئن نفس" جي ڪيفيت ٻه انهن مرضن جي ڪري پيدا نه ٿيون ٿين.

انهيءَ لحاظ کان هي مرض هڪ روڳ آهي جيڪو هن جهان ۾ وحي الاهي ۽ نبوت جي حڪمن نه مڃڻ ڪري انسان کي وڪوڙي وٺي ٿو، جنهن ڪري ماڻهو يقين، قطعي دليل، دل جي روشني ۽ تميز کان وانجهو ٿي وڃي ٿو. قرآن مجيد ۾ اهڙن ماڻهن لاءِ چيو ويو آهي:

مالهم بذالک من علم...

"انهي ٻه نسبت هنن کي علم آهي ئي ڪونه. هو فقط اٽڪلون ٿا ڊوڙائين" (جاثيه- ٢۴)

بل هم في شڪ يلعبون.

"ڳالهه هيئن آهي ته اهي (جاهل) شڪن (۽ وهمن) ۾ کيل تماشا ڪري رهيا آهن." (دخان- ٩)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ومن الناس من يجادل في الله...

"۽ ڪجھ ماڻهو اهڙا آهن جو نہ انهن وٽ علم جي روشني آهي نہ ڪنهن قسم جي رهنمائي، نڪو روشن ڪتاب پوءِ بہ آڪڙ ڪندي الله جي باري ۾ جهڳڙا (بحث مباحثا) ڪن ٿا. انهيءَ لاءِ تہ ماڻهن کي الله جي راه کان هٽائي گمراه ڪري ڇڏين. اهڙن ماڻهن لاءِ دنيا جي زندگيءَ ۾ بہ خواري خرابي آهي ۽ قيامت جي ڏينهن بہ اسان کين باه جي عذاب جو مزو چکائينداسون." (حج- ٨-٩)

افمن ڪان علیٰ بينة ....

"پوءِ ڇا جيڪو (خدا جو پانهو) پنهنجي پالڻهار وٽان مليل روشن دليل (۽ واٽ) تي هلندڙ آهي، سو انهن جي برابر ٿي سگهي ٿو جن کي پنهنجي عملن جو برايون سهڻيون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، ۽ جيڪي پنهنجي خواهشن جي پيروي ڪندڙ آهن." (محمد- ١٤)

مالهم به من علم...

"انهيءَ بابت هنن کي ڪجھ بہ علم ڪونهي. هو فقط گمان جي پوئتان لڳي پيا آهن ۽ سچائيءَ جي مقابلي ۾ گمان ڪنهن بہ ڪم جو ناهي ۽ ڪجھ بہ فائدو نہ ٿيندو. سو جن ماڻهن اسان جي نصيحت ·کان منهن موڙي ڇڏيو آهي ۽ دنيائي زندگيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ نٿا چاهين تن کان تون بہ منهن موڙي ڇڏ." (نجم- ٢٨-٢٩)

قل هٰذه سبيلي ادعوا الي الله...

"(اي پيغمبر) تون چئي ڏي تہ منهنجي واٽ تہ هيءَ آهي جو مان انهيءَ روشنيءَ جي مدار تي جيڪا منهنجي سامهون آهي، الله جي طرف ماڻهن کي سڏيان ٿو ۽ (انهيءَ واٽ تي) جن ماڻهن منهنجي پنيان قدم کنيون آهي سي بہ (ساڳي طرح خدا جي طرف ماڻهن کي) سڏين ٿا. وڏي مرتبي ۽ عظمت واري ذات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي الله جي ۽ مان ان سان شرڪ ڪرڻ (وهم گمان ٻڌڻ) وارن مان ڪونہ آهيان.“ (يوسف ١٠٨)

بل ڪذبوا بما لم يحيطوا...

نہ نہ، (اها ڳالھ تہ آهي ئي نہ، اصل حقيقت هي آهي تہ) جنهن ڳالھ کي پنهنجي علم سان پروڙي نٿا سگهن ۽ جنهن ڳالھ جو نتيجو اڃا پيش نہ آيو اٿن تنهن کي ڪوڙو سمجهي رد ڪرڻ لاءِ تيار بيٺا آهن بلڪل اهڙي ئي طرح انهن ماڻهن بہ (حق کي) ڪوڙو ليکيو هو جيڪي اڳي ئي گذريا آهن، پوءِ ڏسو تہ انهن ظالمن جي پڇاڙي ڪهڙي نہ (خراب) ٿي.“ (يونس- ٣٩)

مٿين سيني آيتن ۾ اهڙن وهمي، شڪي ۽ منڪر قسم جي ماڻهن جي ڪيفيت چٽي طرح بيان ڪئي ويئي آهي ۽ اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ انهن جو جاهلاڻو ضد ڪين ڪيڏانهن ورتيون وڃي ٿو. ڇاڪاڻ تہ جنهن نالي ماتر معلومات جو نچوڙ خود اونداهي، شڪ، ڪوري وهم ۽ راءِ کان وڌيڪ ڪونهي تنهن لاءِ واٽون ويھ ٿيون وڃن ۽ جيڪو پاڻ ڀٽڪيل ۽ مت جو موڙهيل آهي اهو ٻين رستن ٿڙيلن جي ڪهڙي رهنمائي ڪري سگهندو.

جوهر طينيت آدم ز خمير دگرست
تو توقع ز گل کوزه گران مي داري

آدم جنهن مٽيءَ جي خمير مان جڙيل هو، تون ڪونئري جي مٽيءَ مان ساڳي توقع ڪيئن ٿو رکي سگهين.

قرآن چوائي ”هو ان بنسبت شڪ ۽ گمان جي اونڌھ ۾ رهندڙ آهن، بلڪ ان بنسبت بلڪل انڌا آهن.“ (نمل- ٦٦)

## مرض کي مٽائڻ جو طريقو:

مرض کي، مرض پيدا ڪرڻ واري شيءِ سان نہ بلڪ ان کي دوا سان مٽائي سگهبو آهي. جيڪڏهن دنيا جو اصل مرض ”يقين“ ۽ ”بصيرت“ کان محرومي آهي ۽ جيڪڏهن ڪو شڪ ۽ گمان جي هلاڪ ڪندڙ مرض ۾ مبتلا آهي تہ ان جو علاج اهي ڪيئن ڪري سگهندا جيڪي پاڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چونڊا آهن تہ اسان جو ادراڪ انهيءَ ڪان وڌيڪ ڪونهي تہ "لا ادري ولا اعلم" اسان نہ ڄاڻئون ٿا ۽ نہ ڇٽي سگهئون ٿا تہ ڇا آهي ۽ ڇا جي لاءِ آهي ۽ هڪ مرحلي تي اهي پاڻ چونڊا تہ اسان جي سوچ جاهلاٽي ضديت جي ور چڙهي وئي:

فمن اظلم ممن افتريٰ...

"پوءِ اهڙي شخص کان ڪير وڌيڪ ظالم ٿي سگهي ٿو جو الله تي ڪوڙ مڙهي ۽ سندس حڪمن کي ڪوڙو (يا اجايو) ليکي رد ڪري. انهن ماڻهن جي نصيب ۾ جيڪي لکيل آهي سو کين (هن دنيا ۾) ملندو. تان جو جڏهن اسان جا موڪليل (موت جا ملائڪ) سندن جانيون قبض ڪرڻ لاءِ وٽن پهچي ويندا تڏهن کين (اهي ملائڪ) چونڊا تہ توهان الله کي ڇڏي جن (ديوتائن ۽ فلسفين) کي پڪاريندا (۽ حجت ٻڌائيندا هيئو) سي ڪٿي آهن. هو جواب ۾ چونڊا تہ اسان کي ڇڏي گم ٿي ويا ۽ اهي پاڻ پنهنجي خلاف شاهدي ڏيندا تہ سچ پچ اسان انڪار ڪرڻ وارن مان هياسين." (اعراف- ٢٧)

انهيءَ شڪ ۽ گمان جو علاج ۽ نسخو "شفاءُ لما في الصدور" يعني دلين جي شفا تہ صرف انهيءَ خلقت جي سڀ کان وڌيڪ ڄاڻو الله جي وحي واري شفاخاني ۾ ملي سگهي ٿو. جيڪو شڪ جي بجاءِ علم ۽ دل جي بينائي، شبهي ۽ گمان جي بجاءِ ڇٽائي ۽ حجت جو پندار آهي. جيڪو "لا ادري" [١] ۽ "لا اعلم" [٢] جي جاءِ تي "اني اعلم" [٣] ۽ "اني اشهد" [۴] بلڪ "رئيت ۽ سمعت" [۵] جي دعويٰ ۽ اعلان ڪري رهيو آهي. جيڪو سموري انسانذات کي هنن لفظن سان سڏي رهيو آهي تہ منهنجي واٽ تہ هيءَ آهي جو مان انهيءَ روشنيءَ جي مدار تي، جا منهنجي سامهون آهي، الله جي طرف ماڻهن کي سڏيان ٿو ۽ (انهيءَ واٽ تي) جن ماڻهن منهنجي پٺيان قدم کنيو آهي سي بہ (ساڳي طرح خدا جي طرف ماڻهن کي) سڏين ٿا."

(١) سمجهہ ۾ ئي نٿو اچي (٢) خبر ئي نٿي پوي (٣) مان ڄاڻان ٿو (۴) مان شاهدي ٿو ڏيان (۵) مون ڏٺو بہ آهي ۽ ٻڌو بہ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## علم ۽ لاعلمي:

علم ۽ لاعلمي ٻئي برابر نٿا ٿي سگهن. قرآن چوي ٿو ته ڇا اهو جيڪو اکيون ٻوٽيل آهي ۽ حقيقت کي ڄاڻڻ لاءِ ڪوڙ علم ۽ يقين نٿو رکي ۽ ٻيو جيڪو دانا ۽ بصير آهي جو انهيءَ سان حقيقت جي روشني ڏسي رهيو آهي، ٻئي برابر ٿي سگهن ٿا؟ ۽ ڇا علم وارن ۽ واٽ منجهيلن جو درجو برابر ٿي سگهي ٿو؟ هڪڙو چوي ٿو ته مون وٽ اچو ته مان توهان کي شڪ سان ستي ڇڏيان، ٻيو چوي ٿو ته مون وٽ يقين ۽ قطعي دليل کان سواءِ ٻيو ڪجھ به ڪونهي. جيئن قرآن چوي ٿو:

لا ياتيه الباطل من بين يديه...

"ڪابه باطل (يعني ڪوڙي يا غلط) ڳالھ اڳئين طرف کان يا پٺئين طرف کان ان جي ويجهو اچي نٿي سگهي. اهو ڪتاب انهيءَ وٽان نازل ٿيو آهي جو وڏي حڪمت وارو آهي ۽ سڀني اعليٰ صفتن سان موصوف آهي." (حم سجده- ۴۲)

قرآن چوي ٿو مان بصيرت يعني حقيقت جي روشني آهيان، علم جي دعوت آهيان، حجت ۽ دليل آهيان، حقيقت جيڪا هڪ کان وڌيڪ نٿي ٿي سگهي ان جي هڪ ئي واٽ آهيان. پڪو پختو طريقو، ڪليل ۽ چٽي واٽ ۽ سڌو سنئون رستو آهيان:

ان هٰذا صراطي مستقيما....

"اهائي واٽ منهنجي بيهاريل سڌي واٽ آهي سو انهيءَ (واٽ) تي هلو. ٻين واٽن تي نه هلو، متان اهي واٽون اوهان کي خدا جي سڌي واٽ کان جدا ڪري ڇڙوڇڙ ۽ گمراھ ڪري ڇڏن." (انعام- ۱۵۲)

پوءِ ٻيلا دنيا کي، جيڪا اطمينان ۽ دل جي قرار جي اڃايل آهي، ڪنهن جو ساٿ ڏيڻ گهرجي؟ انهيءَ جو، جيڪو ٻاڻ شڪ ۽ شبهي جي اونداهين ۾ ٿابا کائي رهيو آهي! هڪ اونداهيءَ مان نڪرڻ لاءِ ٻي اونداهيءَ ۾ ڦاسي ٿو ۽ اونداهي به اهڙي جو ڪيس پنهنجو هٿ به نظر نٿو اچي. هڪ ڳنڍ سلجهائڻ گهري ٿو ته ڏهه نوان مونجهارا مٿي ۾ لڳن ٿا:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

او كظلمات في بحر...

"اهي (ٻـليل ماڻهو) گوبا هڪ تمام اونهي سمنڊ جي اونده ۾ آهن، جنهن تي لهر مٿان لهرون ڇانئجي ويون آهن ۽ انهن جي مٿان وري ڪڪر آهن، يعني اونده مٿان اونده جا طبقا چڙهيل آهن. (ايتري قدر جو) جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجو هٿ ٻاهر ڪڍي ته ان کي به ڏسي نه سگهي. (هيءَ حقيقت آهي ته) جنهن کي خدا (سندس جهل ۽ خود غرضيءَ سبب) روشني نه عطا ڪري، تنهن لاءِ ڪابه روشني آهي ئي ڪانه."
(نور- ۴۱)

انهن سڀني ڪوششن، طلب ۽ ڳولا جو، جيڪا حقيقت تائين پهچڻ لاءِ ڪئي وڃي ٿي، حال هي آهي جو هر نئون مرحلو هڪ نئين گمراهيءَ جو پيام آهي ۽ هر منزل هڪ نئين فاصلي ۽ وڃائجڻ جي مايوسي آهي. جنهن نظريي تي اچي ٽڪي ٿو ۽ جنهن ٿيوريءَ کي فاتح سمجهي پوڄي ٿو، جڏهن اوستائين پهچي ٿو ته يقين جي جاءِ تي خود هڪ نئون شڪ منهن ڪڍي بيهي ٿو ۽ جواب جي جاءِ تي اهو خود هڪ سوال بڻجي بيهي ٿو. اهڙي طرح ان جون سموريون اميدون ۽ سموريون خوشيون ان اڃايل جي اميد وانگر ثابت ٿين ٿيون جيڪو آفريقا جي ريگستان کي فرات ندي سمجهي ڊوڙي ٿو.

## ڪنهن جو پلو پڪڙڻ گهرجي

پوءِ ڇا وڃائجي ويلن کي دليل ۽ هدايت جي طلب ۾ پاڻ جهڙن وڃالن جو پلو پڪڙڻ گهرجي. هن صورت ۾ ضعف الطالب والمطلوب "طلبگار به ويچارو ۽ مطلوب به ويچارو."

يا وري انهيءَ جو سات ڏيڻ گهرجي جنهن جو سڏ ئي اهو آهي ته مان اونداهي ناهيان بلڪ پوري جو پوري روشني آهيان. مان اونداهيءَ ۾ هيڏي هوڏي ڀٽڪڻ وارو قدم ۽ خود پنهنجي هٿن کي نه ڏسي سگهڻ واري اک ناهيان، بلڪ سڄاڻ ۽ گواهيءَ جو سوجهرو آهيان.

بل هو آيات بينات...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”حقيقت هي آهي تہ جن ماڻهن کي علم (۽ سمجهہ) ڏني ويئي آهي تن جي دلين کي اهي چٽيون ۽ روشن آيتون (قرآن مجيد جون الله جي طرفان آيل) ڏسڻ ۾ اچن ٿيون ۽ اسان جي (چٽين) آيتن کان فقط انهن کي انڪار آهي جيڪي زيادتيءَ تي سندرو ٻڌي بيٺا آهن.“ (عنڪبوت- ۴۹)

ايمان ۽ يقين جي الاهي وات تي هٿ هٿ ۾ وٺي هلائيندڙ اها شخصيت ڏسو جنهن لاءِ قرآن شهادت ڏني:

مازاغ البصر وما طغيٰ- لقد رايٰ...

”تڏهن (حضرت جن جي حقيقت ڏسندڙ) نگاهہ نڪي ٻئي طرف ڦري، نڪي حد کان ٻاهر نڪري وئي. (يعني حضرت جن حقيقت کي پوري طرح سمجهيو نہ گهٽ نہ وڌ). يقينا هن پنهنجي پروردگار جون وڏيون وڏيون نشانيون ڏٺيون.“ (نجم-١٧، ١٨)

انهيءَ کان وڌيڪ مشاهدي جي رهبري اوهان کي ڪٿي ملندي؟

ٻيلي پنهنجي لاچاريءَ کان عاجز اچي يقين جي وات کي مافوق ادراڪ ۽ غيب جو نالو نہ ڏيو ڪجهہ پسڻ جي نيت ڪريو تہ ضرور ماڻي وٺندؤ. قرآن کي غور ۽ فڪر سان پڙهو يقين جون واٽون اوهان تي کُلنديون وينديون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪم ڪري؟

* ہي مخلوق ڪيئن ٿي رهي؟
* شين جي ابتدا ڪيئن ٿي؟
* بنيادي سائنس
* ڪائنات جو مطالعو
* سائنس ۽ ايجاد جي دنيا

| | | | |
|---|---|---|---|
| شخصيت سيريز 6 حصا<br>* مشهور پيغمبر ۽ سڌارڪ<br>* مشهور عالم ۽ مفڪر<br>* مشهور اڳواڻ<br>* مشهور فاتح ۽ سورما<br>* مشهور حڪمران<br>* مشهور سنڌي سپوت | سهيڙيندڙ: نور احمد ميمڻ | (شخصيتون) | 20 رپيا في حصو |
| ٻارن لاءِ روشن تارا گيت | سهيڙيندڙ: ابراهيم جويو، اعجاز قريشي، ادل سومرو | (گيت ۽ ٻول) | 15 رپيا |
| آزاديءَ جو امام (سيد تاج محمود امروٽي) | سيد محمود شاه بخاري | | 150 رپيا |
| گيتانجلي | رابندرناٿ ٽئگور | (شاعري/ ڏاهپ) | 50 رپيا |
| مذهب جو فلسفو | مولانا عبيدالله سنڌي | (اسلاميات) | 40 رپيا |
| جديد صحافت | امين لغاري ۽ سعيد ميمڻ | (صحافت) | 100 رپيا |
| سدا سوئيٽا ڪاپڙي | ممتاز مرزا | (يادگيريون) | 120 رپيا |
| قرآن مجيد جو سنڌي ترجمو ۽ تفسير | علامہ علي خان ابڙو | (قرآنيات) | 300 رپيا |
| ٿر (تاريخ ۽ آثار، ثقافت ۽ ادب، سائنس ۽ تحقيق) | عبدالقادر منگي | (سنڌشناسي) | 150 رپيا |
| سوچ جو سفر | انعام شيخ | (ڏاهپ) | 150 رپيا |
| سنڌ ڪوٽ ۽ قلعا | اشتياق انصاري | (قديم آثار) | 230 رپيا |
| ٻاراڻا ٻول (ڇهہ ڀاڱا) | احمد خان آصف مصراڻي | (ٻول ۽ گيت) | 30 رپيا في ڀاڱو |
| ٻارن لاءِ لوڪ ڪهاڻيون (ٽي ڀاڱا) | فضل الرحمان ميمڻ | (ڪهاڻيون) | 30 رپيا في ڀاڱو |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مذهب جو فلسفو

## مولانا عبيدالله سنڌي

دين اسلام جي اصل خدا پرست ـ انسان دوست
فڪر جي اپٽار ڪندڙ ڪتاب.

جنهن ۾
انساني هيڪڙائي
انسانيت جا بنيادي اخلاق
تصوف
تمدن جو نظريو
دين، ايمان ۽ عمل
۽ قرآن جي تعليم ـ انقلاب جي تعليم
جهڙن موضوعن تي
مشهور انقلابي اڳواڻ ۽ عالم دين مولانا عبيدالله سنڌيءَ
جا فلسفياڻا ۽ علمي بحث شامل آهن.

ٻيا بار پڙهڻ تي آماده ڪندڙ ڪتاب
صفحا ۲۰۸
ملهه: چاليهه رپيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعویٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَھڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اَھڙيءَ طرح پَڙھندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آھي.

ڪوشش اھا ھوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَھڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ ھِڪَ‌ٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَ کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦھلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنھن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.<br>
... ...<br>
جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛<br>
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛<br>
... ...<br>
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛<br>
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........<br>
... ... ... ...<br>
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،<br>
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!<br>
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،<br>
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٺي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهڻ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چوڻ، چالاڪ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، چو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book